رڪ جهولڙ تي

گيت، غزل، پيهن ۽ ڪلام

چونڊ ڪندڙ: پارو چاولا



"رڪ جهولڻ تي"

(گيت، غزل، ڀڄن، ڪلام،
مداح ۽ لعل جا پنجڙا)

چونڊ ڪندڙ: پارو چاولا

دادا رام پنجواڻيءَ کي،
جنهنجي صحبت ۾ ئي لکڻ
۽ ڳائڻ سکيس

ڀارو چاولا

RAKH JHULAN TE

Selection : **Paroo Chawla**

Published by :

Paroo Thakur Chawla
13-B/3, Jethi-bhen Society,
Mori Road, Mahim,
Bombay-400 016.
Phone : 45 85 88

Printed by :

Madhawdas J. Chhatani (Achhra)
Shree Geeta Printing Press,
ULHASNAGAR-421 003.
Phone : 71016

Year : 1988

Price : Rs. 15/—

(گاڪ ڪلاڪارن لاءِ مفت)

هن ڪتاب بابت :

گذريل ٣٨ سال دادا سان گڏ گذاريا اٿم. پارٽيءَ ۾ ۽ وديش ۾ هن سان رُلڻ ڪيو آهي. آنڌي هجي، طوفان هجي، هو وقت جو پڪو ۽ پابند هوندو هو. هزارين چونڪيون ۽ سٽسنگ ڪيائون ۽ هر چونڪيءَ ۾ سندس اهائي پرارٿنا هوندي هئي ته ”هي دين ديال! پنهنجي هلنديءَ هلائج ۽ ڪنهن جو محتاج نه بڻائج.“ سندس آخرين گهڙيءَ واري پانڌرا واري پروگرام ۾ چيٽي چنڊ ڏينهن به دادا پاڻ ته اٿين ڇهو

فهرست

صفحو	ڪلام
	الف
XIIII	آيا مٺن ٿيري دوار
١٤	اڪ لڙڪ سان
٢١	آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ
٢٦	اھڙو غفلت جي نشي
٣٢	آءُ ٻانھي تون
٣٩	آرياڻيون اوھان ڇا
٤٣	الاه ڏاڍو آھي
٥٠	اتم جي اميدون
٥١	آھي مون ته غريب
٥١	آسرو ندڙي آھيان
٥٣	اسين موھن ۾
٦٥	آءُ اچي ڏيڻي وچ
٧٠	آيو آيو آ بھاري
٧١	اچا روشني ڏي
٧٢	آئي آھيان تنھنجي
٧٧	الائي ڇا تو چاھي
٨١	اڄ ته اوريان توسان
٨٨	اڄ ٻيھر پلي ڦار ٻڻي

صفحو	ڪلام
٩١	الاه فقير جي فڪر
١١١	اچي درشن ٻنھنجو
١١٤	او شل ٻنھنجو ٻرين
١٢٠	آھين مھربان سائين
١٢١	الاجي ڇا ۾ راضي آ
١٢٣	آھي سڄڻ منھنجو
١٣١	او جڏھن تو ساتوڻ
١٣٤	أمر لکئي جوڙي
١٤١	الاه لڳہ آءُ
١٤٥	آءُ اچي مل
١٥٨	آھي ٻران اندر ۾
١٨٠	اسان جا ڪارج ڪرڻ
١٨١	آنڌيءَ ۾ جوت
١٩١	او لعل منھنجي پت
	ب
٩	بخش ميڏي تقصير
١٦	بادل آيو بھار ميان
٤١	بوند برہ جي بھار
٦٣	ٻڌجي ٻوي حياف

۽ اسان کان به ڇڏائين ۽ انهن جهولڻ کي ياد ڪندي وڃي جهولڻ ۾ سمايو.

هو سنڌيت ۽ سنگيت جو شيدائي هو. ان ڪري جڏهن به ناچاق هوندو هو، گهر هجي چاهي اسپتال ۾ هجي، گڏجڻ وڃونس ته ڇوي ڪلام ڳاءِ...

هيءَ ڪتاب به سندس سڪيا ۽ پريرڻا جو ڦل آهي. دادا کي ٻيو ڇا ٿو ڀيٽ ڪري سگهجي! هن جو روح سنڌين ۽ سنگيت ۾ سمايل آهي.

سندس لئي مهر سان ڪلام لکجي ويو ”ٿوڪل سان ٿي ٿرنڊين ٽار - رکه جهولڻ ٿي“. پڇاڙيءَ جا ٻه ٽي مهنا جنهن ۾ ڇوڪريءَ لئي ويندا هٿاسين ته ڇوندو شروع ڪر ”رکه جهولڻ لئي“. ان ڪري هن ڪتاب جو نالو به ٻيو ڪهڙو ٿو رکي سگهجي!

سندس اهو مهر جو هٿ شل سدا اسان تي رهي ۽ سنڌي ٻولي امر رهي - سنڌي آباد رهن.

پارو چاولا

ڪلام صفحو

ڪلام صفحو

دادا رام پنجواڻيءَ سان گڏ هڪ شام

- ڀارُو چاولا

دادا رام پنجواڻي هڪ انوکي شخصيت جو مالڪ هو. هن جي موجودگي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندي هئي. هن جي فصيح زبان عوام تي جادوءَ جو اثر ڪندي هئي. اجمير وارا دادا کي ستن سالن کان اجمير اچڻ لاءِ منائيندا رهيا هئا. هن دفعي بمبئي کان جئپور تائين هوائي جهاز ۾ وياسين. اُتان وري موٽرڪار ۾ اجمير. اتي ڀڳت ڪنور رام جي ورسيءَ جو پروگرام رٿيو ويو هو.

جنهن گهر ۾ رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو سو دادا پيتو مل (آزاد وارو) دادا کي سچ پچ آيل ڏسي ڦوليو نٿي سمايو. اسان جي گهر ۾ پهچندي ئي گويا هلچل مچي ويئي. کائڻ لاءِ طرح طرح جا طعام رکجي ويا. هڪڙو پريمي ته ٽفن باڪس کڻي اچي پهتو. اجمير جو شهر ننڍو سو جهٽ اجمير جي گهٽين ۾ جنبش اچي ويئي. جيڪي سنت اُتي ورسي تي آيل هئا سي سڀ هڪ هڪ ٿي دادا سان گڏجڻ آيا. ٻيا ته ڪئين کو ڪنهن پاڙي جو مکي، کو ڪنهن دل جو سيڪريٽري هٿن ۾ گلن جا هار کنيو دادا وٽ اچي پهتا ۽ ائين سڀ وهندا ويا ۽ سارو ڪمرو ڀرجي ويو. هر هڪ آيل دادا جي درشن ڪرڻ سان گويا پاڻ

لاءِ بانيڪارن کي ڏاڍي جفاڪشي ڪرڻي پيئي.
ٻنهي طرف مضبوط وا لنٽيئر بيٺا هئا ۽ انهنجي مدد
سان ئي اسٽيج تي هلڻ لاءِ چيو ويو " رام پنجواڻي
زنده باد " " رام پنجواڻي امر رهي " " سنڌي ٻولي
امر رهي " " آيو لعل جهولي لعل " نعرن جي ڌوم
۾ اسين اسٽيج طرف وڌياسين. ٻنهي پاسن کان دادا
کي هر هڪ ٻار ٻڍي پيرين پوڻ جي ڪوشش ٿي
ڪئي. پر دادا سڀ کان اول سنت ڪنور رام جي
آدم قد تصوير کي پرڻام ڪيو ۽ پوءِ هلي اسٽيج تي
ويٺا. دادا ۾ ته اها ڏاتاري ذات هئي جو چوڌاري
نظر ڦيرائي پاڻهي ويندو هو ته هتي ڪهڙي قسم جا
درشٽانت ۽ ڪلام هلندا. هن جي ان نوراني نگاهه
کي ماڻهن جي نبض جي ڄاڻ ملندي هئي ۽ انئين
پهرئين ٽونڪي ۽ ڪلام سان پروگرام جمي ويندو هو.

۽ انئين الائي ڪيترا موقعا مليا دادا سان گڏ وڃڻ
جا، سنگيت ڪرڻ جا، پر ڪل ئي ڪانه هئي ته ڪو
دادا هيئن اوچتو ئي اوچتو کسڪي ويندو.

" سرليون ڪيئن وساريان، ساميڙين جو سنگ وو"
دادا سڀني کي برابر پيار ڪندو هو پر ڪيس سنڌي
جاتيءَ اهڙو پيار ڏنو جو ڇئي نٿو سگهجي.

کي ڪرنارت تي سمجهيو.

”ها پارو پٽ! شروع ڪر ڪو ڪلام...“ ائين چئي خود ٽيبل تي تال ڏيندي ڳائيندي سيٺي کي راضي ڪري ڇڏيو هو.

هو سنڌي ٻولي ۽ سنڌ ڀن جو شيدائي ضرور هو پر سڀ سنڌي به هنجا شائق هئا، عاشق هئا.

شام جو ٧ بجي کن گهر جي ٻاهران بئنڊ وارا پنهنجا ساز وڄائڻ لڳا ۽ دادا سان گڏ موٽرڪار ۾ اسان کي وهاري اڳيان بئنڊ وڄندي پئي هلي. ائين پئي اڳو گويا موٽرڪار ۾ ”گهوٽ“ کي پئي ونيي هليا ۽ اسين سڀ باراتي هئاسين ۽ آس پاس کان موٽرڪار جي ٻنهي پاسن کان ماڻهن ليئا پائي پئي ڏٺو.

وري ميدان ۾ جتي سنگيت جو بندوبست ڪيو ويو هو اتي پهتاسين. هونئن ته دادا، وارو صبح جو چئين بجي وڻندا هئا جيئن اسر جو پڳت ڪنور پلئه پائيندو هو. پر دادا جي صحت جي ڪري هن پيري رات جو پروگرام رکيو هئائين. پلا سالن کان پوءِ دادا مس مس آيو هو سو سيڪو وقت کان اڳيئي اچي پنهنجي جڳهه والاري ويٺو هو. چوطرف اٿاه خلق. پنيين، وڻن ۽ گاڏن تي ماڻهو ئي ماڻهو هئا. سمت ماڌوداس به هڪڙي موٽرڪار ۾ اچي ويٺا جو سنڌ طبيعت نيڪ ڪونه هئي. اسانکي اسٽيج تي پهچائڻ

صوفي ٿي رهيو. هن درويشن ۽ سنتن جي سنگت ڪئي ۽ زندگيءَ جي ڳجهه کي ڳوليندو رهيو. سنگيت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قائم رکڻ لاءِ هن سنڌيءَ ۾ ڪيئي لوڪ گيت ۽ ڪلام ڳائي عوام اڳيان آندا ۽ تال لاءِ هن منڪي جو سهارو ورتو ۽ سائينءَ جي ساراهه ڪندي ڪندي منيءَ جي ٺهيل منڪي جو ملهه ٿي پيو.

ان منڪي ۾ روپئي کان سؤ جي نوٽ تائين نوٽ پوندا هئا ۽ اڄ به پون ٿا. ننڍيون چونڪيون هجن يا شاهوڪارن وٽ جهولڻ جا ٻهراڻا. منڪو وقتي نوٽن سان ڀرجي ويندو هو ۽ اهي هزارين روپيا دادا انهن ٻانيڪارن کي ان وقت ٿي ڏيئي ڇڏيندو هو، جن مان ڪي ٿي ڌرمشالائون، اسپتالون، ڪاليج، اسڪول ۽ جهولڻ جا آستان ٺهيل آهن. باقي شاديءَ جي موقعن تي منڪي ۾ پيل روپيه غريبن جي ضرورت پوري ڪرڻ ۽ غريب نياڻين جي شاديءَ تي خرچ ٿيندا هئا. لکين روپيه هن منڪي ۾ پيا ۽ لکين ختم ٿيا.

١٩٦٢ ۾ جڏهن چين ڀارت مٿان حملو ڪيو هو، ان وقت به ان منڪي ڪمال ڪري ڏيکاريو. دادا جي چوڻ تي هر چونڪيءَ ۾، هر پروگرام ۾ ماڻهن نه صرف روپيه پر سونيون منڊيون ۽ پيا زر زيور به

دادا رام پنجواڻي جو مٽڪو

- ٻارُو چاولا

منهنجي ڪمري ۾ سائيڊ بورڊ تي ساز رکيل آهن، تانپورو، هارمونيم طبلو ۽ مٽڪو. ڪمري ۾ ايندي ويندي اهو مٽڪو ڪي ئي واقعا اکين آڏو آڻي ٿو بيهاري. اهو مٽڪو دادا جو آهي ۽ سالن کان مون وٽ رکيل آهي جو جڏهن به ڪنهن پروگرام ڏيڻ لاءِ ويندا هئاسون ته اهو مٽڪو اسان سان گڏ هلندو هو.

ان مٽيءَ جي مٽڪي جو اهڙو "شان ۽ مان" هو جو اهو مٽڪو آمريڪا، دبئي، سينگاپور ۽ هانگ-ڪانگ اسان سان گڏ هليو. ان کي ايئرهوسٽيس خاص سنڀال لاءِ کڻي ويندي هئي ۽ هوائي جهاز مان لهڻ وقت واپس ڏيندي هئي.

ان رنگن سان چٽيل مٽڪي اڳيان ٻاٽر پيڙو ۽ ٻار مٿو جهڪائيندا هئا. مٽڪي تي هٿ لڳائي مٿي پيشانيءَ تي لڳائيندا هئا. اڄ به ائين ٿيندو آهي. سيتا سنڌو ڀون ۾ دادا جي تصوير اڳيان مٽڪو رکيل آهي، ماڻهو ٻهرڻ اچي مٽڪي کي ۽ دادا کي نمسڪار ڪري پوءِ اچي وهندا آهن.

دادا جي مٽڪي آخر اهڙو ڇا ڪيو آهي؟

دادا صوفين جو سنگ ڪيو ۽ صحيح معنيٰ ۾

آخرين ڏينهن

- ڏاڪر چاولا

جڏهن جڏهن ته بمبئي ۾ سنڌين جا ميلا لڳندا هئا ته دادا رام پنجواڻيءَ جي دل اڌمن سان ڀريل رهندي هئي. هنجو جسماني ٿڪ ڪوهن جي مفاصلي تي رهجي ويندو هو. صبح جو سوير نڪرڻو هجيس يا ٽرئنيءَ جي پوري ٽيمت واري آس هجي، شام جو يا رات جو دير دير سان موٽڻو هجي، هن کي ڪابه آناڪاني ڪانه ٿيندي هئي. سندس اصول هو تہ "تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي."

اسين هنجا ساٿي ڪڏهن ٿڪائڻ چاهيندا هئاسين يا سچ پچ ٿڪجي پوندا هئاسين، پر هن سنڌيت جي شيدائيءَ ۽ صوفي سنت ۾ غيبي طاقت اچي ويندي هئي، جا هن کي ٿڪ کان دور رکندي هئي.

دبئي، سينگاپور يا هانگ ڪانگ ۾، جتي سنگيت جو پروگرام اڪثر رات جو ٩ بجي کانپوءِ رکندا هئا ۽ محفل مچندي، مچندي، سنڌي ڪلامن جي پلٽ پلٽان ٿيندي ٿيندي، ڏوهيڙن مٿان ڏوهيڙا ڏيندي ڏيندي اڌ رات ٿي ويندي هئي پر اُن هوندي بہ دادا کي اهڙين محفلن تي ناراضپو نہ ٿيندو هو ۽ پنهنجي خوش خلقيءَ سان سڀني کي موهي ڇڏيندو

مڻڪي ۾ وڏا جي سرڪار حوالي ڪيا ويا ۽ انهن مڻڪي سنڌين جي سرڪار ۽ پنهنجي وطن ڏانهن حب ظاهر ڪئي.

پنڊت جواهر لعل نهرو ۽ شريمتي اندرا گانڌي ته دادا کي چوندا ئي هئا ”مڻڪي والا پروفيسر“.

هيءُ مڻڪو سومر واري ڇونڪيءَ لاءِ الڳ رکيل هوندو هو. ڪجهه ڏينهن اڳ اهو مڻڪو ڪنهن ڪان ڪري هيو ۽ ڀڃي پيو. رواجي طرح هڪ مڻڪو پڄندو هو ته يڪدم ٻئي کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪبي هئي پر هن ڀيري دادا چيو ته ”پٽ! مڻڪو ٽٽي پيو آهي تهيو هاڻي وري ڪنهنکي وٺي اچڻ لاءِ لکون“ ۽ ڇونڪيءَ تي ٻه چار سومر دادا چانديءَ جو ننڍڙو مڻڪو جو ڪين هانگه ڪانگه وارن ڀيٽ ڪيو هو، اهو هلائي ڇونڪي پوري ڪندا هئا.

هاڻي تي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ته هن کي وڃڻ جي اڳم ئي سٽس اندران پئجي وئي هئي انڪري ٻئي مڻڪي جي ڳولها نه ڪيائون ۽ نه ڪنهن کي تار موڪليائين نه لکيائين ۽ ڇاڙيءَ جو ٥ منٽن ۾ ستنام واهگرو چئي اکيون ڪٽي بند ڪيائين.

هاڻي مڻڪي جو ڇا ٿيندو؟ اڃا هـي گهرجائن جون گهرجون پوريون ڪندو! گهرجائو ڪلاڪارن کي مدد ڏيندو؟ نياڻين جون شاديون ڪرائيندو؟

حشام ماڻهو دادا جي آمد جو انتظار ڪري رهيا هئا. جهولڻ جي موريءَ اڳيان جهڪي دادا اِسٽيج تي آيو. ”آيو لعل، جهولي لعل“ نعرو هڻي دادا سڀني کي واڌايون ڏنيون. ساڌ ٻيلي جي مهنت سوامي گڻيشداس کان آسيس ورتائين. موندي مونکي ۾ اُتان مليل چٽڻي ۽ ٻوڙو ۽ جهولي لعل جو پرساد سڀسا کاڌائين. دادا چيو ”اڄ مڙيوئي ٻوڙي چٽڻيءَ تي هلڻو آهي.“

شام جو ڇهين بجي کان ڪارڻ جهولي لعل جي مندر ٻاهران لڳل پنڊال ۾ سازندڙ نه هوندي به موج مچايائين. اها هن جي خاص خوبي هئي. وقت جي شناس هوندي هئس. ڪڏهن به پروگرام لي جي پورو بندوبست نه ٿيل هوندو هو ته ٻانيڪارن کي ورجائيندو ضرور هو پر اُن وقت پاڻ ئي طبلي تي تال ڏيئي گيتن کي گونجائي ڇڏيندو هو. ٿورن منٽن بعد اُهو سوڍا وارو جوش ڪافور جيان غائب ٿي ويندو هو.

شام جو ساڍي ڇهين بجي رنگ پون ڏانهن ٿي وياسين. مونکي هلائيندي مون پڇيو، ”دادا! ٿڪجي پيا هوندا؟“ ”حال نه ٿڪ ڪي ياد ڪرڻو ناهي. سياڻي ڏسبو!“ دادا ٺهڪ ڏيندي چيو. اُهو ٺهڪ ۽ اُن ۾ لڪل معنيٰ پري مراد اڄا به تازي آهي.

رنگ پون ۾ پهتاسين. اسٽيج تي T.V ڪلاڪار

هو. هو سيني سنڌين سان گڏجڻ جو ڪوڏيو هو، انهن سان روح رهاڻ ڪرڻ ۾ هنکي ايترو آنند ملندو هو گويا ڪو پنهنجي آتما سان خود اوڏي وڃي.

ان ڏينهن بمبئيءَ ۾ ڪي ٻه "چيٽي چنڊ" جا ميلا متل هئا. هرهڪ بانيڪار وٽان دادا کي نه صرف دعوت مليل هئي پر شخصي طرح عرض ڪيل هو ته هو اتي ضرور اچي پوءِ ڀل ٿورو ئي وقت. سيني کي ائين لڳندو هو ته دادا ايندو تڏهن ئي سندن ڪوبه ميلو يا ڪوبه پروگرام ڪامياب ٿيندو. هرڪنهن پنهنجي اشتهار ۾ دادا جو نالو شان سان وجهي ڇڏيو هو. دادا ته 'نه' ڪرڻ سکيو ئي ڪونه هو. سيني کي 'ها' ڪري وجهندو هو پر حقيقت ۾ اهو سومر جو ڏينهن هو انڪري بانيڪارن کي دادا ٽار موڪلي معافي ورتي هئي ته سندس گهر ۾ ٣٨ سالن کان سومر ڏينهن چونڪي ٿيندي آهي ان ڪري هو ميلي ۾ شريڪ ٿي نه سگهندو پر سندس مجبوريءَ کي ڪنهن به نه سمجهيو ۽ فون مٿان فون وٽس ايندا رهيا ۽ صبح جو اٺين بجي مونکي فون آيو "ٺاڪر! پٽ ڪو سمجهئي نٿو. سين وٽ هلڻو پوندو. توهان پنهنجي موٽر ڪڻ نه ته واپس وٺي اچڻ لاءِ ڪنهنجي موٽر نه ملندي." دادا، مان ۽ پارو پهرين صبح جو ١٠ بجي ساڍي پهلي وياسين. اتي چيٽي چنڊ جو ميلو متل هو،

کان وڏن کي جهڪي پيرين پوندو هو ۽ کيس اُن ۾ ڪو به عار نه ٿيندو هو. ايمان ته ڪڏهن ڇڏيس ئي ڪين نه ڪو مان وڏو آهيان يا سنت آهيان. هميشه چوندو هو: هڪ نيڪ اِنسان ٿي رهي سگهجي اِهوئي بس آهي. اِقبال جون هي سٽون چوندو هو:

”فرشتي سي بهتر هئه اِنسان بننا،
مگر اُس ۾ پڙتي هئه محنت جيادا.“

دادا کي جيئن ئي ڏٺائون، مٿي اِسٽيج تي ڪوٺيو ويو ۽ اُتي به جهولي لعل جي ساراه ۾ هڪ گيت پاروءَ ۽ دادا گڏجي ڳايو.

”ڪنگيءَ وارا لعل گهڙي اچ گهر ۾.“

سڀني کي جهولڻ جي جٺ چوائي دادا سڀني کان هٿ مٿي ڪرائي تاڙيون وڄارايون... اُتي آيل سڄڻن کي به دادا جڻ آخرين ديدار ڏنو.

واپس موٽندي هڪ سڄڻ مڪومل، پڪوڙا پٽاٽي ٽڪيون ۽ ڊبل روٽي باڪس ۾ وجهائي ڏنيون. موٽندي ڪار ۾ پاروءَ پڇيس: بک ته لڳي هوندوَ، ڇا ٿا کائو؟ بيهه جو هڪ ٻه ٽڪر ورتائين ۽ چيائين: کائڻو ته ڪجهه به ڪونهي پٽ، پر اَڄ سڀ کائبو. اِها اَندروني سوجهي چئجي يا ڇا چئجي. رواجي طرح دادا پرهيز جو بلڪل پڪو هوندو هو. ٿورو کائيندو هو ۽ وقت تي کائيندو هو. باقي بيهه، پڪوڙا ۽ دال پڪوان

سرِيتا سيٺي هٿ ۾ مائيڪ جهليو بيٺي هئي ۽ چيائين: ”آ گئي سنڌيون کي سرتاج“ آيل ماڻهن جي تاڙين مان دادا جي اچڻ جي خوشي ظاهر پئي ٿي.

ٻهرين قطار ۾ سوفا پيل هئا ۽ مهاراشٽر جي گورنر جي ٽختي لڳي پيئي هئي. اُن تي ڊاڪٽر سبرمنيم ۽ لڳو لڳ پيل سوفا تي جتي رام پنجواڻي جي ٽختي لڳي پيئي هئي اُتي اسين ويٺاسين.

ٿوري وقت کانپوءِ دادا ۽ پاروءَ کي اِسٽيج تي ڪوٺيو ويو.

”بادل آيا ٻهار ميان ڪرڪا وسڻ جـي ڳالهه ميان ...“ گيت تي پاڻ بـ نچيو ٻين کي بـ نچايائين. وزير کي متاثر ڪيائين. اُن ويل اِئين نـ سمجهيوسين تـ اها سنڌس سيٺي سان آخرين ملاقات هئي.

رنگـ پـون کان وري آياسين ڪوپريج. ڪڇا ڪڇ ميدان ڀريل هو. ٻهرين ٻهرين جهولي لعل جـي تصوير اڳيان آياسين. پرساد دادا کي پرسرام جهولي لعل واري ريوڙين جو پئڪيٽ ڏنو جو اُجا سنڌس گهر ۾ ٽيبل تي رکيو آهي. پر هاڻي اهو ڪير کولي؟ قدرت جو کيل بـ عجب آهي. ڪوپريج جي اسٽيج تائين پهچڻ ۾ اسان کي چڱي دير لڳي وئي جو هلندي هلندي دادا کي نمين وڏن پيرين پئي آسيس ٿي ورتي. دادا ايتريءَ ڪيرتيءَ هوندي، ايتري عزت هوندي بـ پاڻ

لعل جا پنجڙا !

۱- دولهه درياه شاه، آهي لعلن جو لعل،
دکين ڏکين پاڻين جا، پلا ڪري ٿو پال،
ڪيٽي ميڙان مال، جي اچن در جهولڻ جي.

۲- دولهه تنهنجي در جي، مان گولن جي گولي،
ڪونه وٽي ٿي دل ڪي، ٿو سواءِ ٻي ٻولي،
مهر ڪري ٿو مهنجي، ڪلي اندر جي ڪولي،
اچي پيس پوري، اُجهي تنهنجي آسري.

۳- دولهه تنهنجي در تي، ڪريان ٿي ارداس،
نام پنهنجو ڏي چت ۾، من ۾ ڏي وشواس،
ٻڪارڻ در پنهنجي ٽان، ڪجاڻ ڪين نراس،
پوري ڪج آس، پنهنجو جاٺين نذر ڪي.

۴- دولهه جي دئاري، سرتيون! آيس سڪ منجهان،
پيالو پريم پريت جو، پرچي پيئاري،
نوڪر ڪري نيڻهن جو، شل در تي پهاري،
اندر اجاڙي، ڪيڏي مٺل من منجهون.

۵- پلئه پائڻ درياه تي، اچ آيا پوڄاري،
ڀانڪي ڀروُ شاه جا، سڀ آهن ٻيڪاري،
جوتين وارو جڳ جو، آهي ڏاتر ڏاتاري،
پرپور پنڊاري، ڏينڌو ڏاڻ ڏڏن ڪي.

۶- جهولڻ در سوالي، اچي ٻيو ء ڀار،
در ٽان هن داتار جي، وڃي نه ڪو خالي،
وسيلو ء والي، آهي ساري وشو جو.

(ٻاروُ- ٺاڪر چاولا)

ڏسندو هو تہ نہ چاهيندي بہ ڪائي ڇڏيندو هو. دادا سان گڏ هڪ دوني ۾ ڪائڻ اهو اسانجو بہ آخرين نصيب هو، سوڀاڳيہ هو.

ساڍي ڏهين ٻجي گهر پهتاسين. چونڪي چالو هئي. پنج منٽ ويهي، چيائون: هلو تہ باندرا اوپن ٿيئٽر ۾ هلون. باقي هنن کي ڇو ناراض ڪريون.

اُٿي پهچي، اِسٽيج تي ايندي چيائين، ”واه ڙي سنڌي! رات جا ٻارهن لڳا آهن، اَڃا بہ هائوس فل ڪري ويٺا آهيو. سائين سکيہ ڏيندو، اوهين سنڌيت جا ميلا مچائيندا رهجو.“ ٻاهر نڪرندي دادا چيو، ”ٻارو، لڳي ٿو، اڃا اسانجي ماڻهن کي ڳهرج آهي. هيتري دير تائين اسانجي انتظار ۾ ويٺا آهن!“

اُهو اُن ويل دادا جو ٽونڪو لڳو هو. پر هاڻ لڳي ٿو تہ اُها سنڌس آخرين موڪلاڻيءَ جي جهلڪ هئي جنهنجو رنگ اُن وقت اونده ۾ ڏسي نہ سگهيا هئاسين. رات جو ٻارهين ٻجي دادا جي گهر پهچي، در کولي، کيس اندر بستري تي ويهاري آيس، پر اُهو ساڻس گڏ گذاريل آخرين ڏينهن هو، اِئين نہ سمجهيو هوم!

آرتي اُڏيري لعل جي

ڳائي ڳائي جڳ ڳائي ڳائي سک پائي پائي.
شري اَمر ڏنا او شري لعل ڙندا تنهنجي آرتي.

۱- اَمر اُڏيرا ويرورڻ جو آهين تون اوتار،
ڪڏهن پلي تي ڪڏهن نيري گهوڙي تي هسوار.

۲- جهرمر جهرمر جهلڪي تنهنجي جوتي جلويدار.
بابل! تنهنجي ٻهراڻي سان ڇيڇين جي ڇمڪار.

۳- تارڻ وارا! تون ٻيڙن کي پيو ساگر مان تار،
تنهنجيءَ ٻاجھ ڪيا ڪيڏن جا ٻُڏندڙ ٻيڙا پار.

۴- اسين رکون ٿا آڪن ڦلن جي تنهنجي در ارداس،
پوري ڪج تون پل ۾ سائين آسائن جي آس.

۵- عيب اسانجا ۽ اوڻايون ڪيئن نه ڏيکيندين ٻول.
گهوٽ پرين ٿو گهرجائن جا کن ۾ خالي جهول.

۶- تون رهبر تون رکوالو تون هيڻن جو همراه.
مان داسن جو داس او دولهه تون شاهن جو شاه.

(گوورڌن پارتي)

لعل جا پنجڙا

١- سي ٻوڇارا ٻرِ ٿيا، سمنڊ سيوڻو جن،
آنداٿون عميق مان، جوتي جواهر ن،
لڌاٿون لطيف چوي، لعلون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو قطرو.
(شاهه لطيف)

٢- سيوا ڪر سمنڊ جي، جتي جر وهي ٿو جال،
سوڻن ڳهن سير ۾، ماڻڪ موتي لعل،
جي ماسو جڙيئي مال، ته ٻوڇارا ٻُر ٿين.
(شاهه لَطيف)

٣- اڄ نه آسانو ڪريون، اڄ دولهه جو ديدار،
جل ٿل امبر ۾ جلي، جنهنجي جوتي جلويدار
نيري گهوڙي تي هسوار،
منهنجو جهولڻ جهوليندو اچي
(گووردن ڀارتي)

٤- دولهه اُنهنجي در تي، مان آهس ٻير ٻري،
ٻار ٻچانءِ ٻاليٺي ا، هيءَ ٻيڙو ٻاجهه ڪري،
شل ٿوڪل ساڻ تري، ترهو هن طوفان ۾.
(گووردن ڀارتي)

مداح سري گرو نانڪ صاحب جن جي

۱- آهين ڪلجڳ ۾ قائم ست ڪرتار
ٿهي لوڪن جو مالڪ آهين مختيار
ڪنهن تنهنجو نہ پاتو انت ۽ پار
اڌارڻ لاءِ سڪن جي لڌو اوتار
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

۲- ڀڳت پرهلاد تي ٿئين تون سهائي
جوان تي پيءُ هرناڪش جي آئي
ڪٽي راوڻ ڪهي لنڪا لٽائي
ڀڳت ڀڀيشڻ تي ڪيئہ عطائي
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

۳- تنهنجي در تي سوالي جيڪو آهي
تنهنکي غرض ٻي ڪا پرواهہ نہ آهي
سڀين پارين نڌر جو توتي ٽنگہ آهي
ٻنا تنهنجي نڪا ٻي ماڻ مون آهي
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

پرارتھنا

تو داتا ہے او داتا،
تو داتا ہے او داتا۔
ہم سب کا تون ایک ہے داتا،
تیري دیا اپار۔ تو داتا ...

۱- جیسي بھي ہو جس حال پر ہو،
سنتا ہے سب کي پکار،
تیري ہي جوتي سے ہے بھي
جیون پر اجیارا، تیري دیا اپار۔ تو داتا ...
۲- دنیا جب ٹھکراتي ہے، دیتا ہے سب کو سہارا،
تیري ہي چرنون پر پھنچکر ملتا ہے جیون سارا۔
تیري دیا اپار۔ تون داتا ....

آیا میں تیري دوار داتا
آیا میں تیري دوار
۱- دور سے آیا ہون میں سنکر،
نام تیرا سرکار، آیا میں ...
۲- میں ہون منگتا ایک سوالي،
تو ہے سخي سردار، آیا میں ...
۳- جس پر تیري دیا درشٹي،
بیڑا اس کا پار، آیا میں تیري ...

نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه نانڪ

٨- دليون دلگير کي ڏي کو دلاسو
ڪرين قرض مرض کان ٿون آجو
سڀين پارين سنوارج ڪارج منهنجو
سچاڻپ ننگ ننگي دامن لڳيءَ جو
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه نانڪ

٩- ذڪر ڏي ياد پنهنجو مونکي دائم
وکين محبت ۾ مونکي پنهنجي قائم
تنهنجا گڻ ڳايان بي اَنت هردم
عزت ۾ رکه مونکي جيڪو جيان دم
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه نانڪ

١٠- رهان ستار تنهنجي عشق ۾ آنءُ
تنهنجو مشڪل ڪشا طاهر آهه ٿانءُ
مريضن جو شفا دارون تنهنجو نانءُ
نتاڻن جو سدا آهين تون ٿانءُ
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه نانڪ

١١- زيارت تنهنجي ذرڳهه جي ڪرڻ لاءِ
ڪيئي راجا اچن پرجا انهيءَ جاءِ

٤- ثابت مونکي يقينو آهي، توڏانهن
اوکيءَ ويلي ٿي همراهه، مون ڏانهن
نظر ڪر لطف جي ڏاتار، مون ڏانهن
سڀين ٻارين خطائون آهن مون ڏانهن
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه، نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه نانڪ

٥- جنهين جپيو سويرو جاپ تنهنجو
تنهنجي دل مان دک وهم سڀ ويو
دنيا ۾ سرخرو اڳرو آهو ٿيو
مطلب من گهريو حاصل تنهن ٿيو
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه نانڪ

٦- حضوري حڪم جي ڪا واڳ ڏي مون
عمر اقبال جو امداد ڏي مون
فتح حاصل طالع ڪر بيدار مون
اچي دشمن ڪري زاري اڳي مون
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه نانڪ

٧- خزاني غيب مان ڏي رزق وافر
لڳان تنهنجي لوهه ۾ والي مڪان ور
آهيان ڪاهل تنهنجي بندگيءَ ۾ قاصر
جنهين ويل پڪاريم ٿئين تون حاضر

١٥- ضعيف و ناتوان مسڪين آهيان
ڪائي طاقت جيءَ ۾ نہ پائيان
ڏي ٻل پنهنجو تہ مدعين کي نوايان
هميشہ همت جو هٿيار چاهيان
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

١٦- طلب ديدار جي دائم رهي مون
طبع روشن عقل دانش ڏي مون
تنهنجي ديدار جي آشا رهي مون
تمنا تنهنجي چرنن رهي مون
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

١٧- ظلم ظالم ڪري ٿو زور ڀاري
وڃائج ڪارپت انجي تون ساري
سڻج درد مندن جي تون زاري
مدد مسڪين سان شاهہ ياري
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

١٨- عجب اسرار جڳ ۾ آهہ تنهنجو
آهين همراهہ مُوڙهن ۽ ڏڏن جو
جنهين کي ڀروسو ٻيو نانهہ ڪنهنجو
توڪل ڪوت تنهن سان آهہ تنهنجو

وهي گنگا جمنا سرسوتي آهي
امرتاسر اُتي تنهنجو ڏيرو آهي
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه ناڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه ناڪ

١٢- سچي سرڪار شاهه شاهان
تنهنجي در تي ڪروڙين دادخواهان
سڻي تون سڀڪنهن جو عرض آهان
بديون تون عيب بخشين سڀ گناهان
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه ناڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه ناڪ

١٣- شهنشاهه حال منهنجي دل اندر جو
سڀوئي جاڻين تون جاڻهار منهنجو
سگهو فرياد رس ڪر فضل پنهنجو
ٻڌا محنت رسائين رزق سڀنجو
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه ناڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه ناڪ

١٤- صبر ڪر شڪر شاڪر ٿيو گذاريان
پياسي درشن لئه تنهنجي جو آهيان
سدا اُتم شوق دل ۾ هيڻن ٿو پانيان
تنهنجي داسن جو داس آءٌ سڏايان
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه ناڪ
حمايت پشت منهنجي شاهه ناڪ

سيوئي احوال روشن آهه توکي
نوازين لطف سان پنهنجن سکن کي
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانک
حمايت پشت منهنجي شاهه نانک

٢٣- گناهن منهنجن جو ناهه مٿو ۽ پار
اَجهو عاسي کرين دائم نگهدار
مندو توڙي گندو آهيان گنهگار
ڏ، ٻ، موڙهي جي تون مالک کندين ماڙ
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانک
حمايت پشت منهنجي شاهه نانک

٢٤- اچن لائق تون شهنشاهه آهين
ڀڳتي جو پروسو آڌار آهين
ٻنهين جهانن جو وارث وڏو آهين
منهنجي من جا سڀئي سنسا مٽاءِ
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانک
حمايت پشت منهنجي شاهه نانک

٢٥- ملک اَلموت سڀ عالم کپايو
پدر مادر برادر کم نه آيو
زن و فرزند پيارو کڇ نه پانيو
سنگي ساٿي پنهنجو ستنام پانيو
نماڻيءَ جو وسيلو شاهه نانک
حمايت پشت منهنجي شاهه نانک

نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ
١٩- غريبن جو اُجهو آهين تون
جهنبو ڪلجڳ ۾ تنهنجو آهہ نروار
تنهنجي اُستت ڪرڻ آهہ سزاوار
دليون دل کي ڏلاسو ڏينم ڏاتار
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ
٢٠- فضل فلڪال ڪر ڪو پنهنجو مونتي
منهنجو زمگہ آهي شهنشاهہ توتي
چٽي ڇا آءٌ پڌايان حال توکي
سڀئي روشن آهي مذڪوُر توکي
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ
٢١- قوي قوت قدرت آهہ توکي
جيوين ياوين تيوين ڏي مهڪ مونکي
ٻندي جي آس هرگز ناهہ مونکي
سواءِ تنهنجي ڏيان فرياد ڪنهنکي
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ
٢٢- ڪرين محتاج منهنجي مدعين کي
وڏي سگهہ آهہ پارس پرش توکي

(١)

تنهنجي گنج ۾ آ ڪمي ڪانهي ڪائي
تنهنجو در سخا جو ڪليل آ سدائين
١- ڪرين شاهه پيادا ڏين پيادن کي شاهي
جيڪا تنهنجي مرضي ٿيندي نيٺ سائي
٢- تنهنجي در تان سوالي وڃي ڪين خالي
جهڙي آس جنهنجي تهڙي تو پڄائي
٣- ويچارا ورهه ۾ سڙيا سوَ سڪن تا
انهن جي اندر ۾ توئي لنوَ لڳائي
٤- الله آهه زاري ڪرين چو هجر ۾؟
جڏن جو جيا پو جانب آهه جائي.

(٢)

نالي ڏٺيءَ جي بيڙو تار منهنجو،
نڌر آهيان نماڻي آهي آڌار تنهنجو.
١- آهه ڏاڍي چنبي دنيا دورنگي،
بنا ڏٺيءَ پنهنجي نه ڪو يار ڪنهنجو.
نالي الڪه جي بيڙو تار منهنجو.
٢- ڏاڍو آهه ستايو دنيا جي گردش،
مڱڻ ۾ مائڱن ڏنو آزار اهنجو،
نالي الڪه جي بيڙو تار منهنجو.
٣- در تنهنجي جو سائل عرضدار آئل،
ڪر باجهه بانهيءَ تي ڏي ديدار پنهنجو،
نالي الڪه جي بيڙو تار منهنجو.

٢٦- نوازش جي نظر بيڪس تي ڪر
لطف و رحم جي ڪا ٻاجھہ تون ڪر
توڙي عيبن ڀريو آهيان سراسر
تنهنجي پشتي آهم تہ ناهہ ڪو ڏر
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

٢٧- وسيلو تون ئي وسيلو تون ئي وسيلو
نہ ڇوڙين تون مونکي آخر اڪيلو
بنا تنهنجي نہ آهي ڪو ٻيو حيلو
شرم لڄ رکہ ڪر ڪو واهر ويلو
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

٢٨- هيڪر همراهہ ٿي مون سان ڏاتار
مدعيءَ کي مات ڪر دشمن گرفتار
گھڻو رهزن جو ظالم آهي خونخوار
سدائين سوڀ ڏي مونکي ستار
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

٢٩- يقينو آهہ حاجت مند کي
مونکي پنهنجي چرنن جو ڌيان ڏي
ڌرمراءِ جي پڇا کان ڇڏاءُ ڏي
انتڪال ويلي پنهنجو نام چت ڏي
نماڻيءَ جو وسيلو شاهہ نانڪ
حمايت پشت منهنجي شاهہ نانڪ

سوريءَ تي منصور ماريائون، گهڻ فڪر دي ڦاهي.
٧- سودا وڻج واپار گهڻا، هڪ عشق نه ملهه وڪائي،
ايسو عرض اهوئي آهي، جو دم دم روز ليلائي،
سر ڏيئي سلطان ٿيا سي، چارڻ ٽندري وڄائي.

(۴)

وري نه ايندءِ وار، ٽڄ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي.

١- هرڪنهن ويل وڃن ٿيون سائين،
ڪنجهون منجهه ڪپار،
ٽڄ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي.

٢- سرمو پائڄ سڪ جو سائين،
اکيون ادب جي ڏار،
ٽڄ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي.

٣- پيشوار پهرج پريت جي سائين،
گهڻا مڙيئي گار،
ٽڄ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي.

۴- ڦيري ڏج فڪر جي سائين،
چست رکي چوڌار،
ٽڄ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي.

۵- اُميدعلي چوي پيو نچڻ اجايو،
ٻنا پريءَ پچار،
ٽڄ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي.

جهنڪي رانول رمز چڪائي، سادل ڪرندي ماهي ماهي.

١- عشق ماهي دي ڪيتا اداسي،

برهه لايان تن ٻاهيان،

هير رانجهو دي، لنوَ لنوَ لايان، ڏيندي ملڪ گنوايان،

ٻي هرڪا، ماءُ پيءُ دي جائي، هير عشق دي جائي.

٢- سهڻيءَ ڪي سڪ ساهڙ جي،

جيڪا گهر ۾ مول نه گهاري،

سرڪي پيتائين سوز سچي جي، وَل وَل پاڻ سنياري،

ٻڏندي ٻڏندي ميهر ڪيائين اَڌ درياهه وچ آئي.

٣- ڏير نه مڃيءَ سان ڏاڍ ڪري ويا، ڪرهل ڪيچ قطاري،

ڪاڻ پنهل جي پيرين پيادي،

ڪرهل روز ڪوڪاري،

لڳس بند بلوچيان واليان، قادر قلم وهائي.

٤- ڪوٽ ۾ آڻي قيد ڪٽي تو، ڪنهن ڏمر سان ڏوتاڻي،

جيئري ملان شال مارن سان، صاحب ٿينم ساڻي،

مرڪي ملڪ ملهايان شال، ڪير ڪنبون گڏ ڪائي

٥- ليلان لڏي لاڏ ڪيو، جنهن هار لئي وَر متاي

مومل منيءَ ٻنهنجي ماڻي، سومل راڻا سهاريو

پاڻي ميارون ڳجهيءَ ڳاريون، راڻي روج نوائي

٦- زليخا يوسف ڪاڻ جو ڳياڻي، جنهن روني حال وڃايا

عشق ليلا دي منجي اندر، ٻڙڪا برهه بڄايا

(۷)

هري هري هرنام، هرد ۾ شور مچايا هئہ.

۱- ڪرشن لڇمڻ گوتم گياني، سيتا رام ٻئي تم هو پراڻي،
جل جمنا ڪا پي لي جام، ستگرو سبق سڪايا هئہ،
هري هري هرنام.

۲- سنوڙي بنتي ساڌو ميري، بات سچي نا ميري تيري،
وونئي ڪفر هئہ وونئي اسلام، انت نہ ٻئي ڪس پايا هئہ،
هري هري هرنام.

۳- رام رحيم ڪا سارا ليکا، چيلي چرن گورو ۾ ديکا،
گورو تيري گگدام، آغا الکہ جگايا هئہ،
هري هري هرنام.

(۸)

ساڌ سڏائڻ آهي سوکو، رام رٻجهائڻ اوکو آهہ.

۱- ساڌن جو سنگہ ظاهر سوکو، قرب ڪمائڻ اوکو آهہ،
رام رٻجهائڻ اوکو آهہ.

۲- گنگا جمنا جاوڻ سوکو، من کي مارڻ اوکو آهہ،
رام رٻجهائڻ اوکو آهہ.

۳- شيخي پيري سيکڄهہ سوکي، سخي سڏائڻ اوکو آهہ،
رام رٻجهائڻ اوکو آهہ.

۴- آغا عشق تي اول سوکو، نيهن نڀائڻ اوکو آهہ،
رام رٻجهائڻ اوکو آهہ.

(۵)

نيڏا مڪان واهه واهه، جت ڪٿ وسين به تون.

١- چلو ته آسمان ويکون، آغا هلي پسون،
آسمان مڙيوئي تارا، تارن جو چنڊ به تون.

٢- چلو ته بازار ويکون، آغا هلي پسون،
بازار مڙيوئي آدم، آدم جو دم به تون.

٣- چلو ته درياه ويکون، آغا هلي پسون،
درياه مڙيوئي لهرون، لهرن جو لال تون.

۴- چلو ته مندر ويکون، آغا هلي پسون،
مندر مڙيوئي مورت، مورت جي صورت به تون.

۵- چلو ته ڪشتي ويکون، آغا هلي پسون،
ڪشتيءَ ۾ رهي راهب، راهب جو صاحب تون.

(٦)

مور مکت گهنشيام، اچي راڌا سان ڪر ريجھ ڪا،
مور مکت منهنجا يار.

١- گهوٽ گهٽيون ئي گوپيون توکي، تون ئي منهنجو پيار،
اچي راڌا سان ڪر ريجھ ڪا.

٢- تنهنجي نسرط لاءِ شيام پيارا، هردو ڪيم هردوار،
اچي راڌا سان ڪر ريجھ ڪا.

٣- تون آغا جو، آغا تنهنجو، سانورا سردار،
اچي راڌا سان ڪر ريجھ ڪا.

٣- توريءَ ساعت سال ٿي پانيان، گوندر ۾ ٿي گذاريان،
ويھ ولهيءَ کي ڪين وساري.

٤- دل ۾ دردن دونهون دکايو، هوت هنجو وينو هاريان،
قول پرين اڄ پنهنجا پاڙي.

٥- ٿار اندر ۾ تنهنجي آهي، پل پل پرين پڪاريان،
باھ برھ جي وئين تون ٻاري.

٦- باقي زندگي گڏجي گهاريان
توکي ڏسي آءٌ ڏاڙهي ٺاريان،
آءٌ اچي رھ منهنجي اوطاري.

٧- احسن کي آهي اور اوهانجي
واٽي نہ ٻي ڪا واريان،
ٿار اندر جي ٿي توکي ٺواري.

(١١)

جن جي هتان ويڙا پرين، تن ڪون پڇو سڌ سور جي.

١- هينئڙو ٻڌائون ٻانڌاڻ ۾،
کنهن قرب واريءَ ڪاڻ ۾،
اسان پرين جي پاڻ ۾، هئي دوستي دستور جي.

٢- جانب ٻنا جاڪون جيئان،
سڀ سورڙا سڌڪيون پيان،
ڏسڙا ڏکن جا ڪنهڪي ڏيان،
ماريس انهيءَ مذڪور جي.

(٩)

کھڙي ڪريان تعريف مان تنھنجي ،
منھنجو رکيو تو مان ۔ شل جيوين

١- آخر ٻاڙيءَ پنھنجي ٻولي ،
منھنجي ٻري تو لالڻ جھولي
مونتي ڪيئہ احسان ۔ شل جيوين

٢- ٻر ۾ پنھنجي پيار وھاريءَ ،
ميء محبت جي مونکي پياريءَ
ساقي آھين سبحان ۔ شل جيوين

٣- چانئس تنھنجيءَ جو چاڪر آھيان ،
خادم تنھنجو سڪ مان سڏايان
تنھنجو در دربان ۔ شل جيوين

٤- آشا تنھنجو عاشق آھي ،
توکانسواء ٻيو ڪنھنجو نہ آھي
آھي ذرا نادان ۔ شل جيوين

(١٠)

تيرط کٽي ڀئي نھاريان، ساھہ سجط توکي ساري سنڀاري ۔

١- ڏينھن ڏني تبا مرڙو ماندو، ڪوڙين ڪانگہ اڏايان،
واڳہ اللھہ لڳہ آءُ تون واري ۔

٢- ٻيھج ٻرين ٻختو پاتم، ويل نہ ھڪڙي وساريان ،
لالن آھيان تنھنجي ٻاري ۔

٢- ناز اوهانجي دلڙي منهنجي، ڪٺي جا نذر نماڻي،
گوندر ۾ ٿي گذاريان.

٣- آب اکين کان آرت جهڙو، عشق تنهنجي ۾ آرياڻي،
هوت حبيب ٿي هاريان.

٤- ڪونه ڏٺو مون شهر پنهور ۾، سونهن سندو جو ثاني،
ڪيئن پرين توسان پاڙيان؟

بيدل تو لئه وَتي اداسي، وهلو ڪر ڪا وراڻي،
گهڙي گهڙي ڏکي گذاريان.

(١٤)

بخش ميڏي تقصير رانجهن سائين، بخش ميڏي تقصير.

١- در تيڏي تي آهي وڪاڻي، هير نڪاڻي.

٢- اِتان اُتان تيڏڙي آهيان، دلبر دامنگير.

٣- جيئندي مرندي وسر نه ويسي،
خوب تيڏي تصوير.

٤- تيڏي باجهون ڪون ڪريسي،
درد منڊان دي دلگير.

٥- حسن حيرت وچ **بيدل** وسندا، مالڪ چوڙ سرير.

(١٥)

سڪه رمز وجود وچائڻ دي،
ناهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

١- اکران دي وچ جو ڪوئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا،

٣- احمد چوي واڳون وريون، آيا پرين اکڙيون ٽڙيون،
جيکي درد جون هيڙيون ڊڙيون،
سي پرين ڏني ويون پوُر جي.

(١٢)

تون مونکي، مان توکي ڳوليان
لکي ليئا پايان - واجھ وجھي واجھايان.

١- روز ازل جون رمزون تنهنجون
سر ۾ ڪٿي سمايان؟ ڳوڙهن ۾ ڪٿي ڳايان؟

٢- سور سوين سانڍي مان تڙقان
توکي پيي تڙقايان - لونءِ لونءِ منجھه لڪايان.

٣- بات برهه جي ڳوڙهن گاڏڙ
مرڪي ڪٿي مڃايان؟ سڏڪن ساڻ سٽايان.

٤- ساري رات سڄڻ مان سوچيان
تارن کي ترسايان - ڳالهه ڳجهي ڳالهايان.

٥- تون چنڊ ته مان چانڊوڪي تنهنجي
پاڇو ٿي پيڇايان - ڇو توکي ڪٿي رڇايان.

شيخ - اياز

(١٣)

ڪڏي ايندين مهنجا جاني، روز ٿي راهون نهاريان،
١- واعدا پنهنجا پرين تون پاڙج
سگهڙو اچي اٿيءَ ساٿي،
سدا توکي سنياريان.

(١٧)

شل نيڻهن نہ ڪنهن سان اٽڪي،
ڏاڍي زور نيڻان دي جهٽڪي.

١- شاهہ حسن د يٽان فوجان چڙهيان،
ڪاٽ نيڻا دي ڪيڪر ڪڙيان،
پير پيڇي ناهين هٽڪي،
شل نيڻهن نہ ڪنهن سان اٽڪي.

٢- د يڪہ نيڻا دي بيرواهي،
لٽ ڏيندي من اميري شاهي،
ڪاون ماس يتيمان پٽڪي،
شل نيڻهن نہ ڪنهن سان اٽڪي.

٣- جو ڪوئي نال اُنهان دي اڙيا،
سور ڏيوڻ بن مول نہ وريا،
سر سولي ۽ تنهن لٽڪي،
شل نيڻهن نہ ڪنهن سان اٽڪي.

٤- عاشق جهاول مول نہ هٽڪن،
پتنگہ وانگي شمع تي لٽڪن،
سيف سيني وچ سٽڪي،
شل نيڻهن نہ ڪنهن سان اٽڪي.

(١٨)

تون اُسي سڄ ۾ سوجهرو ۽ چنڊ ۾ چانڊاڻ تون،
سونهن ۽ سوڀيا گلن ۾، پر سڳند سرهاڻ تون.

اثباني دا علم جو پڑھیا ، موج اُنهان سر ساوݨ ديْ .
٢- نال دليل نہ ليسي دلبر ،
عقل نہ ليسين اوڈھين رهبر ،
پرچهي مام کو صوفي بي سر ، شاهي طبل وڄائݨ ديْ .
٣- بارش برهہ دي جنهن سر آئي ،
سوز عشق پر جلي سدائين ،
بيدردان نوُن گل نہ کائي ، دردي دود دکاوݨ ديْ .
۴- بحر عميق پر جوئي پؤسي ،
دين کفر دا ورقا ڈؤسي ،
ساري ستہ ازانون هوسي ، ذات صفات سماوݨ ديْ .
٥- **بيدل** وحدت دي ڳل من تون ،
وهم طلسم دئي دا پن تون ،
وچ عروج نزول دي گهن تون ، لذت آوݨ جاوݨ ديْ .

(١٦)

کيا جاني دم کوئي وو يار ، کيا جاني دم کوئي .
١- سپهي اندر ساجن مليا ، خوشيان کر کو سوئي .
اُت بهان مڱدوُن نظر نہ آوي ، ڍونڍيم شهر سپوئي .
٢- چولي اندر جوئي بولي ، بار تہ ميڈا سوئي ،
جنهين دي نال مڱن نيهڑا لايا ، مڱن بي ذات اهوئي .
٣- **بلي شاه** تون شاهہ عنايت ، شونق شراب ڈنوئي ،
ميءَ جو پيوݨ ، مست جو ٿيوݨ ، صافون صاف ٿيوئي .

٢- تو سڄهي سنسار ۾ اي ڏاتار تو جهڙو نه ڪو،
پنهنجي بيحد جي ڀنڊاري مان ڀري ڏي ڏاڻ تون.
٣- آهه تو جهڙو نه ڪو ويجهو، وسيلو، واهرو،
سوڙهه، سختيءَ ۾ سچا ساٿي، سدا رهه ساڻ تون.
٤- واسطا ٽوڙي مان جوڙيان توئي هڪ سان واسطو،
پاڻ ٻنا، ٻئي جي اندر ۾ چـڏ چڻي چڪتاڻ تون.
٥- ڇهڻتو جنهن کان ڏسان هر چيز ۾ تنهنجو ڇٽو،
اهڙي چت ۾ ڪر چڻي چمڪات سان چانڊاڻ تون.
٦- نت رهن نيڻن ۾ منهنجي نينهن جا نرمل نشا،
ڏي اڏي بيوس کو اهڙو محبتي ماڻداڻ تون.

(٢٠)

سڀ ڪن تنهنجي ساراهه - قدرت وارا،
نرمل جوتي نُور نظارا.
١- ڪوٽان ڪوٽ ٻڌايئه ذرڙيون،
سهسين سج چنڊ تارا ڪتيون،
جن جو انت نه پارا ... قدرت وارا.
٢- گلن اندر سرهاڻ ڌرين تون،
موتين سان مهراڻ ڀرين تون،
هيرا لعل هزارا ... قدرت وارا.
٣- جڏهن وڻن تي واءُ اچيٽو، ڀن ڀن مان ڀرلاءُ اچيٽو،
ڇن ن ن جا چمڪارا... قدرت وارا.

١- بادلن مان تو وسين برسات جون بوندون ٻٽي
تيز بجليءَ جو تجلو ۽ ڪڪر- ڪارا ڻ تون
٢- ڇا پٽاپت اندلت ۾ تو ٻکي ٿنهنجو لٽاءُ
صبح ۾ ٽيئين سون رنگو، شام ۾ ڳاڙهاڻ تون
٣- پر ڪرين تو پاڻ سان ڇولار هن سنسار ۾
تي گرهم، تارا، ستارا ۽ اکت نيلاڻ تون
۴- تو لڏين لهرن مٿان، ڇولين مٿان چلندو وتين
سمنڊ جي سختي ۾ تون مهراڻ جي ماناڻ تون
٥- تيڪ تنهنجو واءُ، واچوڙي، تکي طوفان ۾
هير ۾ هلڪاڻ تون ۽ باق جي آلاڻ تون
٦- ماڪ موتين هار تي سينگار سبزيءَ جو ڪرين
تون جواهر ۾ جهلڪ، لعلن اندر لالاڻ تون
٧- سرس تو صاحب سندي آهي صفت سارا ڪان
خاص خوبين جو خزانو ۽ ڳڻن جي کاڻ تون
٨- برهه **بيوس** اتو اتي هر روپ مان تنهنجي رنگي
ٿاڻ تون منهنجي طلب ڪي پار پنهنجي آڻ تون

(١٩)

مهر ڪر اي مهر جا والي نمائڻ ماڻ تون
جنهن ۾ نت منهنجي ڇڱائي ٿي سڃي سا ڄاڻ تون
١- ڪر دکين لاءِ درد پيدا منهنجي هن هردي اند
دل اجڙ ڪر سبز سائين! پريم جل سان پاڻ تون

٣- بي گل نہ سجهي خار کو ، سي خار گهڻا گل ،
هن آس تي ناشاد دليون شاد ڪنداسين .
٤- ترتيب سان تقدير تي تدبير لڙائي ،
ويران مان آباد ڪي آباد ڪنداسين .
٥- رئبر جي طرح ايندا سين ايڏر تان اڏامي ،
گرهن تي گهمڻ لاءِ نئين ايجاد ڪنداسين .
٦- اونده جي چڙهي چوٽ تي تاري ڏي نهاري ،
چمڪات تي هر آس جو بنياد ڪنداسين .
٧- جيوت جو ڪٿا ڪش ۾ ، چنبا لال - دنيا ۾ ،
ڪجهه پريم جي پرشاد مان ، ارشاد ڪنداسين .
٨- بيوس جي جشن خان ۾ ، ڪنهن ڏينهن اي جاني ،
پي باد غما باد ڪي برباد ڪنداسين .

(٢٢)

تو اچي موج ۾ موهن جا وڄائي مرلي ،
سا نہ مونکي ٿي رهي ياد سدائين مرلي .
١- اوڏ لامن ۾ لڳي لهر ۾ پن پن لڙڪي ،
ناچ چم چم جي ڇا ڇن ن ن سان نچائي مرلي .
٢- جوش جمنا ۾ اٿيو جوهہ مان ڇوليون ڇنڪيون ،
ڪڇ مچ مست ٿيا موج مچائي مرلي .
٣- گوپ گوپين جو ويو سيني منجهان ساهہ ڪڍي ،
اهڙي تو چاهہ مان چت چور چلائي مرلي .

۴- ڇهڇب چِٽن ۽ ڇيهن ڪولي،
بلبل ڪوئل بولي بولي،
مور نچن ناميارا ... قدرت وارا.
۵- عجب بڻايئہ بجليون بادل،
بوندون برس برس ڪنئا بادل،
واجت ڪن وسڪارا... قدرت وارا.
۶- قادر قدرت منجهہ سمايو،
بي رنگيءَ هي رنگہ رچايو،
چِيٽن جا چمڪارا ... قدرت وارا.
۷- ملڪ مڙيوئي مندر آهي، آگو سڀ جي اندر آهي،
ديهن منجهہ دئارا.... قدرت وارا.
۸- ساس اندر جو ساس ڪهي تو،
بيوس انحد ناد وڄي تو،
موهن مرليءَ وارا ... قدرت وارا.

(٢١)

اڪ لڙڪ سان، منهن مرڪ پريو ياد ڪنداسين،
فرحت پري دنيا ۾ نہ فرياد ڪنداسين.
١- جهونداسين ۽ جهڄنداسين نہ خود بار ڪان دل جي،
سڄ، فهم نہ هنڌ وهم سان برباد ڪنداسين.
٢- خود غرض نگاهن ۾ اڪل آهي خرابي،
بي غرض ٿي بند راهہ کي آزاد ڪنداسين.

٢- سڪي ساري ٻچي ٻنڌ ٻرين جا،
ويا ٻريم جو ٻاٽي ٻياري اما،
جادو هٽي ويا جيءَ ۾ جوڳي.
٣- ٻاجھ ٻاجھارا ڪري ويا ٻانھيءَ تي،
هٽي ميخ محبت جي ويا ماري اما،
جادو هٽي ويا جيءَ ۾ جوڳي.
٤- ڇوي ٽيڻون سي جادوگر جوڳي،
ڏسي ڏس ته ويا دل اُٺاري اما،
جادو هٽي ويا جيءَ ۾ جوڳي.

(٢٦)

ٻوڙ ٻرين مون ٻچائيندو، اٿم اُميد اھا يار سڄڻ ۾.
١- دنيا جو سمنڊ نام جي ٻيڙي
پاڻ ملاح ٿي لنگھائيندو.
٢- ناھيم پيسو ناھيم ٻرچو ڇڪ ڪان پاڻ ڇڏائيندو.
٣- ڪچو دلو ۽ جوش دريا ۾
ڪنن ڪان ڪنت ٻچائيندو.
٤- جيوت جنھنکي اوٽ الله جي
تنھنکي ڪير ستائيندو؟

(٢٧)

جڏھن ٻکي تنھنجي مان ٻيئي،
تڏھن پرواھ رھي مونکي ڪيھي؟

۴- ڪيئن وسيئن شيام سندر جي تون منوهر مک تي،
کھڙي تو خاص ڪئي آهه ڪمائي مرلي؟
۵- پرت ۾ مون نه پاڻ کي بيوس پورو،
تڏهن مٺ سوڌن مک ساڻ ملائي مرلي.

(۲۳)

سڄڻ ريءِ ٿي سڪان، محبت ماري آهيان.
۱- ڪٺنديس خان پنهل ڏي، وحدت واريون وڪان.
۲- ڪاغذ ڪيچ ڏٺيءِ ڏي، رويون رويون لکان.
۳- دل ۾ دلبر يار جا، سبق ويٺي سکان.
۴- نينهن بيدل نروار ڪيو، هاڻي ڪاڏي لڪان.

(۲۴)

بادل آيو بهار ميان، ڪر ڪا يار وسڻ جي.
۱- گل گلابي ڪنول ڪوماڻا، ٽوڙي چمن چوڌر ميان.
۲- ڪري وسڪارو پر تون باريون ڪڙن گل گلزار ميان.
۳- وڻ سڪا سڀ ساوا ڪر تون ٿين انب انار ميان.
۴- پوجي کي نت آس جا آهي،
سهڻا لهندين تون سار ميان.

(۲۵)

جادو هڻي ويا جيءَ ۾ جوڳي،
منهنجي لونءِ لونءِ ٽن کي ساري اما.
۱- چڻنگ چوري چت چريو ڪري ويا،
ويا ڀاهه برهه جي ٻاري اما.
جادو هڻي ويا جيءَ ۾ جوڳي.

٢- ٻرهه انهن جي ٻر ڪيڙو، سدا ساري تن کي ساهه.
٣- سڪ انهن جي ڪنهنکي سليان
آهي نه ڪين آگاهه.
٤- ٻنا ڪيچ ڏٽيءَ جي سرتيون
ناهي ڪو مون ٻيو چاهه.
٥- جيوت جاني هرجاء جيڏيون، آهي شاهن شاهه.

(٣٠)

هوري کيلان مان رام توسان
دلڙي ٻڌي آهي دلدار توسان،
منڙو اڙيو آهي منٺار توسان.
١- سڪ تنهنجيءَ جو سندوُر گهرايان
تلڪ ڏئي مان سانگ ٻڻايان،
سانگ ٻه سوُنهيم سار توسان.
٢- قرب تنهنجي کي ڪيسر لايان مان
رنگ تنهنجي ۾ چولي رڱيان مان،
لائي رهان لنوَ تار توسان.
٣- ميءَ محبت جو توسان پيئان مان
پي پي رلمل توسان ٿيان مان،
رهان مست خمار توسان.
٤- گيان گلال عنبير اڏايان
تولاءِ مان سر سيج وڇايان،
ڪونه ڪريان ڪو ٻيو عار توسان.

۱- ڏس نہ عيبن ڏي منهنجي جاني،
تنهنجي آهيان جيهي تيهي.

۲- جنهنجو جاد و لڳو هو جي ۾،
سڄڻ مليا اتم سيڻي.

۳- ٽيڙس رليل يار پنهنجي سان،
وڇون دوئي سڀ ويئي.

۴- پيچ پيڙء جيڪو يار جيوت سان،
ڪڏهن نہ ڪين ڇڏيئي.

(۲۸)

عشق لڳو پوء گهڙنگهت ڪهڙو؟
مٽي ڪر منهن تون پردو نقاب.

۱- راتيان ڏينهان طلب تہ تنهنجي
ناهي نيڻن کي دلبر خواب.

۲- برهہ تنهنجي جاني باهيون باريون
ڏي درسن تون دوست شتاب.

۳- انڻ تڻ آهي اندرم تنهنجي
هردم وڄي تو چنگہ رباب.

۴- جيوت جلوو آهہ هرجاء تنهنجو
پوء ڇو ڪرين تون يار حجاب،

(۲۹)

جنهنجو نالو آهي اللہ، آءُ تہ انهن جي آهيان.

۱- ساري هيہ سنسار جو جنهن تہ ناهيو آهي ناءُ.

منهنجو يار تہ آهي هٿن تہ ڪنهن مهل ڪٿن

تہ ڪنهن مهل ڪٿن .

١- گهڙيءَ گهڙيءَ مان سندو ڏسانءِ

ريءَ ڀانئي رسندو ڏسانءِ ،

ڪانئيءَ هينئان ڪسندو ڏسانءِ

رنج پائنج هٿن. تہ ڪنهن ...

٢- زلفن جا زنجير وڌءِ ، نينهن نسنگ جا تير هڻيءِ

شهر گهمي سائين سير ڪيءِ ،

محبت وسن مينهن. تہ ڪنهن مهل ...

٣- خانڻ کول نقاب ، ذات صفاتيءَ وارو ڪتاب

دلبر اڳيان ٿيءُ ڪباب

محب تہ ملندءِ هٿن. تہ ڪنهن مهل ...

(٣٣)

آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ ، مون سان تن مارُئڙن جي .

١- ٻن عمر تنهنجيون ماڙيون ٻنگلا

ڪهہ ڏريون ڪنت مال .

٢- پٽ ڀريندي ڪيڏڪي عمر، ڪُر لوئيءَ سان لال.

٣- درياهہ خان مارُئڙن ريءَ هتڙي

هيءَ هيءَ کهڙو حال .

(٣٤)

منهنجي ٻيڙي تار پاتڻي ،

ٻيڙي آڻج سنڌ ڪنار ، پاتڻي .

٥- جيوت رلمل توسان رهان مان
جاڏي ڏسان پيو ڪو نہ لهان مان،
ائين رکان وهنوار توسان.

(٣١)

رس نہ وسڻ ۾ چاهي راڻا، ريت رسڻ جي رمز نہ جاڻان.
١- ريت پراڻي پيچ پراڻا، عشق اڳوڻو سمجھہ سياڻا،
مومل ساڳي باغ پراڻا درد نئين سر داغ پراڻا.
٢- چاڪ نہ آهيان چاڪ ڪري وڃ
محل مومل جو پاڪ ڪري وڃ،
ڪاڪ ڪري وئين خاڪ جا چاڻا
ور نہ وساڻل وسن وڻاڻا.
٣- درد ڇٽي منهنجي دلڙي هٽي آ
درد نئين لئہ جاء ڪٽي آ،
داغن جا آهن دل ۾ داڻا
درد ڪي سانديان ڪٽي سياڻا.
٤- سکن جي پاليل ڏکن ۾ پيئي
دام ۾ ڦاسي دل ڪيئن ويئي،
جنهن گهايا هئا چنڊر گهراڻا
سا مومل ڪري اج پڇاڻا.

(٣٢)

ڪنهن ڪي سور نہ ڪنهن ڪي پور
ڪنهن ڪي ڳوڙها عشق جا،

١- ماس مٽيءَ جو بنگلو بنائي
تنهن ۾ ويٺين پاڻ لڪائي،
ڪرين ٿو درين کان ديدار
ڪير پڌي وري ڪير ٿو ٻولي؟
٢- پڇرو ڏيهي پکي پر ڏيهي،
ماري ڪال نه ڪنبن سيڻي،
مرڻ منبوئي ناهي، تنهنجي رمز ٿي ٿوکي رولي.
٣- پنهنجو پاڻ کي ڪونه سڃاڻي،
هرڪو ناڻ اڳي ٿو ناڻي،
سمجهي ڪو سلطان،
هيءَ ڳجهارت ڳجهه جي ڳولي.
٤- ڏرهون ڏار جدا ناهي جاني،
ظاهر باطن نوُر نوُراني،
اڌا سڄڻ جي ساک، پاڻ ڏني سين ٿريءَ ۾ توري.

(٣٧)

ڏسو عاشقن جا انصاف،
ڏين سر گهوري گهوري.
١- اندر باهه ٻرهه جي ٻڙڪي، ٻاهر نه نڪري ٻاڦ،
ڇپائون ڏ- چپ چوري چوري.
٢- عشق جي منزل اوکي اڻانگي، اڇ هڻن ٿا لاف،
اڃا پند اوري اوري.

١- ٻيڙيءَ جا سڀ سنڌ پراڻا،
ويڙهه وير ڪيا لڳ ساڻا،
ويجهو ساحل وار! پاڻڻي...
٢- ونجهه هلائي آءٌ نه ڄاڻان، واءُ سڻائو ڪين سڃاڻان،
ڪنهن ڏوري ڪر پار! پاڻڻي....
٣- عرض دکايل جاڻ اڳهاڻا،
آيا اڃهي منهنجا مير مهاڻا،
حاصل همت نه هار! پاڻڻي....

(٣٥)

منڙا جوڀَن تو گمان نه ڪر.
جوڀن جي کهنبي چنڪي لئي، همت ايمان نه ڪر.
١- چار ڏهاڙا حسن جواني
آخر ٿيندي هڪ ڏينهن فاني،
ڪُوڙن ڏيکن پويان مورکه، من مستان نه ڪر.
٢- پرمارٿ جو جيون گهاري
چنڊ سوارٿ جي ريت وساري،
خود غرضي خواهش جي گولي، دل حيران نه ڪر.
٣- مانش چولو بعدا پائي، غلطانيءَ ۾ چنڊ نه گنوائي،
املهه دکايل هي جيون ڌن، همت سان زيان نه ڪر.

(٣٦)

ڏي ٽبي لهه ٽول، اصلي عين اندر جسا ڪولي.

٣- عشق جو بار أماڪ آيو ،
مردن مرڪي سر تي چايو ،
لاڳاپا سڀ لٽي لٽي، رهيا نفعي نڪي نقصان ۾ .
٤- روشن رمز جنهين سان لائي ،
برهه بهادر پاڻ پلائي ،
پورهل در ڏو پٽي پٽي ، اچي عشق انهيءَ انسان ۾ .

(٤٠)

دل ۾ نه دل جو درد سمائي ته ڇا ڪريان ؟
۽ جي زبان پِي نه ٻڌائي ته ڇا ڪريان ؟
١- ڏيئي پلڪ ڏئي کي هوا ڪان بچايان مان ،
پر جي ڏئو پلو کي جلائي ته ڇا ڪريان ؟
٢- ڳوڙهن سان دل جي باهه وسائي ڇڏيان مگر
هيءَ باهه جي ڳوڙها ئي سڪائي ته ڇا ڪريان ؟
٣- هنکي ٻڌائي هلڪو ڪريان مان ته پنهنجو غم ،
هوءَ پنهنجو غم اچي جي ٻڌائي ته ڇا ڪريان ؟

ڪرشن - راهي

(٤١)

راڻل تنهنجي راهه نهاريان مان
نهاريان مان ، او نهاريان مان ... راڻل
١- پنڌ پڇايان ڪانگ اڏايان، ساجن تولاءِ فالون پايان
گهوٽ ٻنا ڪيئن گهاريان مان ؟ راڻل ...

٣- ڏرمداس چوي مرڪن سي، سينا جن جا صاف،
ڏنائون ڪنڌ ڪوري ڪوري.

(٣٨)

١- نوَ نشانيون نوُر جون، عاشقن آهين،
هڪڙو وهڻ واڻن ٽي، ٻيو ڪاٺڻ نه ڪائين.
٢- ٽيون سر سيڪنهن اڳيون، ٿا نميو نمائين،
چوٿون ٻڌي ڪن سان، وري نه ورجائين.
٣- پنجون پهه پرينءَ سان، ٿا پڪو پچائين،
ڇهون ڇنن ڪينڪي، ناتو نباهين.
٤- ستون سڪ سڄڻ جي، ٿا لونءَ لونءَ لڪائين،
اٺون ڳالهه عجيب جي، ٿا ويندي ورائين.
٥- نائون ننڊ نيڻن کي، ٿا جودون جاڳائين،
ڏهن سيبائين، روحل دوساڻي دربار ۾.

(٣٩)

جيڪو سيڱي سياڪا سٽي،
اهو مرد اڇي ميدان ۾.
١- چوڻ ڪرڻ ۾ فرق آ ڏايو،
ڪري اهو جنهنکي قرب جو ڪايو.
قؤل ڪلاڪن ڪٽي، مٿو رکي ميخان ۾.
٢- لوڪ ملامت سر اٿي ساهي،
جاڙون جنيون سب پلوَ ۾ پاٿي،
هڏ نه ڀنني هٽي، پري گام انهيءَ گذران ۾.

(٤٣)

تو ديد سان دل کي گھائي ڇڏيو،
محبت ۾ مست بڻائي ڇڏيو.
١ـ ڏينهن رات رهين تون ياد سڄڻ،
پڻ نالي الڪ فرياد سڄڻ،
ڪر دانهن جو ڪو داد سڄڻ،
تنهنجي رمز ئي رڻ ۾ رلائي ڇڏيو.
٢ـ ٿا مينهن هميشه منهن تي وسن،
پر نيڻ ٿا منهنجا روز ٿمن،
ڇڏي آهه سجهائي دل دردن،
جند جان ۽ جيرو جلائي ڇڏيو.
٣ـ لکا تير برهه جا رام لڳا،
جن گھاوَ اندر ۾ قهري ڪيا،
جنهن درد ڏنو سو ڏيندو دوا،
پڻ ويڄن درد وڌائي ڇڏيو.

(٤٤)

دنيا حيراني - دنيا حيراني.
١ـ ڪوئي چوي آهه دنيا ماڪ جو قطرو،
جنهن ۾ رهي جان کي نت موت جو خطرو.
دنيا حيراني ...
٢ـ ڪوئي چوي پڙ پر نگر موج مثل گھر،

٢- جهڙي ٿهڙي مان ٿنهنجي آهيان،
توسان ڪهڙو سينو ساهيان؟
گولي ٿي ته گذاريان مان - راڻل ...

٣- آءُ نماڻيءَ جي گهر ٻيهي،
سؤر سليان ڪي توسان ويهي،
تو بن ڪنهنکي پڪاريان مان؟ - راڻل ....

٤- رام چوي هڪوار جي مونوت،
پريت مان پريتم پيرو پائين،
جان ته توتان واريان مان - راڻل ...

(٤٣)

اهڙو غفلت جي نشي ۾ مست ۽ مدهوش هوس،
جو ڏنم ٿي ڏؤر اُن کي جنهن سان هم آغوش هوس.

١- عمر پئي ايڏي هجي ها جيڏي ميءِ موجود هئي،
جام پئي ايڏو هجي ها جيڏو مان مينوش هوس.

٢- آرزو هئي سؤر مـــان سهسين سلينڌ س دوبـرو،
پر جڏهن پهتو پرين مان هوش کان بيهوش هوس.

٣- لوڪ جي نوڪن ٿي ڏينٺي ٿهڪ آئي پي غم رهيس،
جو ته مان ٿنهنجي نظر ۾ اي سڄڻ ترد وش هوس.

٤- رام هن جـي راهـه ۾ ڪونهي لباسن جـو لحاظ،
دل ڏسي دلبر اوازيو ٿوڙي ڪفني پوش هوس.

٢- گوپن ۽ گوالن سان جڏهن موج مچائين ،
گوپين کي ڪري ساڻ تون پيو راس رچائين ،
قدمن ۾ ڪري مان چوان رکه لاج ٻهاري ،
تون موکي اُتاري چئين اُت منهنجي پياري ،
مان گوپي هجان ، گوپي هجان ، گوپي هجان .

رام پنجواڻي

(٤٦)

سڪ ۾ او سڪ ۾ سڪيءَ کي ڪين سڪاءِ سونهارا،
ڏکيءَ کي ڪين ڏکاءِ پلارا ،
سڻ سوال منهنجو هيڻو حال منهنجو.
١- پنهنجي اکين ۾ توکي وهاريان ،
توکانسواءِ ڪين ڪنهن ڏي نهاريان ،
جيءَ ۾ جوڙيم جاءِ جيارا. سڻ سوال منهنجو...
٢- دل جي آ دل ۾، ڪنهن کي ٻڌايان ؟
سڪ تنهنجي سائين لوڪان لڪايان ،
ليئڙو لکي پاءِ پيارا . سڻ سوال منهنجو...
٣- دنيا رسي پل ، هڪ تون نه رسجانءِ ،
محبوب منهنجا منهڙو نه مٽجانءِ،
ناتو اُچي نڀاءِ نيارا. سڻ سوال منهنجو....

رام پنجواڻي

جنهن ۾ رهي عيش ۽ عشرت پريو گذر.
دنيا حيراني ...

٣- ڪوئي چوي آهه دنيا جنگ جو ميدان،
سو رهيو سو ڪٽي سوٻ جيڪو جنگ پهلوان.
دنيا حيراني ..

٤- ڪوئي چوي آهه هيءَ ماتام جي نگري،
هڪڙيءَ ۾ گهڙيءَ لاءِ نه آرام جي نگري.
دنيا حيراني ...

٥- ڪوئي نه سلي رام سگهي راز دنيا جو،
هر سر مان نرالو ٿو وڄي ساز دنيا جو.
دنيا حيراني ..

٦- هر شخص جي دنيا سندس خيالن جي برابر،
ان شخص جي رهڻيءَ جي چالن جي برابر.
دنيا حيراني ..

(٤٥)

مان گوپي هجان تهنجي جيڪر شام مراري،
سؤ سؤ دفعا هڪ ڏينهن ۾ توتان وڃان واري.

١- مٿرا ۾ بندرابن ۾ ۽ گوڪل ۾ گذاريان،
سڪ چاهه مان ڏينهن رات تهنجي راهه نهاريان
هڪوار ڏسين ڪير آهين ڪير ڪياري؟
مان چپ رهان ۽ ڪجهه نه ڪچان شرم جي ماري
مان گوپي هجان، گوپي هجان، گوپي هجان.

پيا پناري جيڪي تنهنجي تن جي پت رکين ٿو،
منهنجا لال سائين.
٣- پريم وارن جي اکي قلبي تي رانول راضي ٿين ٿو،
جوت جڳائي جيڪي تن جي روشن راهه ڪرين ٿو،
منهنجا لال سائين.

رام پنجواڻي

(٤٩)

ننگڙا نماڻي دا، جيوين ٿيوين پالڻا.
١- ميري آهيان منڊي آهيان، بيشڪ بندي آهيان،
پڪ منهنجا پولڻا، منهنجا عيب نه ڦولڻا.
٢- پئي هان پناري، لڳي آهيان لاري،
جوڳي نال جالڻا، ڳل نهين آوڻا.
٣- يار سچل تون، لٽڙي ڪشالي،
گهونگهٽ کولڻا، پهه پهه بولڻا.

(٥٠)

توسان منهنجي سهڻا سائين، رهجي اڄي شال.
١- آءٌ چا جاڻان عشق منجهارون، برهه وارڙا بار.
٢- طرف نه پئي ڪنهن خيال رنياپان،
تنهنجي سدائين تار.
٣- هوندين هميشه گڏ اسان سان، نيڻين وهايم نار.
٤- پانهن سچل جي سهڻا سائين، پرتي اتو سردار.

(۴٧)

جهولي جهولي جهولي جهولي لال،
لال سائين اڏيرو لال.

١- ستگر سائين ٿل آس پڄائيندين،
بابل سائين ٿل پار رسائيندين،
ننگي آهين ننگه پال، ڏينهن جو تون ڏيال،
جهولي جهولي جهولي لال.

٢- اسين نماڻا عيبن هاڻا،
دولهه تنهنجي در تي وڪاڻا،
ناهي لڪل توکان حال - پلا ڪجاءِ ڪو پال،
جهولي جهولي جهولي لال.

رام پنجواڻي

(۴٨)

منهنجا لال سائين، او منهنجا ستگر سائين،
سڀن جي آس پڄائين، بيڙا بنين لائين.
در تنهنجي تان سوالي موٽي،
ڪين ڪڏهن پي خالي لال.

١- ڏک انهن جا دور ٿين جي توسان لنوَ لڳائن،
ڏيان سان جيڪي توکي ڏيائن، من جون مرادون پائن،
منهنجا لال سائين.

٢- شرن ۾ آيا جيڪي تنهنجي تن جا ٻڪ ٻڪين تو،

١- تيڏي ڪارڻ مين جو ڪريسان، صورت دا سينگار.
٢- ملڪ سارائي ملڪ تسا ڏي ،
ڪيا جي تخت هزار.
٣- سڀ سياليان ٿين تو صدقي، جا ڪيتي هير شڪار.
٤- مين تا ڪوجهي ڪم ڀي ڪوجهي ،
تون صورت دا سردار.
٥- سچل نماڻا در تيڏي تي ، روئيندا زارون زار.

(٥٥)

تون آهين صاحب صورت جو،
هيءَ آهي غلام تنهنجو.
آهي ذوق شوق سهڻا ، مونکي مدام تنهنجو.
١- جي آهن اصل اوهانجا ، سي نـا وسارجو ميان ،
مونتي آهي مقرر ، سائين سلام تنهنجو.
٢- راتو ڏينهان رُنڻ ۾ ، هينئڙو اُداس هيڙو،
رهبر آڻي رساڻيو ، پريتم پيام تنهنجو.
٣- دلگير تون متان ٿئين ، ڪر دُور درد کي ميان ،
اول آخر اسان وٽ ، هوندو مقام تنهنجو.
٤- رد ڪر فنا فڪر کي ، اُميدوار ٿي رهه ،
هت هت يقين ڄاڻج ، آهيان امام تنهنجو.
٥- تون آهين اصل اسانجو، آهيون اسين سي تنهنجا،
آهي قبول ڪلي ، سچل ڪلام تنهنجو.

(٥١)

آءٌ ٻانهي تون سائين، پانءِ پاند ڳچيءَ ۾ ڪڙو.

١- طوفان تنهنجي يار پيارا، ڪانگ اچي من ڪائين.

٢- نانءُ مؤلا جي مهر پوئيءَ کا، ٽورا مونتي لائين.

٣- روز اَزل کان تنهنجي آهيان، غير نہ مونکي ڀائين.

٤- هڪڙي ساعت اڱڻ سچل جي، پير مبارڪ پائين.

(٥٢)

هن غريب جو حال، توکي معلوم آهي.

١- صدقي ڪندس سر سائينءَ تان،

ٻيو سڀ ملڪ ۽ مال.

٢- دوست اوهان ريءَ ديس ۾، جيئڻ آهہ جنجال.

٣- ڇئي ٻڌايان ڪيترو، آرياڻيءَ احوال؟

٤- مڄ سچل جو سپرين، سائينءَ لڳہ سوال.

(٥٣)

مون ۾ عيب اپار، سڄڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان.

١- ٻانهن جي، آءٌ ٻانهي آهيان، ساري سڀ جمار.

٢- هجان هميشه هوت سان، شال نہ ٿيان مان ڌار.

٣- اوچڻ ڪنديس اکيون، پٽڙ ڪنديس وار.

٤- پاڻ ٿوئي تون صدقي، سسي ساڻ ڪپار.

٥- ساهہ سچل جو سوگهو ڪيڙو، رکي يارائو يار.

(٥٤)

ڪلنگيءَ وارا يار، جيوين لک ٿيوين،

جيوين لک ٿيوين، سدا جڳ جيوين.

(٥٩)

ڪيڏو مست پرين جي ڪٺي ناز مونکي،
وسريو روزو، ناهي، ياد نماز مونکي.

١- شوق شراب پيئان، پر وٽ رائيان ڏينهان،
ڪونهي وري قاضي ملان، جو ڪو لحاظ مونکي.

٢- نيٺين ننبه حرام، آهي وٽ روز ازل،
سرندو سوز سڄڻ جو، آهي ساز مونکي،

٣- وائي وات کهائي، مٺيءَ کي جيڪا پرين،
وري اچي هوُ هوُ پرين جو تو آواز مونکي.

٤- سچل مقصد سارو، تو نهين وٽ توهين جيوين،
ڏس وري ناز پنهنجي جو، ڪو راز مونکي.

(٦٠)

جوئي آهيان سوئي آهيان، هندو مومن ناهيان.

١- نا مٿن ملان نا مٿن قاضي، نا مٿن سبق پڙهايان.

٢- نا مٿن مسجد نا مٿن حجرا، اندر پير نہ پايان.

٣- نہ مٿن ڪعبو نہ مٿن قبلہ، مڪي مول نہ جاوان.

٤- نا مٿن سني نا مٿن شيعا، سيد ڪٿن سڏايان؟

٥- نا مٿن نانڪ نا مٿن لڇمڻ، گنگا مول نہ جاوان.

٦- يار تہ ميڏا درس درازين، سچل ناں‌ءُ سڏايان.

(٦١)

ٻاروچا وو يار ڪوهيارا وو يار.
ٻاروچا پوندء ٻاجهہ، ڇپر مٿيءَ کي هيٺن نہ،
ڇڏ جانءِ يار ٻاروچا.

(٥٦)

ملان مارم مون، سچڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان ·

١- آدم ڪڏوُن اڳي هياس، آدم ذات نه هون·

٢- الف اسان ٿوُن يار پڙهايا، بي اي ٻانس نه ٻوُن·

٣- شاه دراڙين سچل وسي، من جو محرم ٿون·

(٥٧)

مونکي ته ميهر يار جا ٿا پل پل پور پون،

پل پل پور پون، مونکي ساريو سوُر وڃن·

١- يار لکه هزار، ماڻهو مهڻا ٿا ڏين،

جهوليءَ پاڻي جهليا، من پيا ٻه ٽي يي ڏين·

٢- تن ۾ تاڪيون، من ۾ ميخون، هيون حبيبن،

اکيلڻ اهنجوُن، جيڪي وڌيون وينجهارن·

٣- سچل سوز روئن روز، اها عادت عاشقن،

جن کي عشق الله جو، سي ڪيئن سک سمهن؟

(٥٨)

ڪيهي ڪريان مهماني، يار منهنجي اڱڻ آيو·

١- دوست گڏيو دلجاءِ ٿي، هينئڙي لٿي حيراني·

٢- هن وڙ لائق هوس نه آءٌ، محب ڪئي مهرباني·

٣- مشڪل جا هئي ڳالهه اسانکي،

اها ڪيئون آساني،

٤- فضل ڪرم سان پاڻ بخشيائون،

سچل کي سلطاني·

(٦٣)

دل ڪر درخت جي دستور.

١- ڇاڙپ لڳي ڇڳا ڇڻن، ميوا ۽ ٻيو ٻُور.

٢- ڪهاڙو لڳي ڪُوڪ نه ڪري، درد نه رکي سُور.

٣- وڍيندڙ سان وير نه رکي، توڙي پڇي ڪري چُور.

٤- پاڻ جلائي ڇانوَ ڪري، نت انهيءَ ئي نُور.

٥- سرتيون شاهه لطيف چوي، حاصل ٿي حضُور.

(٦٤)

ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان ڏس کو ڏاهه.

١- يا ٿيان هندو پوڄيان بتخانا،
گنگا جمنا ڪاشيءَ جا اشنانا،
تلڪ لڳايان ڪين جٽيا پايان؟

٢- يا ٿيان مومن نيڪ نمازي،
جنهن ۾ رانجهن تون ٿئين راضي،
جاءِ جوڙايان ڪين سرڙو نوايان؟

٣- يا ٿيان ناچو پايان پيشوازي،
ڏڪڙ ڏمڙ ساز آوازي،
ڦيرڙي پايان ڪين ڇير ڇمڪايان؟

٤- آءٌ نه پيارل ڪريون پرچائو،
ساڻ سليمان جي سرچائو،
لائق ناهيان ته به تنهنجي آهيان.

١- پورهيو ڪنديس ڪيچ جو،
او منهنجا يا هٿين ڪنديس هاج.
٢- پٽيءَ لڳس پر جي، او منهنجا يار،
منجهون ساري لاج.
٣- آهي هن عاجز جي توٽي لالن، تـوٽـي لالن لاج.
٤- پسڻ ڪارڻ پر جي او منهنجا يار،
سڀل وجهي وينو واجهه.

(٦٢)

تنهنجا تورا تورا لال لکن ڪان به گهٽا،
بي انت تنهنجا نالا کهڙا ڳڻان؟
او کهڙا ڳڻان؟

١- تو نه مونتي گهڻو آ سڄڻ احسان ڪيو،
ڏيئي سمجهه مونکي تو سائين انسان ڪيو،
هاڻي مهر ميا ڪر نه مان گهٽوان ٻٽان.
بي انت تنهنجا ...
٢- مون نه سڪه ۾ ڪڏهن ڪين توکي ياد ڪيو،
هاڻي دکه ۾ تنهن جي در تي مون فرياد ڪيو،
آهيان مطلبي، مطلب جي وينو هام هڻان.
بي انت تنهنجا ...
٣- جيڪي ڏوهه ڪيا اُم سي ڪجاڻ معاف مڻا،
پنهنجي دل تي ڪجاڻ ڪين قربدار ڪنا،
ڏي ڪا سمجهه اهڙي، سڳنو چوي توکي ته وڻان،
بي انت تنهنجا ....

(٦٧)

ننڊ نا ڪر تون نماڻي، مٺان ويلڙي وهاڻي.

١- اوڪا پنڌ پهاڙ جا، تون سمر ڪٺجاڻه ساڻي.

٢- ٻن درياهن جي وچ ۾ ٻيڙي ڙهي ٻراڻي.

٣- هٿان هلنديءَ هيڪلي، توکي اُن نه ملنده پاڻي.

٤- سرتيون شاهه لطيف چوي، سائين تيندم ساڻي.

(٦٨)

پيري پوندي ساڻهءَ چوندي ساڻه،

رهي وڃ رات پيئرڙ ۾.

١- اُٿ ته آريءَ ڄام جا، واڳون ونندي ساڻه.

٢- چڙهي ته جبل چوٽ تي، سڏڙا ڪندي ساڻه.

٣- سرتيون شاهه لطيف چوي، لوچي لهندي ساڻه.

(٦٩)

آرياڻيون اوهان ڇا ڏٺو هو؟

جيڪي ڏٺو هو مون ڏٺو هو!

١- مکڻ ماکي مصري، تنهن کان محب مٺو هو،

آرياڻيون اوهان ...

٢- سڀ چنڊ تارا ڪنيون، تنهن کان تاب تکو هو،

آرياڻيون اوهان ....

٣- سرتيون شاهه لطيف چوي، من ۾ محب اٺو هو،

آرياڻيون اوهان ...

(٦٥)

واڳہ ڌڻي ننهنجي وس، آءَ ڪا پاڻ وهيڻي.
١- هلايو تان پي هلي وڃان ، پيهاريو تان پس.
واڳہ ڌڻي ...
٢- ويندي يس رهندي يس ڪينڪي ،
منهنجي پنهور ڪان پس.
واڳہ ڌڻي ...
٣- وُٺڙا مينهن ملير تي ، گاهن لايا گس.
واڳہ ڌڻي ...
٤- سرتيون شاهہ لطيف چوي، دل جو دشمن دس.
واڳہ ڌڻي ...

(٦٦)

لائي نہ ويا مٺيءَ کي لوري،
هيءَ گهوري منهنجي جندڙي جتن تان.
١- اٿي آڌيءَ رات جو،
منهنجو پنهل وٺي ويا جت زوري.
٢- ماڻهو شهر پنهور جا ، آءَ تنهي ٻر هيس پوري.
٣- ڪونهي ڏوهہ ڏاڙن جو،
مونکي ندڙي اچي وٺي ندوري.
٤- سرتيون شاهہ لطيف چوي ،
مونکي سڪڙي لڳي آهہ سدوري.

۲- آءُ اچي مل، توکي سپرين، سوُر ڪي سٺايان،
هنکي خيال جو پيا گهٽا.
۳- سرتيون شاهه لطيف چوي، محب نه ڪر ماٺا،
هنکي خيال جو پيا گهٽا.

(۷۳)

بوند برهه جي بهار لڳي،
دردونديءَ جو ديس وسي پيو.
۱- لڪڙي سپر سمنڊ جي، لهرن جي للڪار لڳي،
دردونديءَ جو ديس ....
۲- اُتر ڏي ڪر ڪڪوريا، ڏيلن جي ڏهڪار لڳي،
دردونديءَ جو ديس ...
۳- وڻڙا ميڻهن مليرتي، گاهن جي گلزار لڳي،
دردونديءَ جو ديس ...
۴- سرتيون شاهه لطيف چئي،
سڄڻ منهنجيءَ جي سار لڌي،
دردونديءَ جو ديس ....

(۷۴)

نه مون چوريو آ چرخو، نه مون ڪئي آ ڪتڻ جي،
ڪميٽي مون جهڙي جڳ ۾ ناهي آٽڻ جي.
۱- هتان پار پرين جڏهن آءُ ويندس،
هٿين خالي آهيان، هتي ڇا آءُ ڏيندس،
سواء تو ڏاجيءَ جي، پائي ناهي پتڻ جي.

(۷۰)

ڏردن جي ماري ويچاري، ڀٽڪل لڳم رڙندي وتي.

۱- اؤکا پنڌ پهاڙ جا، پر سڄڻ ڀاري.

۲- ڪوسا لڳن ڪڪڙا، واٽن تي واري.

۳- هيڏي شهر ڀنڀور ۾، چور بيٺا چاري.

۴- ڏيرن مڃيءَ سان ڏاڍ ڪيو، ڏار ڪئي ڏاري.

۵- سرتيون شاهہ لطيف چوي، گهوٽ نہ وڃهہ گهاري.

(۷۱)

راڻل تو ٻن رات، مونکي وڃي ورهيہ لنگهي ويا.

۱- آءٌ نہ اوهانجي آهيان، ڪهڙي پڇو ٿا ذات؟

مونکي وڃي ورهيہ لنگهي ويا.

۲- ڪؤنر چونڊ پديس ڪاڪ جا، پرهہ ڦٽي پرڀات.

مونکي وڃي ورهيہ لنگهي ويا.

۳- سڃي هيڙس سيج تي، ٽارن ڀري هئي رات.

مونکي وڃي ورهيہ لنگهي ويا.

۴- سرتيون شاهہ لطيف چوي، ڏاتر ڏيندو ڏات،

مونکي وڃي ورهيہ لنگهي ويا.

(۷۲)

هنکي خيال جو ٻيا گهٽا، مان ليکي ۾ ناهيان،

ليکي ۾ ناهيان نہ، مان پڻي سورن ۾ آهيان.

۱- وڃي آهيان وات تي، آنءُ ڪانگ ٿي اڏايان،

هنکي خيال جو ٻيا گهٽا.

قران قران اهڙو جو،
گڏ ڌرتيءَ کي پيئي ڦيرايان، ڇم ڇم منهنجا ڇاڳه،
منهنجا ماڙو ايندم ماڳه!!

(٧٦)

الله منهنجو ڏاڍو آهي - مٺان ڪا پلي سينو ساهي.
١- ڪري وينو ڪار ڪنيارڪي،
هڪڙا پڇي پيا پيو ناهي.
٢- ڏور ڏاهي جي هٿ پر،
ڪام وجهي پيو ٿو ڪاهي.
٣- جن کي عشق الله جو، تن لاڳاپا ڇڏ يـــا لاهي.
٤- سهسين صادق جهڙا، لکــه لـــــ وڌ ء لاهـــي.

(٧٧)

پورهيت ٿي پاڙي پريان، جي مان پورهيت ڪن.
١- سر به ڪريان سنيهي، بانهون ڏيڻي بن.
٢- ساهه به ڪريان صدقو، مٺان سڄڻ.
٣- توري پڙان نه اُن جي، جيءَ جيارو جن.
٤- اهڙا حال هلن جي، صادق سي سڏجن.

(٧٨)

تون سڄي آهين سڀاجهو، در اُتم تنهنجو ڀليو.
هاڪ تنهنجيءَ کي پڌي مان، دوُر ڪان آهيان هليو.
١- مهت ڏي مالڪ مونکي،
منهنجي مداين کي نه ڏس،

۲- مڙ، سڀ، وڻيون ڏورارا جي ڏندا،
اڳيان صرافن، پڌر سي ٿي پوندا،
ڪٽندا هٿن ۾ تارازي ڏورڙ جي.
۳- نه مون ڪئي آهي ڪمائي، نه مون ملي مزوري،
عمر گذري منهنجي وئي سموري،
ويو وقت گذري، سڄ نه ڪئي آ لهڻ جي.
۴- جن کي ياڳ پڙايو، ور ڏيو ڏن جو وارو،
ڏن جي اندر جو منيو سڀ نه مونجهارو،
شيرل ساڻ هٿي ڪر مصب ملڻ جي.

(۷۵)

جيڏيون اڄ خوش ٿيو، سرتيون اڄ خوش ٿيو،
مارو ايندم ماڳه !!
۱- مصب اچي ٿو، مينديون لڳايان،
سهڻي سيج سجايان،
چمب کي لاهي گهر ۾ آڻي،
بهه بهه گس بهڪايان، روشن ٿيندم ياڳم.
۲- قلوازي جا قول چئي سڀ،
راهه ۾ تنهنجي وڇايان،
ڪوئل ۽ بلبل جون ڏاتيون،
روح ۾ پنهنجي سمايان، ڳايان وسملا راڳ.
۳- شاد خوشيءَ ۾ نچي نچي،
مان سڌ ٻڌ سرمصه پلايان،

زمانو توکي پيو چوندو،
ڇا ڪنهنجي وات کي جهلبو؟
۴- ٻين کي ٻي نوازين تون، ضيا تي ٻي نوازش ڪر.
ڪندين ڪرپا تہ دنيا ۾، هميشه ڪند ڪٽي هلبو.

(۸۰)

تون سيلاني، مان سيلاني،
اگر ديس کان آيا آهيون،
سير ڪرڻ صبحاني.
۱- آهي اسانجو ڏسڻ پسڻ ڪم
ڪين جڳائي هڻ هن جو ڪم
سيلانين جو سير سان مطلب.
وسنو هجي يا ويراني.
۲- پنهنجو ۽ نہ پرائو ڪوئي
ڇگو لڳو يا لائو ڪوئي
اسين مسافر، فرق رکون ڇو،
ڪريون ڇو ناحق ناداني؟
۳- قدم قدم تي ڪاڪ محل آ
مومل مايا جو ڇل ڪل آ
راڻي وانگر رمز سان هلندو،
جڳ ۾ ورلو ڪو گياني.
۴- مايا نگري من پرمائي
ڪڻ نہ مسافر تي پڪائي

عيب مون ۾ اڻ ميا، سچ سچ اٿم سائين سليو.
٢- تون ڀريو ڀنڊار آهين، خالي جهولي ڀـــر ڪٽي،
آس هڪ تو ۾ رکي مون، آسرو جڳ جـــو ڇليو.
٣- تون هيڏئين جو ٺـار آهين، ٺار وجهه منٺار تون،
ٻي سبب دنيا جي حرص ۾، جگر آهـي جليو.
٤- تنهنجي دم سان دل جي اُجڙيل باغ ۾ ايندي بهار،
تو نظر جنهن تي ڪئي، سو دائما قـــوليو قلبيو.
٥- تنهنجي چائنٺ تي پيو آهيان، پوئي من ترس ڪو،
مان ضيا مجبور آهيان، روح جـــو تو سان رليو.

(٧٩)

خوشي ڏيندين ته خوش رهبو،
جي غم ڏيندين ته پيو سهبو،
مونکي جئن تون هلائيندين،
تنهنجي مرضيءَ تي پيو هلبو.
١- تون آهين شاهه بيپرواهه، گدا توکان پيو گهرندو،
جي ڏيندين تون ته پيو وٺبو،
نه ڏيندين ماٺ ۾ رهبو.
٢- ڀلا ڪمزور جو ڇا زور، تنهنجي زور تي هلندو؟
تنهنجي طاقت اڳيان جهڪبو،
نڪي ڪڇبو نڪي پڇبو.
٣- مان تنهنجو، تون آهين منهنجو،
دکي رهندس، گلا تنهنجي،

(٨٢)

لڳي آهيان تنهنجي لام، ٻيو نہ سجهيم تو کينکي.

١- تارون تن جون توکي گهرن ٿيون،
کو نہ گهرن ٻيو ڪام.

٢- طالب تن ۾ تکيو بڻايو، ڪين پروڙيم ڪام.

٣- هِن هُن جڳہ کي ترڪ ڪيائون، وٺي نہ تنهنجو نام.

٤- ڪرم **قطب** تي ڪر تون سائين،
ٻيو آهيان تہ تنهنجي شام.

(٨٣)

توکي ڪنهن پر پائيان - پريتم!

١- تون ٺاڪر مان تنهنجي داسي،
نت درشن لاء نيڻ پياسي،
من مندر ۾ توکي پوڄيان،
جيون ڀيٽ چڙهايان - پريتم!

٢- تون سيڪجهہ، مان ڪجهہ بہ نہ ساجن!
تون منهنجي جيوَن جو جيوَن،
تون ٿيءُ چندر چڪور بڻان مان!
اڻ ندي عمر گنوايان - پريتم!

٣- پاڻ وڃائي توکي پايان، توکي پائي پاڻ وڃايان،
تون ئي، تون ٿيءُ - مان ئي تون ٿيان،
پاڻ ۾ پاڻ وڃايان - پريتم!
" فدا "

ديس ڇڏائي پرديسين کان، دلڪش دنيا هي فاني.

٥- دنيا جي گلزار کي ڏس تون
گل کي ڏس تون خار کي ڏس تون
پيار ۽ نفرت سان ڇا تنهنجو؟
نظر ڪهڙي ٿي يڪساني.

٦- اک اٽڪي، پر دل ڇو اٽڪي؟
ڀونئر مثل من ڇا لئہ ڀٽڪي؟
رس جو پيڻهن نهوڙي پيندو-
حاصل ٿيندي حيراني.

٧- پنهنجي آدي ذات سڃاڻج
پاڻ ۾ پيهي پاڻ کي جاڻج
مڙني کان پد تنهنجو اوچو، لال ضيا تون لاثاني.

(٨١)

تون تہ لکين ڀيرا لوڏارين ٿو،
لہ ٻہ آءٌ تہ ڳجهيءَ ڳل تنهنجي آهيان.

١- لعلڻ توکي لائق نہ آهي، نيڻ ڪڻي تہ نهارين ٿو،
تنهنجي وَل ڇِل جي ورتل آهيان.

٢- تو لئہ سائين سوين سڪن ٿا، مشتاقن کي مارين ٿو،
ٿت هيٺي ڏنيو هيڪل آهيان.

٣- آهي عثمان اصل کون اوهانجو،
ڏارين ٿوڙي لوڏارين ٿو،
لہ ليکي لکيل تنهنجي آهيان.

٣- هت فڪر جو فسانو، هت زر جو ٺڳي زمانو،
هت ڪر تون هڙ خزانو، هيءُ مال ويو نہ ڇا ٿيو؟
٤- دنيا جا سک ڦٽا ڪر، وٺ آخرت ڪي آخر،
سُودي ۾ سُود خاطر، نقصان پيو تہ ڇا ٿيو؟
٥- سُورهيہ ٿي ڪہ ڏيکاريءَ، ويري سڀ وساريءَ،
پنهنجو نہ نفس ماريءَ، دشمن ڏسيو نہ ڇا ٿيو؟
٦- آهي قليچ ارمان، ڪيو شرڪ توکي شيطان،
من جي نہ ٿيو مسلمان، ڪلمو پڙهيو تہ ڇا ٿيو؟

(٨٦)

ماڻا ڪري نہ مار سڄڻ، تون ڏري ڏري،
پاڻان نہ ڪر مونکي تون پيارا، پري پري.
١- هيڪر نهار نيڻ کڻي، ناز مان پرين،
وئي عمر انتظار ۾، آزيون ڪري ڪري.
٢- هردم هنجُون وهائي، ڪري ياد توکي دل،
ڳالهيون ڪري هزار ڳڻن جون ڳري ڳري.
٣- مون ڪيو ڪسڻ قبول، مگر تون ڪو قياس ڪر،
خنجر وهاءِ حلق تي قاتل هري هري.
٤- دلبر اچي ڪو ڏيہ دلاسو قليچ کي،
محبت ۾ تنهنجي محب مٺا پيو مري مري.

(٨٧)

لطف سان پار لنگهائج پيڙيءَ وارا!
١- پيڙي تنهنجي پاڄهہ جي، اوگڻ تون نہ ويچارج.

(۸۴)

سخي سڀا جهل ٻاجهه ڪريو ڪا،
فضل ڪريو اوهين هاڻي.

۱- در تنهنجي تي ڪئين سوالي،
در تنهنجي تان ڪونه موٽيو خالي،
هيءَ ٻه هڪ نماڻي.

۲- درد منهنجي جو دارُون تونهين،
ٻئي در جي مٿن ناهيان سونهين،
حال سڀوئي تون ڄاڻين.

۳- چرخ فلڪ جي گهڻو ستايو،
دکـ ڪٽڻ جو ڪريو اوهين سعيو.
مرشد اچي ٿئي ساڻي.

۴- ڪرم **قطب** تي ڪر تون خالق،
تو بنا ٻيو ناهي مالڪ،
دکڙا ڪٽين اچي پاڻهي.

(۸۵)

دنيا ۾ دل جو مطلب، پورو ٿيو نه ته ڇا ٿيو؟
آخر مليو نه جي رب، ٻيو سڀ مليو ته ڇا ٿيو؟

۱- مرهمت هجيئي شاهي، لکـ لشڪر ۽ سپاهي،
ٿيندين عدم ڏي راهي، جڳ فتح ڪيو ته ڇا ٿيو؟

۲- ٿئين علم ۾ جي ڪامل، ڪر پاڻ عمل ۾ شامل،
عالم جي ٿيو نه عامل، دفتر لکيو ته ڇا ٿيو؟

١- سگهه نه سياڻو ساهيان، ازلون گولڙي آهيان،
ڀانڊ ڀڃيءِ ڀُل ڀايان، من ڀِي کا ڪهل پوئي.
٢- ڏوهه ڪيا تم ٻاري، توبهه تو در زاري،
نيڻ وهن ٿا جاري، من ڀِي کو ترس پوئي.
٣- درد هجر جو ڏاريو، واڳهه وصل جي واريو،
ڳڻتين تنهنجين ڳاريو، من ڀِي کو رحم پوئي.
٤- شال جواني ماڻي، ڀيءُ ٻرين تون اڄ ڀاڻي،
روز پيئي ٻاڏائي، من ڀِي کا مهر پوئي.
٥- **ڪوجهي** توڙي ڪاري، لالن تنهنجي لاري،
ساڄن ڪر سرداري، من ڀِي کو قياس پوئي.

(٩٠)

آهي مون نه غريب جو، ننگهه مٿي ننگهه پال يار.

١- جهڙي تهڙي يار جي، لڄ مٿي لڄپال يار.
٢- معلوم سارو هوت کي، هيڻيءِ سندڙو حال يار.
٣- گهرج چوڻ جي ڪانڪا، آگهه ڪل احوال يار.
٤- شاهه قبولڻ قربدار، جڳهه سندو جڳپال يار.
٥- آسروندڙي آهيان، لهندم سار سنڀال يار.
٦- **ڪوجهي** ڇڏ ينه‍دم ڪينڪي،
نيندو نماڻي نال يار.
لڄ ڀِي ڪيندم لال يار.

(٩١)

آسروندڙي آهيان سرتيون، هوت اچي هڪ ڏينهن،

٢- پٽڙ اُم ڪيڏڪي، نڌر نماڻي نا وسارج.
٣- ٿڪيون لهرون ٿير لڳن ٿيون، مهر ڀر موجي وهارج.
٤- ڪڪر ڪارا طوفان ٿڪيرا، پنڄ تون هي پارج.
٥- پنڌ ڪري مان ٿڪي آهيان، رحم جو پاڻي پيارج.
٦- نوُري نماڻي هڪ آسرو ٿنهنجو،
پورو ٻنڌر پهچائج.

(٨٨)

اُم جي اميدون، پوريون شال ٿينديم،
ڪنديم مهر مولا، پيهي هوت ايندم.
١- وسي شال ولهيءَ جو، هي وُران ويڙهو،
پنهنجيون جايون پاڻهي، وري شل پرينديم.
٢- وڻي ٿي پڪاريان، لڏي تو هي ٻيڙو،
اچي شال هٿڙا، ڏکيءَ ويل ڏيندم.
٣- حرف ڪو نه هوتن، مهڙ ساري ماڻڌي،
جيهي ٿيهي تن جي، ڇنيون ڏان ڇڏيندم.
٤- ها ٻيوس ويچاري، هلي ڪو نه چارو،
پاڻهي شال نڱڙو، ٿڌر جو پاليندم.
٥- ڪوجهي ٿيءُ نه ماندي، ڀرين چاڻ ٻهتا،
سخي جن جو نالو، اڏيو سي اڏيندم.

(٨٩)

باجهه پريا باڻهيءَ لي، من ڀڻي ڪا باجهه ٻوَلي،
شال سدا شاهي وسئي.

٢- پير ڦٽسي ڦاڪون جو ٽيڙا،
پير ڦٽسي ڦاڪون جي ٽيڙا،
جبلن منجهہ مان جهڳي آهيان - لالن ٿنهنجي ...
٣- دانهون ڪندي منهنجو ساهہ ويڙو،
آهون ڪندي منهنجو ساهہ جو ويڙو،
وڻن منجهہ مان نہ وڳي آهيان - لالن ٿنهنجي ...
٤- بانهي قبولڻ يار جي، بانهي سخي سردار جي،
ڪريم ڏنہ مان نہ سڳي آهيان - لالن ٿنهنجي ....

(٩٣)

اسين موهن مہ، موهن اسان مہ،
پڻ موهن جون بانيون، ساريون راتيون.
١- شام سندر اهڙو سهڻو آهي،
سج چنڊ جي جتي جاهہ نہ ناهي،
پاءِ اندر مہ جهاتيون، ساريون راتيون.
٢- هردي مہ توهل هلائي، مؤج منوهر مرلي وجائي،
لعل لڪين ڪري لاتيون، ساريون راتيون.
٣- رڳ رڳ مہ تو راس رچائي،
شبد سرن جي ڌن لڳائي،
چم چم ڪن تيون ڇاتيون، ساريون راتيون.
٤- ڪيڏل ڪيل ڪيلي ڪيلاڙي،
ماڌو موهن ڪرشن مراري،
ڏاڻ ڏئي پيو ڏاتيون، ساريون راتيون.

ڏيهہ مبارڪ ڏيندا، هوت اچي هڪ ٿيندا.

١- ٻنڌڻ جي آنءُ ٻانهي آهيان،
ٻانهي شال سڏيندا،
شان ٻرين جو ناهہ وسارڻ، گولڻ ڪي ٻہ گڏيندا.
٢- لکہ هزارين هوت نوارن، هڪڙي ڪين ڇڏيندا،
مرڪ جنين جو آهہ سخاوت، اڏيو سيئي اڏيندا.
٣- عيب مدايون مون ۾ گهڻيريون،
پاڻون قرب وڌيندا،
ننگڙو نيت ننگيءَ ٿي آهي، ڍڪڙو شال ڍڪيندا.
٤- سالڻ ڪون آنءُ سائل آهيان، خالي ڪين ڇڏيندا،
وينڙي آهيان وات وندر ۾،
هوت اچي هٿ ڏيندا.
٥- در تہ سڄڻ جي سوالڻ ڪوجهي،
مٺون شال مڃيندا،
لهرين وچ ۾ ڪين ڇڏيندا، نيت ڪناري نيندا.

(٩٣)

لالن تنهنجي لار، لڳي آهيان،
لڳي آهيان، مان تہ لڳي آهيان.
١- وينديس يار پنهل ڏي،
مان وينديس يار پنهل ڏي،
شهر ڀنڀور ڪان ڀڳي آهيان - لالن تنهنجي ...

(٩٥)

جوت ڪٿي آهه؟ جوت جڳاءِ،
ٻاهه ٻرهه سان جوت جلاءِ.

١- آهه نه ڏيئو ٻر جوتي ناهي،
پاڳهه ۾ تنهنجي لڪيل ڇا آهي؟
مؤت انهيءَ کان بهتر آهي،
جيئڻ جي ڪانهي تو لئه جاءِ،
جوت ڪٿي آهه؟ جوت جڳاءِ.

٢- دکم پيو تنهنجو در ڪڙڪائي،
ٻرڻ ۽ وٽان پيغام پڄائي،
هڪڙو دم ڀي دير نه لائي،
سڏي تو لوڪي ملڻ لاءِ،
جوت ڪٿي آهه؟ جوت جڳاءِ.

٣- آسمان ۾ بادل ڇايا، رم جهم ميگهه ملهار وسايا،
تنهنجي دل من مونجهه منجهايا،
مطلب اُن جو ڇاهي اُلاءِ؟
جوت ڪٿي آهه؟ جوت جڳاءِ.

٤- پل چمڪو وڄليءَ جو ڏٺي تو،
ويتر ڪاروڻيار وڌي تو،
ماڳهه انهيءَ لئه من ڀٽڪي تو،
رات جو گيت سڏي جنهن جاءِ،
جوت ڪٿي آهه؟ جوت جڳاءِ.

(٩٤)

ڇا ، سندس خاموش آهٽ نا ٻڌين ٿو؟
هوُ اچي پيو، هو اچي پيو، نت اچي پيو.

١- هر گهڙيءَ ، هر وقت ، هر ايام ۾ ،
هر صبح ۽ هر منجهند ، هر شام ۾ ،
هوُ اچي پيو، هوُ اچي پيو ، نت اچي پيو.

٢- گيت من جي موج وارا ٿا ڇون ،
سڀ ملي آلاپ هڪڙي ڳالهه ڪن ،
هوُ اچي پيو، هوُ اچي پيو، نت اچي پيو.

٣- چيٽ جي روشن ۽ سرهي ڏينهن مان ،
جهنگلن ، ٻيلن جي گس ۽ راهه تان ،
هوُ اچي پيو، هوُ اچي پيو ، نت اچي پيو.

٤- راتڪاريءَ ۾ جڏهن بارش وسي ،
گجندڙ ڪڪرن جي پينڪر رٿ تي ،
هوُ اچي پيو، هوُ اچي پيو، نت اچي پيو.

٥- ٿا مونتي ڏڪڙن پٺيان ڏڪڙا اچن ،
پير هنجا دل تي منهنجي پيا پون ،
پنهنجا پيارا پير سونا ٿو ڌري ،
منهنجي آنند کي ٿو هوُ روشن ڪري.

منگهارام ملڪاڻي (گيتانجلي

واٽ سان ڳت ڪٿي ڪر جانيڙا،
ٽوڪي نيڻين جادو لايا يار نيڻين جادو آيا.
١- ايڪ گلي ۾ نانگ هٿ ٿهري،
دُوجي گلي ۾ چوها،
راهه مسافر ماريو ويندين، هٿ هٿ ٽنهن نه ڪيتا،
منهنجا من ڪبوتر، منهنجي دل ڪبوتر.
٢- ٽون منهنجو جاني، آءٌ ٽنهنجي ٻانهي،
ٽوتان ڪريان سر قرباني، رمز چڱي ڏيکار.
منهنجا من ڪبوتر ...
٣- ٽون منهنجو مالڪ، مان ٽنهنجو ٻالڪ،
ٽون پرت پالڪ، دل ۾ ڌيرج ڌار،
منهنجا من ڪبوتر ...
٤- نيونڊ آهي ٽو در سوالي،
ٽنهنکي موُر نه ڇڏج خالي،
سائينءَ جي آڌار پولي جي آڌار.
منهنجا من ڪبوتر...

(٩٨)

جيسين جان ۾ باقي دم رهندو،
دل ۾ وڇوڙي جو غم رهندو.
١- هيءَ آهي آگم اها من جي،
هيءَ آهي اچل امنگن جي،

٥- ڪڪرن ۾ گجگوڙ ٿئي ٿي،
وايو واڪا ڪندي وڃي ٿي،
رات ڀيانڪ روپ ڌري ٿي،
اوندهه ۾ نا وقت وڃاءِ،
جوت، پريم جي جوت جلاءِ،
پران جلائي، جوت جڳاءِ.

منگهارام ملڪاڻي (گيتانجلي)

(٩٦)

تنهنجيءَ تار ٽڳان تن من ۾ مٽيءَ جـو مالڪ تون.
١- ٻن ٻوڙين پاتال ۾، پهڻ ٽارين تون،
تنهنجي تار ٽڳان ...
٢- حيف انهن جي حال کي آهي جيڪي ياڻن ڏون،
تنهنجي تار ٽڳان ...
٣- هندو مسلم هر مذهب ۾ سهي سڃاڻو مون،
تنهنجي تار ٽڳان ....
٤- نانڪ يوسف تي يار سچل جا مهر جا هٿڙا مٿون،
تنهنجي تار ٽڳان ...

(٩٧)

منهنجا من ڪبوتر، منهنجي دل ڪبوتر.
هٿن سان هاج ڪٽي ڪر، پيرن سان پند ڪيو ڪر،
ڪلهي تي وار ڌريا ڪر، نيڻن سان نات ڪيو ڪر،
ڌڻيءَ جا گن ڳايا ڪر، مکہ سان نام جپيو ڪر،

٣- شاهن جو شاهه آهين، مشڪل ڪشاهه آهين،
رهبر ۽ راهه آهين، ماهر ملاح آهين،
تون ئي پتوار منهنجو، تون ئــي آڌار منهنجو،
تون ئي منهنجو نگهبان - سهڻا يار.

٤- گل ۾ وفا خوشبوُ تنهنجي،
رنگت نياري هر سو تنهنجي،
قدرت جي آبروُ تون، بلبل جي جستجوُ تون،
حسن ڪمال تنهنجو، جلوهه جمال تنهنجو،
حسن تنهنجي ڪيو حيران - سهڻا يار.

(١٠٠)

ڏوهيڙو:- [illegible]
”هر ويلي ڪانگان يار ڏيان،
مٺن تو رو رو ڪانگ اڏران،
قاصد پيغام تي فالان پاوان، مٺڙا تي گيا حال بيماران،
يار ٻاجهون مٺڪون جيوڻ ڪوڙي،
دي اندر درد هزاران،
غلام فريد مٺن تو اليوين زووان،
جيوين وڇڙي ڪونج قطاران.
اگڻ ٻهاريان تنهنجون واٽون نهاريان،
او يــار سڄڻ، هاء اگـڻ ٻهاريان...
١- تنهنجي اچڻ جون رکيون اُميدون،
جيءُ جياريان - تنهنجون واٽون نهاريان.

روڪڻ سان ئي رڪجي نہ سگهي،
پٺتي منهنجو قدم رهندو- جيسين جان ...

٢- هيءَ آگ اندر ڀڙڪي اٿندي،
دل جوش منجهان ڦڙڪي اٿندي،
هيءُ ظالم ستم وارو عالم،
دائم نہ اهو سالم رهندو- جيسين جان ...

٣- پوئين پهر ٽائين مان نهاريندس،
بنا تيل ڏيئو ئي ٻاريندس،
وٽ سوري وفا ٻيئي سوريندس،
در تو لءِ پٽيو هردم رهندو- جيسين ...

(٩٩)

تنهنجو شهنشاهي شان سهڻا يار.
تنهنجو ئي نوُر آهي ظاهر ظهور آهي،
سونهن تنهنجي آ سبحان- سهڻا يار ...

١- اکڙين ۾ بان سهڻا، اَبروُ ڪمان سهڻا،
تنهنجو ئي نوُر آهي ظاهر ظهور آهي.
نيڻهن تنهنجي ڇٽيو نشان- سهڻا يار.

٢- نيڻن مان ڪير نهاري، مکہ مان تو ڪير پڪاري؟
ٻولي تو ڪير اندر ۾، تڙقي تــو ڪير جگر ۾؟
سڀ ۾ آ روپ تنهنجو، روپ انــوپ تنهنجو،
دل ۾ آ تنهنجو آستان- سهڻا يار.

مان گهرجائو، نت آسائو،
هو داتا مان هنجي داسي،
مان هيس بيگاني، بٺيس ڀر ٻانهي، جهولي لعل جي...
٢- سهڻي سانول سان لنوَ لاتم،
هنجي سِڪ جو سرمو پاتم
جو نيون ٻاري، پلوَ پساري،
عمر سڀئي هن جا گڻ ڳاتم،
آ نينهن جي نشاني - ڳڀيءَ منجهه ڳاني،
جهولي لعل جي ...
٣- جنهن کن پل ۾ پاپي ماريا،
ٻاجهه ڪري جنهن ٻيڙا تاريان،
مسڪينن جا، محتاجن جا،
ڪارج سائينءَ پاڻ سنواريا،
سندس ڪونہ ثاني، مونتي آ مهرباني.
جهولي لعل جي ...
(گوورڌن ڀارتي)
(١٠٣)
جيڪي عاشق آپ سڏائين ٿا،
سي ڀورين پاڻ پڇائين ٿا.
١- محبت مچ ۾ پون ڪاهي،
ڦٽڪي پاڻ چاڙهيون ڦاهي،
سي سچ وٽ رکن لاهي، سڙيو ساهہ سجهائين ٿا.
جيڪي ....

٢- تو ريءَ گهڙيون او يار پيارا،
رويو گذاريان - تنهنجون واٽون نهاريان.
٣- طالب مؤلئ! تنهنجو آهيان،
توکي سنڀاريان - تنهنجون واٽون نهاريان.

(١٠١)

ميان وو ٻولي ٻاروچل هڪ!
هِتي هتي اندر ٻاهر صحي سڃاڻج سڪ! ميان وو ...
١- هِن ۽ هُن ۾ فرق نہ ڪوئي،
فرق هجي ڪر ترڪ سگهوئي.
ملڻ جي پانڌ پڪ - ميان وو...
٢- هر نظاري، هر نـور، پيهي تُس حاضر حضور،
تن ۾ ويهي ڪر تڪ، ميان وو....
٣- طالب ٻر جي هيءَ ٻولي،
آهي ڳجهي هيءَ ڳجهہ ڳرولي،
ٻاجهون مرشد وٽ تون ويهي،
لوڪان ويهي ڪر لڪ - ميان وو....

(١٠٢)

مان آهيان مستاڻي، مان آهيان ديواڻي،
زندهہ پير جي، ڳرڻ وير جي،
جهولي لعل جي - امر لعل جي،
١- لعل اُڏيرو جل جو واسي،
ٻر مان مڇليءَ وانگر پياسي،

(١٠٥)

ٻڌجي پوي حيات اگر بار ڇا ڪجي ؟
اڳتي قدم کڻڻ ٿئي دشوار ڇا ڪجي ؟
١- سپنا انيڪ مون ٻه ڏٺا زندگي سڄي ،
سپنو ٿئي نه ڪوئي ٻه ساڪار ڇا ڪجي ؟
٢- آليون اکيون کڻي ڏسان هن ڏانهن بار بار ،
هنجو وڃي نه ڏيان ، جي هڪوار ڇا ڪجي ؟
٣- پوري ٿي عمر پر نه ٿي پوري اميد ڪا ،
دل ۾ نئين اميد ٿئي نروار ، ڇا ڪجي ؟
٤- هر جيو کي جهان ۾ سک جي تلاش آهه ،
سک ۾ ملي نه سک جو اگر سار ڇا ڪجي ؟

پارُو ناڪر

(١٠٦)

جن جي سڪڙي اندر ۾ سانگي شال ملن ،
اندر آتش جيجل محبت مچ ٿا مچن .
١- پرهه پهيران جو لائم ، لاٿم عشق اوطاقان ،
نيڻين نمبرڙي وهئي ، ڇڏيم طعام ٽڏهانڪا .
جن جي سڪڙي ...
٢- پڇي پانڻ پاوا ، پوئيون پڇايم ،
پون پُور پل پل ، اندر اليلا اٿن . جنجي سڪڙي ...
٣- ڪيئل اميدان اچڻ جون ، انـــدر منجهه اکير ،

۲- سبق سُورن جو ياد ڪيائون،
روزا نمازون ڇوڙي ڇڏيائون،
مڪو مسجد ڪانہ ڏنائون،
جيڏري جان جلائين ٿا. جيڪي عاشق ...
۳- سورهيہ سڪن ٿا سڄڻ کي ساري،
معشوق مات ڪيو ٿن ماري،
ڳاهي ڳڻتين ڇڏين ڳاري،
روئي رات وهائين ٿا. جيڪي عاشق ...
۴- داس چوي پليون برهہ جون بانيون،
قتل ڪن ٿا وجهن ڪانيون،
اونءِ لونءِ منجهہ لطيفي لانيون،
پرڪي پاڙ پسائين ٿا. جيڪي عاشق ...

(۱۰۴)

تو در منگتا لڪہ هزار، آنءُ بہ لاڙ اِڪ فقير! تو در...
۱- تو لئہ لوڪ لڇا سڀ لائم،
تو لئہ اکڙيون منجهہ اکير! تو در ...
۲- روئي روئي رات گذاريم،
بخش تون منهنجي تقصير! تو در ...
۳- تو بن نا ٻيو ڪوئي سڃاڻان،
تون اِڪ منهنجو شاهہ پير! تو در ...
۴- در جي خاڪ ڏي خادم کي،
ٿي نُوري نماڻي وهائي نير! تو در ...

(١٠٨)

مون نہ پرين ڪيا پنھنجا،
منھنجا تين نہ تين وو...
١- عيبن پري آھيان، عيب ڪين ڏسن وو.
مون نہ پرين....
٢- آءٌ تہ اُنھن جي آھيان، توڙي مون نہ مڃين وو.
مون نہ پرين...
٣- سرتيون شاھہ لطيف چوي اَلا،
چاھہ منجھان چائين وو. مون نہ پرين...

(١٠٩)

آءٌ اچي ڏيئي وچ رانجھن يار دلاسو دل کي،
عشق تنھنجي جي، برھہ تنھنجي جي،
عشق تنھنجي جي ماري آھيان. آءٌ اچي...
١- طاقت ناھي پند ڪرڻ جي،
ڪيچ پنھل ڏي ڪيئن ڪاھيان.
آءٌ اچي....
٢- آءٌ تنھنجي بانھي، تون منھنجو سائين،
توسان وري کھڙو سينو ساھيان.
آءٌ اچي...
٣- ھدتہ پڙٽيون، او طول وھاڻا،
پير پلنگہ تي ڪيئن پايان.
آءٌ اچي...

ايندا ڏکڙا ڪٽيندا ويندا غم غريب.
جنجي سڪڙي ...

(١٠٧)

ڪشت ڪشالا ڏي ڪنبا ويندا،
هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي،
درد خوشين ۾ ڏي مٽبا ويندا،
هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي.

١- خشڪ خزائون پوريون ٿينديون،
نيت بهار ٻ ايندا،
مڪڙيون اڄ جي آليون آهن، آخر گل پي ٿيندا،
پوش ڪلين جا ڏي پٽبا ويندا،
هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي. ڪشت ڪشالا...

٢- ڪنڊن جي سيجا ٿي،
پشپ پريون پي ليٽيل آهن،
ڪڪرن جي آنچل ۾ ڪرڻا پي ٿ سميٽيل آهن،
غم جا بادل گهٽبا ويندا،
هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي. ڪشت ڪشالا...

٣- مرڪي مرڪي لڙڪ وفا،
اکڙين ۾ پي جي ويندين،
راهن جي گهٽ گيهرن ڪان نون،
واقف ٿي جي ويندين،
پٿر پاڻيهي ڏي هٽبا ويندا،
هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي. ڪشت ڪشالا...

٢- نيڻ پرائي ڏکم کان ڇلڪيا،
تن مان ڳوڙها آنسون ٽپڪيا،
جي هيرن جا هار ٺٽيا، تن لڙڪن تان قربان.
٣- مڙني لاءِ کوليون مڌ شالا، پاڻ پيئن اکڙين جا پيالا،
مستيءَ ۾ جي مست سدا، تن مستن تان قربان.
جن جي دل ۾....
(هري دلگير)

(١١٢)

” سنڌ تنهنجو شان، ڇا ڳائي ڇا ڳايان،
تنهنجي پاڪ پٽيءَ کي سرمو ڪري پايان،
تنهنجي نينهن نباهيان، نرمل وڏي ناز سان.“
سنڌ منهنجي اما، سونهن تنهنجيءَ مٿان،
ڇا لکي ڇا لکان! ڇا لکي ڇا لکان!
هڪ قلم هڪڙو مان! ڪيئن ٻُڌو ٻوان!
ڇا لکي ڇا لکان؟ ڇا لکي ڇا لکان؟
١- تنهنجي ماڻهن کي سينڌي ۾ سانڍيو وڃان،
تنهنجي لاڻن ليئن کي ٻه چندن چوان،
شال تنهنجي ئي ڪک مان پيو هر هر ڇمان،
ڪير تنهنجو پيئان، ويڙ تنهنجو ٽيان. ڇا لکي...
٢- هن ڪنڌيءَ تي ڪڏيو جو ابهم ٻار آ،
ڪنهن تہ چيچل جو جاني اکين تار آ،
هي جو ٻالڪ سپاڻي جو معمار آ،

۴- ورهه ٽنهنجي ۾ ڪيئي ولوٽيا ،
سچل چوي آءٌ وري ڇا آهيان. آءٌ اڇي ...

(١١٠)

١- ڪا نه ڪا سيني ڪي لڳل آهي،
ساري دنيا جو سڪه قتل آهي.
٢- ڪنهنڪي ڪنهنڪي مناٺجي آخر؟
هر خوشي پاڻ کان رتل آهي.
٣- پڇ نه ٽنهن ڳالهه جي ڪشت جو سبب ،
جنهنجو يي سلسلو ٽٽل آهي.
۴- هاء! ماٿو جيئڻ جي نالي ۾ ،
ٽس نه سوچڻ ۾ ني رڌل آهي.
۵- ٽوکي پاڻڻ جي ياد ائين آهي ،
خواب جڻ خواب ۾ لڌل آهي.
٦- حسن باهر ٽو نڪري پردي کان ،
شاعرن جي دعا پڄل آهي.

(سڳن آهوجا)

(١١١)

جن جي دل ۾ درد، اُنهن جي دردن تان قربان،
جن وٽ سڀ جا سؤر، انهن جي سؤرن تان قربان.
١- نت نت پاڻ جلائين وينا ،
جڳ ۾ جوت جڳائين وينا ،
اوندهه اُجلي جن کان ٿئي ، تن ڏيئن تان قربان.

(١١٤)

توکي ماتا پواني نمسڪار آ،
ساري جڳ کي تنهنجو آڌار آ.

١- برهما وشنو گڻ تنهنجا ڳائين،
شو سنڪادڪ پار نہ پائين،
تنهنجي مهما اَپر اَپار آ. توکي ماتا

٢- ديوَ ديويون پڻ توکي ڌيائين،
جپ تپ تو لاءِ ٻاڻ پڄائين،
تنهنجي جڳ جڳ ۾ جئڪار آ. توکي ماتا

٣- ساڌو سنت ٻہ تنهنجا پوڄاري،
سوالي اچن تا کي أي سنساري،
تنهنجو نالو سدا نروار آ. توکي ماتا

٤- ساري جڳ جي ماتا تون آهين،
ڪن ۾ ناهين، ڪن ۾ داهين،
تنهنجي هٿ ۾ وڏو هٿيار آ. توکي ماتا

٥- غريبن کي تون بادشاهہ بڻائين،
لکيل انگ تي ماتا مٽائين،
اهو عجب تنهنجو اسرار آ. توکي ماتا

٦- سيئي ٻچن جا تون ڪارج سنوارين،
دکين کي ڪڏهن ڪين ڌڪارين،
تنهنجو دارائڻ نميڙو ٻار آ. توکي ماتا

اُن جي ٻوليءَ ۽ لوليءَ تان صدقي وڃان،
مان نہ صدقي، ڇا لکي ڇا لکان؟

٣- هوءَ جا ٻهوس ٻکن لي مڙهي منڊ ٿي،
اڄ بہ جوڻي اَسر جو اُٿي جنڊ ٿي،
جا گرم کير ۾ ٻڌي گڏي کنڊ ٿي،
اُن سهاڳڻ کي مان ڪيئن نہ سجدو ڪريان،
ڪيئن نہ سجدو ڪريان. ڇا لکي ڇا لکان؟

(١١٣)

هلي آءُ، قرب ڪري هلي آءُ،
اکڙيون آليون، پائين جهاليون،
پنڌڙو ناهي ڀري، هلي آءُ ...

١- جيءَ ۾ تو لاءِ جايون جوڙيم،
منهنجي نہ ٿي جو سري. هلي آءُ ..

٢- تو ريءَ تن ۾، تو ريءَ من ۾،
پيئي ٿي باهہ ٻري. هلي آءُ ..

٣- تنهنجي اچڻ جون واٽون واجهايان،
منهنجي اک اُٿي ڦري. هلي آءُ ..

٤- پل پل ويٺي توکي پڪاريان،
دلڙي دانهون ڪري. هلي آءُ ..
هلي آءُ - هلي آءُ

٣- لالا لاهوتي لائي ويا تہ لوري،
جيءَ ۾ جوڳين جي ڏينهن رات تہ جهوري،
ڇڏي ڇني ڇوري ڪري هڪڙي جڳي ويا. جيجل

(١١٧)

اڃا روشني ڏي، اڃا روشني ڏي،
اڃا تائين دنيا اسانجي انڌاري!
سجهي ڪونہ چارو، اڃا روح پڪي،
اڃا روشني ڏي، اڃا روشني ڏي!
اِنهيءَ سج، اِنهن چنڊ تارن جي هوندي،
اڃا ٻاٽ ڪاري، اڃا ٻاٽ ڪاري،
اڃا روشني ڏي، اڃا روشني ڏي!

(ڏارائڻ شيام)

(١١٨)

” دادا! تون م ڇڏيج، مان جيتان تنهنجي آسري،
سيئي ٻاڙون سوُر جون، هڪ لطفي منجهہ لنيج،
تون نہ منهن مٽيج، ملڪ مٽيو تان گهوريو. “
مصيبت ۾ مالڪ مددگار ٿيندا ين،
مددگار ٿيندا ين او سدا ساٿ ڏيندا ين.
١- ديا جي نظر ٻي وسيلن مٿان ڌر،
جڏن ڇا جياپا اگهن کي سگهو ڪر،
جهولي جهولي لال جهولي لال،
او شرن جيڪي آيا، تن کي ڇڏيندا ين،
مددگار ٿيندا ين ....

(١١٥)

آيو آيو آ بهاري بندرابن ۾،
جهولي جهولي ٽاري ٽاري اڄ اڀون ۾.
١- سکي! جمنا ڪناري، گوالن سان گڏ ڳانئيون چاري،
سڄو ڏينهن تو گذاري، بنواري بن ۾. آيو آيو
٢- مٺي مرلي وڄائي، اٿين هنيون هرڪائي،
جيڪن پنيت پڙڪائي، ڪوئي تن من ۾. آيو آيو
٣- ريجهي رادڪا اچي ٿي، نت ڪت سان نچي ٿي،
ٿاڌي موج مچي، نت نرجن ۾. آيو آيو
٤- دک ۾ پي سکدائي، منهنجو ڪرشن ڪنهائي،
آهي درشن الاهي، جنهنجي درشن ۾. آيو آيو
٥- من لڌيون تنهن سان لائون، جنهن ۾ پڻيهه ڪلائون،
ٿيڻي لوڪ ڏنا مون، پنهنجي موهن ۾. آيو آيو

(١١٦)

جيجل جوڳيڻڙا جادو هڻي ويا،
جادو هڻي ويا، دل ڦري ڪٽي ويا.
١- آديون! آد يسي آيا الله سين،
جن جي اچڻ سان ٻڌجي ويٺي بستي،
ڏيئي موج مستي ڪري ٿار ڏٽي ويا. جيجل
٢- پري پري پيدر ڏنائون ڪو پيالو،
جنهن جي پيئڻ سان من ٿيو متوالو،
نشو نرالو چکي ڏيئي ڪٽي ويا. جيجل

١- ڪيو ساهه سهڻيءَ صدقي هاء،
ميهر جي محبت ۾ ٻني ڪانءِ درياهه ڏڏڪي،
دل ڏجي ...

٢- ليليٰ مجنوءَ نباهيو هاء،
مڃي ڪانپوءِ پيي قبر مان آواز اهو آيو. دل ڏجي ....
٣- هنڌي سسئيءَ سر جي سڻي هاء،
پنهل پنهل ڪندي ويئي جواني جهنگلن جهڻي.
دل ڏجي ...

٤- آهيون رتن سڀ رب جا هاء،
دنيا مؤن ڏني جاچي سڀ ماڻهو مطلب جا.
دل ڏجي ....

(١٢١)

تنهنجي تند تنوار يار، مون من موهيو.
١- ملهي آئين مڱڻا! گهجي ۾ گرنار.
٢- سر جي صدا چڱ تون، ڏيانءِ ڏيج اپار.
٣- دان ڏيانءِ دهرا، هزارين هزار.
٤- اڃا! عبداللطيف چوي، پسان پرين پار.

(١٢٢)

ڏوهيڙو:-
راڻا! روسامو ڪري، تون وڃي وينين گهر،
اسان ماڻهو موڪليو، دوست اوهانجي در،
ماڻهو موٽي آيو، کهڙي ڏوهه ڏمر،
پڇي ڏس پاڙيوارن، سوڍا ثابت ڪر،

٢- تنهنجي در تان خالي نه ڪوئي وري ٿو،
اچي جيڪو ٿو وٽ، سو جهوليون ڀري ٿو،
او، اسانجي به داتا جهولي ڀريندين،
مددگار ٿيندين، او، سدا ساٿ ڏيندين مصيبت ۾.

(١١٩)

آئي آهيان تنهنجي در، جهولي منهنجي ڀر،
ڪيم ڏوهه جيڪي، اُهي معاف ڪٽي ڪر.
١- ورهين کان مان آهيان ويڳاڻي،
داتا دکن جي ڪندين تون پڄاڻي،
ڀانهي آهيان تنهنجي، نماڻيءَ تي نظر ڪر.
آئي آهيان ...

٢- قسمت منهنجي ڪير ٻڌائي،
اچا نه اڃتي چاهي الائي،
اوٽ اٿم تنهنجي، نه منهنجي ڀاڻيهي ٿيندي سر،
آئي آهيان ...

٣- سوالڻ آهيان، آس پڄائيندين،
پنهنجي گنج مان، ڪجهه نه ڏياريندين،
رانجهون چوي راضي ٿيءُ،
نه ڪلندي ڪڏندي وڃان گهر. آئي آهيان...

(١٢٠)

دل ڏجي دل وارن کي،
کهڙو قدر پوندو وڃي قدرن ڀارن کي.

سنيهو ڏنو ڪال، مونکي هلڻ جو،
ڪيو مون ۾ دنيا ۾، سعيو لڏڻ جو،
فلڪ تي اڏاميس، ڇڏي جسم فاني،
ڪيم چاه مان، سئر تي آسماني.

٤- اُنهيءَ دم فرشتو، نظر هڪڙو آيو،
اچي اُن فرشتي، اچانڪ ورايو،
جهلي منهنجو اڳ، مونکي کولي ٻڌايو،
ته توکي خدا، پاڻ وٽ آ گهرايو،
ڇڪي زور سان منهنجون ٻانهون ٻڌائين،
خدا جي اڳيان، مون کي حاضر ڪيائين.

٥- خدا کي ڇيائين ته سرڪار رحمت،
ٻڌايان ٿو هن جي مان کولي حقيقت،
ڪيئين ڪين پلجي، اوهانجي عبادت،
نه هنجي رهي اوهان سان محبت،
ڇڏيو نرڪ کي اهڙو پاپي اماڻي،
اچي جيئن گنهگار جو من نڪاڻي.

٦- ڇيو مون خدا يا گنهگار آهيان،
جو توکي وساريم، خطاوار آهيان،
مان بيشڪ خطا لاءِ، سزا وار آهيان،
جي دوزخ ڏيو آءٌ حقدار آهيان،
مگر تنهنجي ٻندن سان رکيم محبت،
عبادت جي بدران، رکيم تي صداقت.

ھاڻي ناحق نانءُ نہ ڌر، مٺي سٺنڊين ميندرا!
تنھنجي چانگي کي آءٌ چندن چاريان،
آءٌ راڻا رھہ رات.

۱- تان کو ڏونگر ڏوريان، جان نہ وھامي رات،
۲- آھي مونکي ميندرا، تن تنھنجي تات،
۳- عرض کنديس الله کي، پرھہ ڦٽي پرڀات،
۴- سرتيون شاھہ لطيف چوي، ڌاتر ڏيندم ڏات

(۱۲۳)

۱- سڄي عمر گذري نہ رب ياد آيم،
نہ مندر وسايم، نہ مسجد وسايم،
نہ سجدہ کيم، نہ سر کي جھکايم،
نہ سمرڻ کيم، نہ سماڌي لڳايم،
ويا ورت پلجي ۽ روزا وسارم،
حيالي سڄي، ناستڪ ٿي گذاريم.
۲- کنيم کين پلجي، کا مالھا ھٿن ۾،
نہ ھڪ پل گذاريم، ھريءَ جي ڀڄن ۾،
نہ تپسيا ڪٽي مون، ڇڏي شھر بن ۾،
جپيم جاپ ڀڳوان، جو کين من ۾،
نہ عابد بڻيس ۽ نہ بڻيس نمازي،
زماني ۾ منھنجي، ھٺي الٽي بازي.
۳- جڏھن وقت ويجھو، اچي ويو مرڻ جو،
فنا کي ڇڏڻ جو، بقا ڏي ھلڻ جو،

(١٢٥)

عشق اچڻ لڳو پرُوُن اڳيئي پيوُن ،
آئي عقل ڇيو هاڻي ڪيئن ڪيون .
١- آيو عشق نہ جيءُ ۾ جهوري لڳي ،
لونءُ لونءُ ۾ سڄڻ جي لوري لڳي ،
سڪ سهڻل جي سؤ وار وڌي ،
مونکي نينهن سيڪاريون ڳالهيون نيون . عشق ...
٢- آيا لوڪ مڙي سڀ سوڪ ڪري ،
لڳا سمجهائڻ وڏا ٻوڪ ڪري ،
وينا اردگرد سڀ جهوڪ ڪري ،
ڳالهيون سهڻ واريون سهڻيون پيون . عشق ...
٣- اهڙي عشق جا ڪيئن نہ احسان مڃيان ،
پلا سرتيون ٻڌايو ڪاڏي وڃان ،
ڇو ٽيون سمجهايو ناهيان ننڍڙي اڃا ،
ڳالهيون ياد اٿم جيڪي **چندر** چيون . عشق ...

(١٢٦)

الائي ڇا تو ڇاهي يار ، خبر ٿي ڪنهنکي ناهي .
١- ڏٺي هي پنهنجا روپ انوپ ،
وري تو ٽن کي ٻاهي .
٢- ڪرائي ڪري جڏهن سڀ پاڻ ،
اسانجي هٿ ۾ ڇاهي !

٧- فرشتن موليٰ، ڪيو حڪم جاري،
تہ هنجي وڃي سؤئي جنت سواري،
جو هن عمر نيڪين ۾ آهي گذاري،
۽ ماڻهن کي سمجهايئين مخلوق پياري،
هيس هڪڙو عاصي، اڳهامي ويس مان،
ضيا نيٺ جنت جي قابل ٿيس مان.

(١٢٤)

ڏوهيڙو:-

ڪٿي ڪٿي نہ ڇڻ ادا منهنجي ڪٿي ڪستوري،
سرديءَ ۾ لوئي ڪريان، گرميءَ ۾ لوري،
ڇيڻن ۾ ڇڄ ڪريان، ڪاٺين منجهہ لوڙي،
مينهن وسندي پکو ڪريان، لڏيندي ٻوري،
اها ڇڄي ٺڏوري، جيڪا ڪٿي ڇڏي ڪٽ لئي وهي.
ٻول ٻڌا ٿم ور سان ويهي،
ڪيئن نہ وڃان ٿيان ڪوڙي اُلا.

١- ڇيت ڇنوڙي، ڇولو ڇهارو،
مٽي لي آ ٻوٽي ٻراٽي.

٢- ٻال جتيءَ کون آءٌ ٻالي ٻولي،
نالي آءٌ نماڻي اُلا.

٣- سهڻو شاهہ لطيف چوي، آهيان عيبن هاڻي.

ماندو من ٿيو مٽيءَ جو ڏابو، ڏنگڻ آيم ڏيرو،
لونءَ لونءَ چغلي مارڻ ويٺي،
اکڙين پاڙيم ويڙ - پهتم نياپا پير.
٣- ايڏا غم ڪاڏا اٿم جو اڄ ملڻ مهانگا ٿي پيا،
سورن ڏاران جيئنديس ڪيئن جي درد ڇڏي پاسو ويا،
ڏکہ آهن مون وٽ تون آهين،
نہ نہ نہ ڏکايل ڪير؟ پهتم نياپا پير.

(١٢٨)

تنهنجي درد فراق ۾ وينديس يار مري،
او مري - او مري.
١- اٺ ئي پهر اباڻڪي،
چارئي پهر چري، او چري، تنهنجي
٢- ڏور ڏيئي وئين تون ڏکن جي،
ڪيچ ۾ شال ٻري - او ٻري. تنهنجي
٣- پيرون چونڊيندس پاند ۾،
ڪيڙن مان نہ لڙي - او لڙي. تنهنجي
٤- سرتيون شاهہ لطيف چوي،
ملندم محب وري - او وري. تنهنجي

(١٢٩)

ڏسڻ وارو لکہ اکين سان ٿو ڪي صدورا ڏسندو آ،
چاڙهڻ وارو سڀ ٿو چاڙهي،
پر منهن سان ڪجهہ نہ ڪڇندو آ.

٣- هتي آ ڪوڙ جي بازي سر،
چڙهي تو سچ هت ڦاهي.
٤- ڏسي هي ڪلجڳ منجهه ڪلوُر،
چئون ڪيئن ڪو رب آهي!
٥- جڏهن هي آهي سمنڊ اَجهاڳ،
هلون ڪٿ سڙهه سانباهي؟
٦- ڪٿي مؤجيء ڪان اڳم روح، سياڻا سچ سائ ڇاهي.
٧- گلن جا انگه شفق جا رنگه،
هي آخر ڪير تو ناٿي!
٨- رسيلا سٽي روح جا راڳ، چئون نا ڪوئي آهي.
٩- وفا بس عشق ئي آهي الله،
چئي ڏي سينو ساهي.

(١٢٧)

پهتم نياپا ڀير ......

آءُ اچان ڪيئن؟ تيون بند راهون.
بيا سوڙها گهٽ گهير! پهتم نياپا ڀير.
١- هوليء اڌ گوليء جون راليون اڙقائين تيون جيءَ،
هڪ ڏڪٽيء جو ملڙ مسافر! بيو ڏاڻن جو سيءَ،
ماڻيل چارن جي چڪ م ئي،
پونڊم پڏر پير، پهتم نياپا ڀير.
٢- هڪ گهر جي لوڙهي جو گهيرو،
هيانءُ م بيو بيو هي گهيرو،

٣- نيڻ ٿڪا منهنجا روئندي روئندي،
تنهنجون واٽون نهاري. آهي نڌر ...
٤- منهنجون مدايون معاف ڪري سائين،
پنهنجا پال پلائي. آهي نڌر ...
٥- تون منهنجو مالڪ، آءٌ تنهنجو ٻالڪ،
ڇڏ نہ ڌڻي تون وساري. آهي نڌر ...

(١٣١)

اچ تہ اوريان توسان، حال منهنجا سهڻا سائين،
صبح توڙي شام، مونکي ياد هڪ تون ئي آهين،
تون ئي آهين، تون ئي آهين.
١- جنهن تي سڄڻ تنهنجي رحمت ٿيندي،
تنهنجي پلا ڪيئن نہ قسمت ٿيندي،
مونتي بہ مهر جا مينهڙا وسائيندين سدائين.
صبح توڙي ...
٢- درد ڏنو تي دوا پڻ تہ ڏيندين،
رنل جي آهين راضي بہ ٿيندين،
وس آهيان تنهنجي سائين جيئن تون هلائين.
صبح توڙي ....
٣- ديدار ڏي تہ ڪي گهڙيون توسان گهاريان،
رانجهن چوي توکي اکين ۾ وهاريان،
هڪ پيرو اگڻ منهنجي آءٌ ايڏو ڇو تو ستائين.
صبح توڙي ...

١- ڪيڏي ڪرين ٿو تون چترائي داتا سان دوکيبازي،
تون سمجھين ٿو تنھنجي ڪپت تي رام ٿيندو راضي،
هو تنھنجي هرهڪ حرڪت کي نات نظر ۾ رکندو آ.
ڏسڻ وارو ...

٢- جيڪي ڪرين ٿو تون بڇڙايون،
سمجھين ٿو ڦٻجي وينديون،
پاپ جون ڳنڍڙيون جيڪي ٻڌين ٿو،
سمجھين ٿو ڊٻجي وينديون،
قدرت وارو ڪئميرا سان تنھنجا فوٽا ڪيندو آ.
ڏسڻ وارو ....

٣- هن جا ملازم تنھنجي پويان،
سايعي وانگر ڦرندا آهن،
سيڪنڊ سيڪنڊ ۽ منٽ منٽ جو،
تنھنجو ليکو لکندا آهن،
پاپ پنج جا پرماڻند ويهي تنھنجا چتر چٽيندو آ.
ڏسڻ وارو ...

(١٣٠)

ٻاجھه ڪرين ٻاجھارا، آهي نڌر نماڻي تنھنجي ٻاري-
١- حال اندر جو ڪنھن سان مان اوريان،
ڪير دلاسو ڏياري، آهي نڌر ...
٢- وچ درياهه ۾ ٻيڙي منھنجي،
ساڄن تنھنجي سهاري. آهي نڌر ....

خالي ۽ ويا ٻرجي رانجهن ٻلي آزمايو.
لعل جا جهاڳي ...

(١٣٤)

جهولڻ مان تنهنجي در جو گولو غلام آهيان،
توکانسواءِ نه ٻيو ڪو، والي وسيلو ٻانيان.
١- ساري عمر مان سائين، وٺس توکي وساري،
تنهنجون لکين ٻلايون، هڪڙو نه ٿورو لاهيان.
جهولڻ ...

٢- بيحد ڪيم ڏرايون، جن جو شمار ناهي،
تنهنجي اڳيان وهڻ جو حقدار مان نه ناهيان. جهولڻ...
٣- هاڻي اچي مان تنهنجي قدمن ۾ سر جهڪايو،
تنهنجي دواري سانول، ڪهڙو مان سينو ساهيان.
جهولڻ ...

(١٣٥)

سڪ سچي آهي نه ٻرين ٻاڻيهي ايندا،
ڪندا مهر مونتي، اچي سار لهندا.
١- ٻانهي اصل کان آهيان اُنهنجي،
غرض ناهي مونکي ڪائي ٻين جي،
رب راضي آهي نه غم لهي ويندا. سڪ سچي ...
٢- ڪيو اٿم سڀ سائينءَ جي حوالي،
سيني کي جيڪو ٻيو سو سنڀالي،
جپ تون ۽ تنهنکي، ڪم ٻاڻيهي ٿيندا.
سڪ سچي ...

(١٣٢)

لعلڻ منهنجي آس پڄائيندو، دولهه سڀ ڏک ڍاهيندو،

١- اَکي ڦلي ٿي راضي آهي،
سيني سان ٿو پال پلائي،
مون سان به پال پلائيندو. لعلڻ ...

٢- پلئه پايان، پنجڙا ڳايان،
جندل جي ٿي جوس جڳايان،
اهو ٻيڙا پار لڳائيندو. لعلڻ ...

٣- معاف ڪندو شل ڏوهه سيئي،
اوگڻ مون ۾ آهن ڪيئي،
عرض راڻجهڻ جو اگهائيندو. لعلڻ ...

(١٣٣)

لعل جا جهاڙي پلئه پايو جهولي لعل آيو،
جهولي لعل آيو، اُڏيرو لعل آيو.

١- راکو ٿيندو جو تين وارو،
ساري جڳ کي جنهنجو سهارو،
وتي ته تنهنجو پنارو پنهنجو پاڳ بڻايو، لعل جا جهاڙي

٢- اهڙو اسانجو دولهه آهي،
هڪ لحظي ۾ ٿو ڏکڙا لاهي،
سڀ جون آسون ٿو پڄائي،
متان ويل وڃايو. لعل جا جهاڙي ...

٣- جيڪي آيا سوالي بڻجي،
سائينءَ جي در سي ويا اُگهجي،

منهنجو ٻيڙو لڳائج پار، دولهه درياهه شاهه،
ٽڪ ٽار منجهان تون تار، دولهه درياهه شاهه.
لال سائين جهولي، اڏيرو لال جهولي،
جوتين وارو جهولي، لهرن وارو جهولي،
جهولي جهولي جهلڪ ڏيکار.
١- جهرمر جهرمر جوت جندل تنهنجي،
چمڪي ٿي چؤڌار، دولهه درياهه شاهه.
٢- اکا ڦلا ٿي پيت ڌريان مان،
داتا تنهنجي دوار، دولهه درياهه شاهه.
٣- ڍول منجيرا وڄي شرنائي،
ڇيڇين جي ڇمڪار، دولهه درياهه شاهه.
٤- صندل مسافر جو رهبر ٿي،
راڻول راهه سنوار، دولهه درياهه شاهه.
٥- دکين بکين جي لاءِ ڪليل آ،
تنهنجو در دربار، دولهه درياهه شاهه.
٦- تو بن ڪونهي واهه وسيلو،
آهيان تو آڌار، دولهه درياهه شاهه.
٧- آيس آس تو در آس رکي سائين،
آءٌ نماڻي نار، دولهه درياهه شاهه.

(گوورڌن ڀارتي)

٣- دنيا مان ڪڏهن ٻيءَ ڪو نه ٿيندو،
ڪبو ٿياڳ جڏهن مزو تڏهن ايندو،
راضي رهه رضا ۾، رانجهن ڪجهه نه ڏيندا.
سڪ سڄي ...

(١٣٦)

مورو وهني ڏيانءِ، ڙي ٻيولڙا مورو وهني ڏيانءِ،
دلبر مورو وهني ڏيانءِ.
١- گاڏيءَ گاڏو هڪ، آءُ اکين ۾ لڪ.
٢- گاڏيءَ گاڏا ڏون، مون ۾ آهين تون.
٣- گاڏيءَ گاڏا ٽي، ٿو توکي ساهه سڏي.
٤- گاڏيءَ گاڏا چار، گهڙي نه مونسان گهار.
٥- گاڏيءَ گاڏا پنج، گرو رهندم گنج.
٦- گاڏيءَ گاڏا ڇهه، ڇڄي پيا ٿم ڇهه.
٧- گاڏيءَ گاڏا ست، روز مڃانءِ ٿي خط.
٨- گاڏيءَ گاڏا اٺ، اوهه ٻارها ٿم اٺ.
٩- گاڏيءَ گاڏا نوَ، لونءَ لونءَ ۾ ٿم لوَ.
١٠- گاڏيءَ گاڏا ڏهه، پور پچايم پهه.
١١- گاڏيءَ گاڏا ٻيهر، ايڏي ڪر نه اوير.
١٢- گاڏيءَ گاڏا ڪوڙ، تون نه نباهيج ٿوڙ.
مورو وهني ...

(گوورڌن پارٽي)

ڇو ويهون ڇت ڇپرن سان مان جوڙيان، مان کھڙا...

٧- آهيان داسن جي داسي ، ڪنهيو ڇڪر ڇوراسي ،
آهيو امراپور جا واسي، مونکي پهچايو پهرين پور.
مان کھڙا در بيا ...

(١٣٩)

ٻئي ڪي وٽان يا نہ وٽان، ستگرو توکي مان وٽان.
ڪيئي سانگہ ٻٽان ، ٻئي ڪي وٽان يا نہ وٽان .

١- ٻن پيا سيرا پوڙيون ، ڪاوان خوشيءَ مان نہ ڇٽا ،
شونق ڇڏي ٻيا سيئي ،
خواري خلق ڪٽان . ٻئي ڪي وٽان ...

٢- در تنهنجو ٿم جهليو ، ٻئي در ڪين وڃان ،
ٻئي جا ٿورا ڪين ڪٽان ،
تنهنجا ٿورا گهٽا . ٻئي ڪي وٽان ...

٣- عشق جي اوکي چاڙهي ،
هامان ڪھڙيون مان هٽان ،
چوٽ چڙهي جي ڪريا ، گهايل گهوٽ گهٽا .
ٻئي ڪي وٽان ...

٤- رهجي اڇي شل مدهنجي، عيب اندر منجهہ گهٽا ،
مهر ڪجانءِ مالڪ تون ، تاريءَ تيجو نگان .
ٻئي ڪي وٽان ...

(١٣٨)

تنهنجي د ئاري تان ملي تو سائين سڀ ڪجھ ،
مان کھڙا در ٻيا ڳوليان .
ڪڏي دنيا ۾ رهو ٻاجھ تنهنجي ،
مان کھڙا در ٻيا ڳوليان .
١- هڪڙو نام ٻيو دان ، ٽيون چرنن جو ڌيان ،
چوٿون چاهه ڪجاءِ منهنجو چور ،
مان کھڙا در ٻيا ڳوليان .
٢- پنجون پريم ، ڇهين ڇڪ ، ستون ستگر جي سڪ ،
اٺون عاشقن جا اسرار . مان کھڙا در
٣- نائون نينهن ڏهون ڏران ، يارهون پريم اکر پڙهان ،
ٻارهون ٻاجھ ڪجاءِ ٻاجهارا ، مان کھڙا در ٻيا
٤- تيرهون ترشنا کي تڙيان ،
چوڏهون چاهه منجھان چڙهان ،
پندرهون پرشارت ڪريان ،
سورهون سرت شبد سان مان جوڙيان . مان کھڙا
٥- سترهون سهٽي ڏي سمت ،
ارڙهون ڪوري ڪي ڪمت ،
اوڻيهون ڏي پنهنجي الفت ،
ويهون ويساهه ڪجاءِ پرپور . مان کھڙا
٦- ايڪيهون آنند کي لٽيان ، ٻاويهون ڀڳت ٻسان ،
ٽيويهون نيم لي مان اچان ،

١- ناد نغارا تريون وڄائي ،
سورڳ لوڪ جون پريون نچائي ،
گهنٽ گهڙيالا ڏوم مچائي ،
ڏوپ ديپ جي مؤج مچائي ،
ٻين ڪٺي هٿ ۾ هلي آيو نارد ٻڌي اڳوان .
ڪري ٿو شادي ....

٢- گهوٽ راڄا ويٺي پاڻ سينگاريو ،
ڪنن ۾ ڪنڊيل ڄڻائون سنواريو ،
وڳي پائڻ جو آيو وارو ،
مرگهه شالا ڪي سمجهي پيارو ،
نانگ ڪوڀريون وجهي گلي ۾ ٻڌل ٿي ٿيو ٻرجهان .
ڪري ٿو شادي ...

٣- ديو ديوتائون ، ٻارن جا ٻارا ،
ڀيرين ڀنڌ هٿا سڀ پيارا ،
ڪن کي سڱ هٿا ڪي ڄهڙا گهوڙا ،
ڀوت پريت جنن جا جوڙا ،
ڀنيان سڀن جي ڀيڪي سان هوما شڪتي ٻلوان .
ڪري ٿو شادي ...

٤- ڀهرين ڏنائون ڀنگ جون گوريون ،
ڀيٽڻ وينا سڀ شربت جون ڇؤنريون ،
رس گلا ۽ مائي جون ڪچوريون ،
برفي پيڙا ٻيون هيون ٻوڙيون ،

(١٤٠)

اڄ ڀينر ٻلي ڦار پئي آ ،
ايندو جانب جوڳين ڳالهه ڪئي آ .
١- ئيندو نه جش منهنجو ايندو ساجن ،
ڪليو گلشن منهنجي دل جو چمن ،
ڪانگل چڳن ڪي لون چئي آ ، نياپو ڏيئي آ .
ايندو جانب ....
٢- مونکي ماريو مهڻن ، مونکي ڳاريو ڳڻتين ،
تڪا هٽي تير مونکي پيڙ يو پنهنجن ،
هيءَ دنيا ڪيڏي نردئي آ ، پر صحيح آ .
ايندو جانب ....
٣- مس ڪليو مقدر ، مونسان مليو رهبر ،
جيڏيون ڪريو جلدي منهنجو سينگاريو گهر ،
صدقي سڄڻ جان ڪئي آ ، او ڪئي آ ،
ايندو جانب ....

(١٤١)

طرز :- ديکه تيري سنسار ڪي حالت ....
لوڪ پرلوڪ مان اچي ڪنا ٿيا پولي جا مهمان ،
ڪري ٿو شادي شوءِ ڀڳوان ...
نر ناريون آيا وستر ڀهري گوڙ متو گهمسان ،
ڪري ٿو شادي شوءِ ڀڳوان ....

ڪڏهن نہ هن ڪيڀايو. پر اُپڪاري آيو
٥- ڪشميري پنڊتن باڏايو،
پنهنجي دکن جو حال سڻايو،
تن جو سڏ ورنايو. پر اُپڪاري آيو
٦- ليغ پتا کي عرض ڪيائين،
تن جي واهر لاء چيائين،
ڌرم جي لاج بچايو. پر اُپڪاري آيو
٧- ديش ڌرم لاء چا نہ سنائين،
صاحبزادا چار ڏنائين،
منڙو پيءُ ڪهايو. پر اُپڪاري آيو
٨- ظلم سان هردم لڙندو آيو،
ڪنهنجي اڳيان هن سر نہ جهڪايو،
ديس جو جهنڊو جهلايو. پر اُپڪاري آيو
٩- جهرڪيء کي جڏي باز بڻايان،
گوبند تڏهن نانءُ چوايان،
اهڙو وچن نباهيو. پر اُپڪاري آيو
١٠- اڄ دشميش جو جنم ملهايون،
ڏيت دکايل تنهنجا ڳايون،
جنهن نر نام جپايو. پر اُپڪاري آيو

(١٤٣)

الله فقير جي فڪر ۾ آهي،
فقير الله جي ذڪر ۾ آهي.

پوسن تيا سڀ ڪائي ڏابو، مٺان ايلاچي پان.
ڪري ٿو شادي ...

٥- منڊ بهار جي ڪلي گلزاري،
گهر گهر ۾ آئي شام بهاري،
پاربتيءَ جي ڏسو هوشياري،
گهوٽ ڪيائين همٿ جٽاڌاري،
گد گد ٿي اچي ويٺي گود ۾،
همٿ ڪري وردان. ڪري ٿو شادي ...

(١٤٣)

پر اُپڪاري آيو گوبند، پر اُپڪاري آيو،
پرکه اوتاري آيو گوبند، پر اُپڪاري آيو.

١- ڪلنگيءَ وارو باجن وارو،
ليغ گروءَ جو لعل پيارو،
پٽناگر ۾ جايو، پر اُپڪاري آيو.

٢- پوهه سنتينءَ ٿي پرب پڌاريو،
اوندهه ويئي ٿيو اجيارو،
قدرت چنڊ چمڪايو، پر اپڪاري آيو.

٣- پاڳن واري ڳجهري مالا،
گود ۾ جنهنجي کيليو دالا،
لايو تيس سجايو، پر اپڪاري آيو.

٤- هوس نديءَ ڪان نيمهن ڌرم سان،
چاهه چگيرو هوس ڪرم سان،

كير كري انكار . تنهنجي ته اندر ۾

٥- پرمانند پاڻ ۾ پائي ،
لقب چڏ پائين سڀئي لاهي ،
نيارو ٿي نروار . تنهنجي ته اندر ۾

(١٤٥)

هيءَ راند عمر ساري ، آئي چل پل جو چٽڪو ،
نڪو مور نه منظور ، رڳو ڳالهين سندو ڳٽڪو .

١- منهنجي جا بت بڻن ٿا ، منهنجي تي ناز ڪن ٿا ،
منهنجي ئي مار کائي ، منهنجي بڻيو آ منڪو .
هيءَ راند ...

٢- چڏي هڪ جي هيڪڙائي ، ساجن بڻيو سؤدائي ،
رکي چاهه جي چريائي ، اڻ چاڻ اچي اٽڪيو .
هيءَ راند ...

٣- مان جيءَ جان آهيان ، مان ڪرم ٿو ڪمايان ،
مان من منيدو پايان ، اهو گيان آهي چٽڪو .
هيءَ راند ...

٤- نؤران نور ٿي پرپور ، نڪي نيڙي نڪي دور ،
حاضر تو ۾ تون حضور ، لنوَ لنوَ ۾ لڳو لٽڪو .
هيءَ راند ....

٥- پرمانند پاڻ آهين ، صفت نٿو سڄاڻين ،
لنوَ مسي ويد واڻي ، چڏ خيالن سندو ڪٽڪو .
هيءَ راند ...

١- فقير الله سهي سڃاتو،
توڙي ڇڏ پائين جڳ سان ناتو،
مين، ميڪ ۽ مڪر ۾ ناهي. الله فقير...
٢- الله فقير وائون واجهائي، پل ۾ ٻيڙي پار لڳائي،
هو نه هنن جي هجر ۾ آهي. الله فقير ..
٣- مرشد مونکي صاف سڻايو،
کولي راز سڀئي سمجهايو،
ناهو نيازي شڪر ۾ آهي. الله فقير ...

(١٤٤)

تنهنجي ئي اندر ۾، تنهنجي اندر ۾،
چيتن جو چمڪار، ڇو وڃين ٻئي پار.
١- سواس سواس ۾ سوهنگ هلي ٿو،
رڳ رڳ ۾ اهو راز کلي ٿو،
ساکي سرجڻهار. تنهنجي ئي اندر ۾
٢- جاڳرت ۾ جاڳي اهوئي،
سپني ۾ ثابت ٿيو سوئي،
سکوپت جو سک سار. تنهنجي ئي اندر ۾
٣- پنجن تتن جو هٽيو پسارو،
هرڪو ڪري ٿو پنهنجو ڏذارو،
جاڻين نه جاڻڻهار. تنهنجي ئي اندر ۾.
٤- ستگر کان ساڃه ملي آ،
جڙ چيتن جي ڳنڍ کلي آ،

٣- ڪرم ناهيان، ڀرم ناهيان،
ديهہ اڌياسي ڌرم ناهيان. آهيان اصل ڪون ...
٤- ڏينهن ناهيان، رات ناهيان،
مون ٿون واري ذات ناهيان. آهيان اصل ڪون ...
٥- هرش ناهيان، شوڪ ناهيان،
تياڳہ ناهيان، گرهست ناهيان. آهيان اصل ڪون...
٦- سبج بہ ناهيان، چنب بہ ناهيان،
ڪال چڪر جو جنب بہ ناهيان. آهيان اصل ڪون....
٧- جيوُ ناهيان، اِيش ناهيان،
مايا اَوديا ڪيس ناهيان. آهيان اصل ڪون ...
٨- سروڪيہ ناهيان، الپگيہ ناهيان،
پنت ڪنهنجي پوئلڳہ ناهيان. آهيان اصل ڪون...
٩- آيل ناهيان، جايل ناهيان،
پرماننڊ خود پايل ناهيان.
آهيان اصل ڪون جو آهي ...

(١٤٨)

سچڙ ٿنهنجي تصوير، مان ڪي وري ديدن ۾ آهہ.
ديدن ۾ آهہ رمزن ۾ آهہ.
١- وسن مينگهہ ملهار جا ٿا، ٿڌي لڳي ٿي هير.
مان ڪي وري ....
٢- صبح سانجهيءَ وات گهمڙ ۾،
ور ور چڙهي ٿي وير. مان ڪي وري ...

(۱۴٦)

ملڪ ۾ ويجهو تو وسي وسي،
پر ڏٺائي وڻي آهي ڏسي ڏسي.
۱- بيغم بيحد ملڪ اسانجو،
مايا ڪيو هت ڏابو ماندو،
خيال وٺائين سڀ ڪسي ڪسي. اها ڏٺائي ...
۲- ڏکڻ ۾ جدائيءَ جا ڏايا جاني،
فڪر انهيءَ ۾ ٿيءُ ڪو فاني،
۽ ۾ پوءِ ڪنديڻ تون هسي هسي. اها ڏٺائي ....
۳- ملڻ جڏهن محبوب جو ٿيندءِ،
گهڙيڙ وڃڻ وسري ويندءِ،
پوءِ ڪير ڦاهيءَ ۾ ڦسي ڦسي. اها ڏٺائي...
۴- پاڻ اصل پرمانند آهي،
خودي ڪڍي جيڪو لنوَ لائي،
ڪمر بيهي ڪو ڪسي ڪسي، اها ڏٺائي...
(ڏٺائي = بيائي)

(۱۴۷)

مان ناهيان، مان ته ناهيان،
آهيان اصل ڪون جو آهي.
۱- تن به ناهيان، من به ناهيان،
مال جوين ڌن به ناهيان. آهيان اصل ڪون ...
۲- ستَ به ناهيان، پتَ به ناهيان،
خيالن واري جتَ به ناهيان. آهيان اصل ڪون ....

٧- هڪ جهلڪ جهنجهيءَ سان ،
روشن ٿا رهن شمس وو قمر ،
سو ستھ پرڪاش وارو سونهن جو ساگر ڪٿي ؟
٨- سخت چولي مار سار، آھ ٻدر ٻي مدار ،
هن انڌاري ڏوجهري ۾ ، روشني رهبر ڪٿي ؟
٩- هٿي پکي سيجا سکن ٿي، پر ڪٿي ٻخني ٻريت،
ناز نازڪ تن ڪٿي ، ڏهليو ڏکن ڏونگر ڪٿي ؟
١٠- ٿيو هزارا تخت لياڳي، راڄ راويءَ تي ڌنار،
راڄ راجيسر ڪٿي ! ۽ نيڻهن جو نؤڪر ڪٿي ؟
١١- سڌ پراڻو آھ، ساڳيو پر ٻڌڻ ۾ چو ٻہ ٿيا ؟
سمجھ سا سوچي سهي ڪر، آھ وائيءَ ور ڪٿي؟
١٢- خواب ۾ ٻيوس ٻجهي وئين ،
خواب جي سامان سان ،
سرت ساري هوش ڌاري، ڏس تہ آدي گهر ڪٿي ؟

(١٥٠)

ٻنسي شيام جي ، ٻرج ۾ ڌوم مچائي ،
ٻرج ۾ ڌوم مچائي .
١- جيڻن جيڻن راڳ رچي نند نندن ،
رچنا ناٽڪ رچائي . ٻرج ۾ ڌوم ....
٢- مڌر مڌر سر سان مڌ سؤدن ،
چيٽڪ چٽ کي لائي . ٻرج ۾ ڌوم ....

٣- نشو ٽن کي نٿو وڻي پيو ، سرت رکي جن سير .
مان کي وري ....

٤- ڏکيا ڏينهن ڏهاڳ لنگهي ويا ، فارغ ڪيو آ فقير.
مان کي وري ...

٥- پل پل پرمانند پسن ٿا ، ٻرن بازارين پير .
مان کي وري ....

(١٤٩)

منهنجي دل جا ديوتا ! تنهنجو لهان مندر ڪٿي ؟
عشق جو جنهن ۾ اُجالو آهه سو اندر ڪٿي ؟

١- در بدر ٿيو دادلا! تو بن حياتيءَ جو جهاز ،
برهه وارن لاءِ آهي ، بيٺڪي بندر ڪٿي ؟

٢- ويو تجي مٿرا ۽ گوڪل ، ناهه جمنا جڳ پٽي ،
شهر شيوا ۾ وڃي پهچ ، محب مرليڌر ڪٿي ؟

٣- قدرتي تاثير جنهنجو ، تو ڪري ٽامي کي زر ،
آهه سو دردي دلين ۾ ، قرب ڪيمياگر ڪٿي ؟

٤- وِٽ وڇوڙي جو نه ساري ، ٻـــره ۾ ٻيران ٿي ،
نت نهارن نيڻ نيهي دل گهريو دلبر ڪٿي ؟

٥- جوڳ ، جپ تپ ، سادنا ، ڀڳتي ، سماڌي گيان ۾ ،
تو ڏٺگي هي مست مايا جو اثر اجگر ڪٿي ؟

٦- جنهن لئي ڀٽڪڻ سان ،
نه ڪڏهين ڪاٺ ٻي ڪيڏي پوي ؟
آه سو پرپور ڀنڊاريءَ جو داتا در ڪٿي ؟

ايڏو تاب ٽارن، ڏورهون ڏنگن ٽا.

جيءَ جي جوڳين ....

٣- ڦٽيل فراقين جي دلڙي ڪري دانهون،

چوي خيرمحمد سڄڻ صدائون،

ايندا اڱڻ مٺيءَ جي، سڄي منهنجون آهون،

ڪري نينهن نروار، نانگا نچن ٽا. جيءَ ۾ جوڳين

(١٥٣)

دوست پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو سعيو.

١- ڏينهين پڇاڙا آڻي اسانکي، مولي محب ملايو.

٢- ويو وڇوڙو ٿيو ميلاپو، واحد واهه ورايو.

٣- هو جنهين جو ڏس ڏورانهون، اوڏو اچ سو آيو.

شاهه لطيف چوي، اچي عجبن پاڻ فضل فرمايو.

(١٥٤)

ياد آ جمنا جو پن-گهٽ ياد آهه.

١- ڪي ڪماريون جل ڀرڻ آيون آهيون،

واهه چانڊوڪيءَ ۾ پرچايون هيون،

چانڊنيءَ وارو چترپٽ ياد آ. ياد آ جمنا...

٢- ياد آهي لوڏ لمڪو ۽ لچڪ،

۽ پنل ململ ۾ چانڊيءَ جي چلڪ،

چيلهه ني چوُنري مٿي مٽ ياد آ. ياد آ جمنا...

٣- ناز ور ديهات جون ناريون هيون،

شرم جون ڪجهه مرم جون ماريون هيون،

اڻ ڪليل مکڙن جو گهونگهٽ ياد آ. ياد آ جمنا...

٣- هوش حواس گنوائي ساجن،
هردو مست بڻائي. برج ۾ ڏوم...
(ڀوس)

(١٥١)

موڪي پريم جي رنگ ۾ ٻوڙيو نند لعل گوپال.
١- جمنا ڪناري، پيچڪ ماري، لائي ٺٺولي، گوپال
٢- نند ڪشوري، کيلي هوري، هاري لال گلال.
٣- مکڻ چرائي، ڇاڇ لٽائي، مات يشودا بالڪ چال.
٤- مرلي وڄائي، راس رچائي،
ساڻ ڪري گوپيون گوال.
(ڀيرو)

(١٥٢)

جيءَ ۾ جوڳين جا ڏونهڙا دکن ٿا،
ڏونهڙا دکن ٿا مچڙا مچن ٿا.
١- اکڙيون اڙايم دل جي ڏارڻ ڏاءُ،
سرمو سچڻ پالو مٽيءَ کي مارڻ لاءِ،
مرڪين ٿو منل، کلين ٿو کارڻ لاءِ،
ڪوڙا ڪرن ٿا ٻڙ ۾ سچا پچن ٿا. جيءَ ۾ جوڳين
٢- اکڙيون ويچاريون منهن ۾، موچاريون،
ڇڙڪيون ڇيڻ لاءِ ڀوس ويچاريون،
هڪڙيون اڳيئي سهڻيون، ٻيون سرمي سينگاريون،

(١٥٦)

پريت جي اُلٽي ريت پکيڙا،
پريت جي اُلٽي ريت.

١- ڏک ۾ سک آ، سک ۾ ڏک آ،
اک ۾ آنسون سرهو مک آ،
کيڏن سنسان بغيچي ۾ تو،
ڳائين سک جو گيت پکيڙا. پريت جي...

٢- دل ئي دل ۾ درد دٻائين،
پتجهڙ ۾ تو موج مچائين،
سوز ۾ ڇيڙين ساز سريلا،
تنهنجي انوکي پريت پکيڙا. پريت جي...

٣- زخم ننڍن سان ڦاڙين وينو،
خون جگر جو ڳارين وينو،
خار چڀي پر آهه نه نڪري،
نياري تنهنجي نيت پکيڙا. پريت جي...

٤- گذريون رنگ ۽ رس جو راتيون،
گذريون ساونڻ جون برساتيون،
کهڙو من ۾ ڦاڳ ڦٽو ئي،
هار ۾ پائين جيت پکيڙا. پريت جي...

٥- دردوندن جي دل بهلائين،
واٽهڙن کي تون وندرائين،

۴- ياد آهن هٿ اُهي ميندي ۾ رتا،
مرڪندڙ چپ ۽ اکين ۾ نمرتا،
اُڀرندڙ جوڀن جو ڪرڪت ياد آ. ياد آ جمنا ...
۵- ياد پوتيءَ جي پلوءَ جو آ ڇهاءُ،
۽ هوا ۾ مشڪ عنبر جو هڳاءُ،
ڇم ڇما نوُرن جو آهٽ ياد آ. ياد آ جمنا ...
۶- سونهن سوڀيا جو انوکو کيل هو،
پريم جوڀن جو وفا ڇا ميل هو،
جل پرين وارو سو جهرمٽ ياد آ. ياد آ جمنا ....

(۱۵۵)

واهه رنگيلي رات - سڄڻي،
تنهنجو منهنجو سات سڄڻي.
۱- پيارا پيارا چمڪن تارا،
چنڊ ڪري خاموش اشارا،
منهنجي جدائي ڪي چيري ٿي،
هيءَ ڪوئل جي لات. واهه رنگيلي رات
۲- تنهنجي ياد وري آئي آ، مستي نيڻن ۾ ڇائي آ،
خوب خيالن ۾ گم آهيان، تن ۾ تنهنجي تات.
واهه رنگيلي رات
۳- ايندڙيون ڪين وفا هي راتيون،
دل کولي ڪر پيار جون ڳالهيون،
رات هميشهه رات رهي شل، ڪين ڏسان پرڀات.
واهه رنگيلي رات

(١٥٩)

مرليءَ وارا شيام، اچي مونکي درشن ڏي ڏي.

١- نيڻ ڪنيو مان ويٺي نهاريان،
اٺ اُڪير تمام. اچي مونکي...

٢- سک سنساري هجن هزارين،
تو بن ناهي آرام. اچي مونکي...

٣- خوش ٿي ڪارايان توکي ڀڳوان،
مصري ميوا بادام. اچي مونکي....

٤- گلن ڦلن سان سيج سينگاري،
سڳنڌيون ڇٽايان جام. اچي مونکي...

٥- گرڌاري گڻ ڳائي تنهنجا،
پايان ڏڏهن وشرام. اچي مونکي درشن ڏي ڏي...

(١٦٠)

سڀ ڪي ڪارڻ وارو ڀڳوان آهي،
بندا! توکي اُجايو ايمان آهي.

١- هو سڀ ڪي روزي رسائي ٿو،
ڪٺليءَ ڪان هاٿيءَ تائين پهچائي ٿو،
اهو ويدن جو پرماڻ آهي. بندا!...

٢- هن توکي ڏنو ڏيڻ جي لاءِ،
نڪي پنهنجي پيٽ ڀرڻ جي لاءِ،
اَن مان ڪرڻو توکي پيچ دان آهي. بندا!...

٣- جيڪي ڪرڻو اٿيئي، سو ڪري وٺ تون،

سڀ جو وفا تو خير مدائين ،
ويري تنهنجو ميت پکيئڙا . پريت جي ...

(١٥٧)

موسم گلن جي آئي - تو دير ڇو لڳائي ؟
ڇهر ڇهر پکين مچائي - تو دير ڇو لڳائي ؟
١- برسات جون هوائون ، گهاٽيون مٿان گهٽائون،
هريالي هيٺ ڇائي ، تو دير ڇو لڳائي ؟
٢- رُت آهه پيار واري ، خوشبوُ خمار واري ،
هر سوُ آ خوشنمائي ، تو دير ڇو لڳائي ؟
٣- تو بن بهار کهڙو ، آيو وفا نه جهڙو ،
تو ريءَ نه موج کائي، تو دير ڇو لڳائي ؟

(١٥٨)

موهن مرلي وڄائي ، موهي ويو من نه اسانجو!
١- عجب عجائب روپ نڏيکاري ،
سڌ بڌ ساري ڀلائي . موهي ويو ...
٢- هتڙي حيرت ۾ ويو نه وهاري ،
موهن جهولو جهلائي . موهي ويو ...
٣- لونءِ لونءِ کي ويو رنگ ۾ رڱائي ،
لالي رنگ لڳائي . موهي ويو ...
٤- گرذاري گڏ ڳايان تنهنجا ،
جڳ مڳ جوت جڳائي . موهي ويو ...

جپ تنهنکي تنهنجو ٻيڙو پار آهي ،
راڌي شام - راڌي شام...
٢- ٻيو ڪوڙو سڀئي مهاڄار آهي ،
هڪ نام ئي سڀ جو آڌار آهي ،
جنهن جي جپڻ سان جڳ جڳ ڪار آهي ،
راڌي شام - راڌي شام....
٣- ٻڌي هٿ ٿي عرض ڪري داسي ،
پوء پريم جو پيالو خوب ڀري ،
پوء مَل پاپن جي مٽائون ترري ۰
راڌي شام - راڌي شام...
(١٦٣)
منهنجا ڪرشن ڪنعيا نند لعل، ڏاڍا تو ڏينهن لڳايا
١- ماتا يشودا توکي سنڀالي ،
صورت تنهنجي دل ۾ ڌاري ،
ڳوڙها اکين مان وڃي ڳاڙي ،
تنهن کي درشن ڏيئي ڪر نهال. منهنجا ڪرشن....
٢- ڳانيون گوڪل جون گاهه نه کائين ،
موهن منڙي لاء ٿيون واجهائين ،
وڻن ٽڻن کان پيئون پڇائين،
تن تي مهر ڪريو نندلعل. منهنجا ڪرشن ...
٣ گوپيون برج جون آهن اُداسي ،
تنهنجي ملڻ جي اٿن آشي ،

کجھہ پيٽ بکين جو ڀري وٺ تون ،
اهو نيڪيءَ جو نشان آهي . بندا ! ...
۴- نيت هڪ ڏينهن ٿوڪي هلڻو آهي،
جيڪي ڏسين ٿو پدارٿ ڇڏڻو آهي ،
اهو سڀ جي لاءِ گرڌاري گيان آهي . بندا! ...

(١٦١)

هلو بندرابن ۾ ڪاهي ، جتي ڏاڍو آنند آهي .
١- مٺي مرلي موهن ٿو وڄائي ،
من سڀني جا ٿو لڀائي ،
جنهن جو مڌر آواز آهي . هلو بندرابن ...
٢- ڇڏي ٻار ٻچا سکيون آيون ،
کڻي ميوا مال مٺايون ،
ڏاڍو پريم اٿانگو آهي. هلو بندرابن ...
٣- جن پريم ۾ پوءِ سان پاتو، تن ڪارج پنهنجو جاتو،
تن کي لار ۾ ٿانگهو آهي. هلو بندرابن ...
۴- اهو عرض داسيءَ جو آهي ،
ڇڏيو مالڪ سان من لائي ،
هيءَ ڪوڙي دنيا سڀ آهي . هلو بندرابن ...

(١٦٢)

راڌي شيام، راڌي شيام، راڌي شيام، راڌي شيام.
١- ٻڌيو اوڌيا سنڌو سنسار آهي ،
راڌي شيام جو نالو ٺار آهي ،

پوَساگر مان پار اکارين،
ننگ تولي ننگپال، گهڙي اچ گهر ۾.
٣- هلندي پنهنجيءَ شال هلائين،
محتاجي ڪنهنجي ڪين ڪيائين،
رکي وٺج رکپال، گهڙي اچ گهر ۾.
٤- ڦلن ڦلن جي پيٽ ٽڙيان مان،
پنجڙا ڳايان، جوٺيون جڳايان،
ڏهوريان موتين ٿالهه، گهڙي اچ گهر ۾.
(رام پنجواڻي)

(١٦٦)

پيرو ڪيئن مان پڄان ڙي پيئر،
قؤل ڪيا ٿم ڪانڌ سان.
١- واعدا ڪيا ٿم ور سان ويهي،
ياد اٿم سي اڃا ڙي جيڏيون،
قؤل ڪيا ٿم ڪانڌ سان...
٢- سائينءَ جون مهران لکين نه ڪروڙين،
کهڙيون مڃي کهڙيون مڃيان ڙي پيئر....
٣- ڪوجهي اڳتي وکڙي وڌائيندي يس،
پير نه پوئتي وجان ڙي پيئر،
قؤل ڪيا ٿم ڪانڌ سان. پيرو ڪيئن مان....

(١٦٧)

جيئري لاهه زنجير، مئي پڇاڻا ڪير ٿو جاڻي؟

سڌڙا ڪن ٿيون ٻريم پياسي ،
ڪيو ٿن سان پلايون پال. منهنجا ڪرشن ....
۴- پل پل موهن پيئي پڪاريان ،
گهاٽ رستا ۽ گهٽيون نهاريان ،
ڪن پل توکي ڪين وساريان ،
اچي **داسيءَ** جو ڏس تون حال. منهنجا ڪرشن ...

(١٦۴)

جيئن جوڳيڙا من کو پيرو ڪن ،
من کو پيرو ڪن ، جيءُ جياريو جن .
١- ونئي نانءُ الکم جو ڙي سائين ، طوطا تنوارين .
٢- چئونڏڙا باغن ۾ ڙي سائين ، متي لاٽ لئون.
٣- وينڙي آهيان واٽ تي ڙي سائين ،
سهڻي واٽ اچن . جيئن ....
۴- سرتيون **شاهه لطيف** چوي سائين ،
وڃڙيا مهب ملن . جيئن ...

(١٦٥)

ڪانگيءَ وارا لعل ، گهڙي اچ گهر ۾ ،
گهڙي اچ گهر ۾ ، اکيون منهنجون در ۾ .
١- مسڪينن تي مهر ڪرين تو ،
گهرجائن جا جهول ڀرين تو ،
بيحد تنهنجا پال ، گهڙي اچ گهر ۾ .
٢- توه پنهنجي سان تار مان تارين ،

۴- جهانگيرڙن جي جهوپڙي،
مهلين موچاري، عمر اَدا. مارن...
۵- سرتيون شاهه لطيف چوي،
پنهنجي وس نه ويچاري، عمر اَدا
مارن ڏڌهن وساري.

(١٦٩)

ڪانگا، ڪانگا او ڪانگا،
حال نه مون هيڏيءَ سندو،
روئي ٻڌائج هوت کي.
روئي ٻڌائج هوت کي، ڪانگا او.
١- مون مسڪين جو عرض ڪٺي مڃ،
خط هي منهنجو ڪانگا ڪَٺي وڃ،
پڙهي ٻڌائج هوت کي، ڪانگا ڪانگا.
٢- پرديسين کان پنڌڙا پڇائي،
جلدي مونئج محب مچائي،
روئي ريجهائج هوت کي، ڪانگا ڪانگا.
٣- حال ٻڌڻ کان هو جي نٽائي،
هڙڙا ٻڌي تون سيس نوائي،
مري مڃائج هوت کي، ڪانگا ڪانگا.
۴- مونئي مونکي ڏجاڻ واڌائي،
نه نه آشا اٿيئي عمر اَجائي،
هيڏڙي لائج هوت کي،
ڪانگا ڪانگا، او ڪانگا.

١- تو ڙ حجاب حياتيءَ اندر،
او اتم اها نه اکير آلا.

٢- ويسه ڪونهي هن نه وهيءَ ئي،
لاهه بيراڳ فقير. آلا....

٣- لکيو ناهي جي لوح قلم ۾،
قير ڪٽي تقدير. آلا....

٤- ڪوجهيءَ جو آهي عرض اهوئي،
مل تون محب منير آلا...
مٺي پچاڙا ڪير تو جاڙي،
جيڙي لاهه زنجير....

(١٦٨)

جيڪس هيس ڏاڍي آلا آلا، جيڪس هيس.
او- مارن ڏهن وساري عمر آدا. جيڪس هيس

١- ويندي يس رهنديس ڪين ڪي،
توڙي رات انڌاري، عمر آدا
مارن ڏهن وساري.

٢- وسيا مينهن ملير تي،
گاهن ڪٽي گلزاري، عمر آدا
مارن ڏهن وساري.

٣- هيرن مونين کان مٺي،
وطن جي واري، عمر آدا
مارن ڏهن وساري.

(١٧٢)

پوءِ پرُوڙيم پنڌ ڙي
جيجان جوڳيڙن جو،
جيجان جوڳيڙن جو آيل آديسين جو.

١- نڪي جوڙايم جايون، نڪو جوڙيم هنڌ،
پوءِ پرُوڙيم پنڌ.

٢- نڪا وڄايم بين ڪا، نڪو چوريم چنگ،
پوءِ پروڙيم پنڌ.

٣- سرتيون ڪيئن وساريان، ساهيڙن جو سنگ،
پوءِ پرُوڙيم پنڌ.

٤- ازلئون آ مونتي چڙهيل، روحل تن جو رنگ،
پوءِ پرُوڙيم پنڌ ڙي.

(١٧٣)

اچي درشن پنهنجو ڏيکاريندو،
منهنجي من کي ستگر ٺاريندو.

١- نت نيڻ ڪڍي مان نهاريان ٿي،
پيئي پل پل روز پڪاريان ٿي،
مونکي ستگر ڪين وساريندو، منهنجي من ....

٢- آهيان درشن لاءِ حيراني،
ڪندا ابلا تي احساني،
ڪڍي نظر پنهنجي تہ نهاريندو، منهنجي من ...

(١٧٠)

رمزن سان غلام ڪيو ٿوَ سڄڻ اسانکي.
سڄڻ اسانکي، سائين اسانکي.
١- ڪنهن ڪميو دين، ڪنهن ڪمئي دنيا،
عشق اصل کان انعام ڏنو ٿوَ، سڄڻ اسانکي.
٢- نس نس ۾ هنيوَ ميخ محبت جي،
لونءِ لونءِ ۾ لغام وڌو ٿوَ، سڄڻ اسانکي.
٣- شاهہ نصير کي طلب اوهانجي،
ڪائڻ پيئڻ تہ حرام ڪيو ٿوَ، سڄڻ اسانکي.

(١٧١)

برهہ جي بازار جيڪا ڏسڻ ايندي.
١- جيڪا جو ڏسندي ٽلو تنهنجو،
رهندي منجهہ خمار، جيڪا ڏسڻ ايندي...
٢- سؤدو جا ڪندي سِر جو،
وهندي سا ڪين قرار، جيڪا ڏسڻ...
٣- چؤسؤل اندر سرخي مائل،
تيز گهڻي تلوار، جيڪا ڏسڻ...
٤- جي ڪنهن چمڪو ڏٺو تنهنجو،
سا سر ڏيندي سردار، جيڪا ڏسڻ...
٥- سچؤ انهيءَ سِر ۾،
آهي ڪسڻ جي ڪار، جيڪا ڏسڻ...

٥- ٻارُوُن ٻرينءَ جي سڏُو سڻيڻي ،
لوڪ ٻلي ڏُئي ٻديون ٻديون،
عشق لڳيوَ ...

٦- اڳيون ٻوليون سڀ معاف ڪيون تنهن،
محب سچل جون مديون مديون،
عشق لڳيوَ جي ...

(١٧٥)

حال تہ منهنجو ڪونہ هو جيڏيون ،
پنهنجو ڪرم ڪيائون، منهنجي ڏوهن ڏي نہ ڏنائون۔
١- جيڪو حال احوال هو سائين ،
پاڻئون پاڻ ٻڇيائون ، منهنجي ڏوهن ....
٢- پاڻ پنهنجو پاڻيهي ،
ساڻ غريب گڏيائون ، منهنجي ڏوهن ....
٣- سچل کي ڪي ئي سرتيون ،
پڻي تہ دلاسا ڏنائون، منهنجي ڏوهن ...

(١٧٦)

منهنجا ڪامل ٻار ملاح ،
ٻيڙي منهنجي پار لڳاء۔
١- آئي آهيان تنهنجي دواري ،
ٻيڙي آهيان سائين تنهنجي ٻناري ،
تون ئي وسيلو، تون منهنجي واهہ، منهنجا ڪامل
٢- تون ئي داتا داور آهين ،

٣- وچ سير ۾ ٻيڙي چڙهي آهي،
ڏاڍي ٻار وڏي سان ڀري آهي،
اها هت سان پار اڪاريندو، منهنجي من ....

٤- هيءُ عرض مٺيا جو اگهائيندو،
سدا مهر جو مينهڙو وسائيندو،
شل واڳ وطن ڏي واريندو، منهنجي من ...

(١٧٤)

پاٽيهي پٽيو سڌ سورن جي،
عشق لڳيو جي اڌيون.

١- ساري خبر وڃي تن کون پڇجو،
جي ورهه سڄڻ جي وڍيون وڍيون،
عشق لڳيو ...

٢- ڪين لڪن سي لوڪن اڳيون،
جي آهن ڏکن جون ڏڏيون ڏڏيون،
عشق لڳيو ...

٣- محب مسافر ٿيا جنين جا،
ڪوڪان اهي لڪ ڪنديون ڪنديون،
عشق لڳيو ...

٤- وره ولوڙيا جي وهنديون ندي،
نيڻٺون نير جون نديون نديون،
عشق لڳيو ...

آءُ نماڻي عيبن هاڻي ، او شل ڏوھ ڪين ڏسن ،
اوشل پنهنجو پرين مونکي ڪن.

١- نظر ڪندا ڪنهن ڏينهن نڌر تي ،
ويٺڙي آهيان مان تن جي در تي ،
ٻيا در ڏيٺي ٻين ، او شل پنهنجو...

٢- ذات ٻڌايان پنهنجي مان ڪهڙي ،
آءُ نه اُنهن جي جهڙي تهڙي ،
ترس ڪو پوندو تن ، او شل پنهنجو...

٣- روچل ڪهڙي ڪمي سخيءَ وٽ ،
ڪين گهرن ٿا ڪنهنکي هو گهٽ ،
او- او ڏيندا ڏاڻ ڏڏن ،
او شل پنهنجو پرين مونکي ڪن....

(١٧٩)

جي رحم جي هجي ها ، سهڻا نه تو ۾ عادت ،
گهر گهر ۾ ڪين ٿئي ها ، مالڪ تنهنجي عبادت.

١- مجرم نه ڪو هجي ها ، حاڪم نه تون هجين ها ،
سهڻا سڀجي رهي ها ، هردم تنهنجي عدالت.

جي رحم جي ...

٢- طوفان ۾ جي ڪنهنجي ، لوڏا ٿي کائي ٻيڙي.
ملاح بڻجي مالڪ ، تون ٿي ڪرين حفاظت.

جي رحم جي ...

٣- اکڙين ۾ لڙڪ منهنجي ، تنهنجا ئي ڏنل آهن ،

منهنجي سکن جو ساگر آهين ،
تون ئي منهنجي ، پشت پناھ ، منهنجا ڪامل ...
٣- مون ۾ آهن لکھ برايون ،
منهنجون اچي ڀڪ ڀول ڀلايون ،
بخش بديون سڀ ڏوھ گناھ ، منهنجا ڪامل ...
٤- دکھ پئي ڇل آءُ سکھ ڇايا ،
جوئي وفا هيءَ جڳ جي مايا ،
تون ئي سچو هڪ شاهن شاھ ،
منهنجا ڪامل يار ملاح ...

(١٧٧)

ٻانهن ڏيئي مونکي تاريندا ،
وچ سير مان پار اڪاريندا .
١- هيءَ ڀر هوءَ ڀر ڄاڻو سڃاڻو ،
وانجهي ونجھ هاڪاريندا ، ٻانهن ڏيئي ...
٢- موج لکي مهراڻ جي آهي ،
ٻيڙو ٻني سان لائيندا ، ٻانهن ڏيئي ...
پتڻ ناهي منهنجي پاند ۾ ،
پاٽيهي پار پڄائيندا ، ٻانهن ڏيئي ...
٤- روچل راھ اڙانگي آهي ،
رهبر راھ رسائيندا ، ٻانهن ڏيئي ...

(١٧٨)

او شل پنهنجو پرين مونکي ڪن ،

(١٨١)

عشق عجب اسرار،
جنهنکي لڳو تنهن کون پڇجي،
لڳو تنهن کون پڇجي، لڳو تنهن کون پڇجي.
عشق عجب ....

١- نينهن مونکي نندڙو نپايو،
کم نه سجهي ٻيو کار،
جيسين نتو توکي ڏسجي،
نتو توکي ڏسجي او نتو توکي ڏسجي،
عشق عجب ...

٢- مون جهڙيءَ مسکين سان،
وڃي نه وجهجي وار،
رٺي مور نه رُسجي،
مور نه رسجي، مور نه رسجي. عشق عجب ....
٣- سائين ٻيل کي عشق اوهانجو،
برهه کيس بيمار،
پير پري ٿن کون پڇجي،
پري ٿن کون پڇجي، پري ٿن کون پڇجي.
عشق عجب ...

(١٨٢)

ٻانهن جي آءٌ ٻانهي آهيان،
هو شاهن جو شاهه جيڏيون.

موٽائي وٺ تون موٽڪان، داتا پنهنجي امانت.
جي رحم جي...
٤- رحمت تي تنهنجي منهنجي ڏوهن کي ناز آهي،
بخشيندين هر گناهه تون، تنهنجي آ پادشاهت.
اي رحم جي...
٥- آشا رکان مان دل ۾، توکانسواءِ ٻئي ڪنهنجي،
تون ئي آڌار منهنجو، تون ئي آ منهنجي طاقت.
جي رحم جي...

(١٨٠)

ڏاڍو تنگ تو ڪري تنهنجو چور ڪنهيو،
جهيڙا جنگيون تو ڪري آهي زور ڪنهيو.
١- ڀاڳي مکڻ ڪونين ۾ لڪائي رکون،
چو نه ڇاڃ ڇڪن ۾ ڇپائي رکون،
نه ٻه مٽڪا ڀڃي ڪري ٻور ڪنهيو، جهيڙا...
٢- اسين پاڻي ڀرڻ وڃون گهاٽن تي،
اچي وهي تو اُنهن ئي واٽن تي،
وٺي چورا ڪري تو ڏاڍو شور ڪنهيو، جهيڙا....
٣- ڪٽي سانڍهيون وڃي تو وڻن تي وهي،
گهڻيون منٿون ڪريون نه ٻه ڏتو ڪجهه وري،
اهو داڪن سندو سرمور ڪنهيو، جهيڙا...
٤- ڀرماڻند سمجهاءِ پنهنجي پياري کي،
پنهنجي موهن راج دلاري کي،
ڪري گوپين سين سان تو گوڙ ڪنهيو، جهيڙا ....

(١٨٤)

تنهنجو ڀروسو آهي مونکي، تنهنجو ڀروسو آهي.
توکان سواءِ ٻيو ڪير آ منهنجو، ڪير آ منهنجو.
١- جيڪي آيا تنهنجي در تي، تن جا ٻيڙا پار،
خالي جهولي ڀر اُنهن جي، آهين سڀ جي سردار،
مهر سندا مينهن سدا وسائين، آس اندر جي پڄائي.
تنهنجو ڀروسو ....
٢- روپ نہ توکي رنگ نہ ڪوئي،
رهين تون هر هنڌ حاضر،
ڪي چون توکي رام رحيم، ڪن جو آهين ٺاڪر،
ڏکڙا دور ڪندين ڏکين جا، وڇڙيل محب ملائي،
تنهنجو ڀروسو ...
٣- مشڪل ۾ اچي ڏيندين سائين، منهنجو سدا سهارو،
ياد رهي شل هر حالت ۾، تنهنجو نالو پيارو،
ڀؤ ساگر مان پار اُڪارين، ٻيڙو ٻني لڳائي.
تنهنجو ڀروسو آهي ...

ڀڳوان - ڀاوناڏي

(١٨٥)

پيءُ ڙي ٻندا پيءُ، نام مها رس،
نام مها رس، رام مها رس.
١- رام نام ٿڌي ساج سڪن جو،
ميٺي ڇڏيندءِ ڦهاڙ ڏکن جو،
ها - ها ! امرت رس کي پيءُ، پيءُ ڙي ٻندا ...

١- نيٺ نه نينڊو، ڪين ڇڏيندو،
هيڻن جو همراه جيڏيون، ٻانهن جي ...
٢- آءُ سڪان ٿي، روز لڇان ٿي،
ٻالم بي پرواه جيڏيون، ٻانهن جي ...
٣- آءُ ڇڪوري، ڇنب پرين آ،
چت جو جنهن ڏي چاه جيڏيون، ٻانهن جي ....
٤- من ۾ ٻاري ويو تم راهي،
عشق سندو آڙاهه جيڏيون، ٻانهن جي ....

ڏوالڻ - راهي

(١٨٣)

عشق اسانکي آهي ڪوڙ،
ٻئي ڪنهن جي ناهي لوڙ.

١- درد جو هڪ دفتر جي پڙهيوسين،
ڪاڏي ڪنداسين ڪتاب ڪروڙ، عشق اسانکي...
٢- محبتي هڪ محبوب جي مليو،
ٻين سان ڪئيسين آ هٿ جوڙ، عشق اسانکي ....
٣- سڪ جي ڪاڏم ساڳ سان ماني،
پن پيا ٻيا طعام ۽ ٻوڙ، عشق اسانکي ....
٤- قرب جي ڪچي ڏاڳي ٻڌاسين،
ناحق وڏا تو ٻيا هي نوڙ، عشق اسانکي ...
٥- راڏا نانءُ سائينءَ جو منڊو،
دم دم آهي دل ۾ ڏوڙ، عشق اسانکي ...

٣- اسين آهيون ٻلٻل، مٺان تون ٻلائين،
تنهنجو در سخا جو کليل آ سدائين،
قرب ڪر رانجهن تي تنهنجو جس آهي.
آهين مهربان سائين ...

(١٨٧)

الاجي ڇا ۾ راضي آ،
الاجي ڪنهن سان راضي آ،
ڪوئي راجا ڪوئي فقير، بازيگر جي بازي آ.
١- ڪنهنکي لک ڏيئي تو لعل ڪري،
ڪنهنکي ڪک ڏيئي ڪنگال ڪري،
ڏوهه اسانجا ڪين ڏسي،
شل پنهنجي مهر ڪري، الاجي ...
٢- پير پيغمبر ڪيئي ويا، ويندو هرڪو سفر ڪري،
حاڪم حڪم هلائي ويا، ويا ظالم ظلم ڪري،
الاجي ...
٣- تو بهه ڪري تڪبر ڇڏ، ڪر نئڙت ذري ذري،
ڪنهنجي لاءِ تو ڪوڙ ڪرين،
ويندين خالي هٿڙا ڪري. الاجي ...
٤- ڏڪندو رهه هردم اُن کان،
جو ڪنهن کان ڪين ڏري،
رانجهن رک ياري اُن سان،
جو دم دم قدر ڪري،
الاجي ڇا ۾ راضي آ ....

٢- رام جي نالي ۾ طاقت آهي،
ڏکڙا ڏلين جا ڇڏي تو لاهي،
ها - ها! دوا انهيءَ سان جيءُ، ڀيءُ ڙي ٻندا ...
٣- رام سڀن جو آهي سهارو،
ميٺي ڇڏي تو من جو مونجهارو،
ها-ها! ڪي سنسي جو سيءُ، ڀيءُ ڙي ٻندا! ...
٤- مات گرڀ ۾ قول ڪيا ٿئي،
لڳي وشين ۾ وسري ويا ٿئي،
ها-ها! ياد ڪجانءِ اهو ڏينهن، ڀيءُ ڙي ٻندا ...
٥- ماتا چوي جب رام کي ويهي،
سڦلي ڪر تون مانش ديهي،
ها-ها! شش ستگر جو ٿيءُ،
ڀيءُ ڙي ٻندا ڀيءُ، نام مها رس ...

(١٨٦)

آهين مهربان سائين مليو ڏس آهي،
تنهنجي ٿوري رحمت وڏو وس آهي.
١- سادو سنت ڪي ئي ٿوکي ڏيائين،
ڪي رام نام شوَ جي ڏني لڳائين،
جن جيئو تن مليو، رام رس آهي، آهين مهربان...
٢- راجا مهاراجا سڀ اوت تنهنجي وٽن،
راڻيون راڄ ڪن سي ٻ تنهنجي در تي جهڪن،
جيڪي جهڪيا تن کي، کهڙي کس آهي،
آهين مهربان ...

مهر جي نظر ڪر واڻون ٿو واجهايان ،
منجهيل ڪي تون مالڪ ، سڌڻين راهه ڏيندين.
دياوان آهين ...

٢- تنهنجو شان اعليٰ تون شهنشاهه آهين ،
بازيگر بڻجي ويٺو سڀ ڪي نچائين ،
ڪندين قياس ڪوئي يا اچا پي سڌائيندين .
دياوان آهين ...

٣- دنيا جي ڌنڌن ۾ پيو آهيان ڦاسي ،
پريو تنهنجي پيار جو آهي رانوڃن پياسي ،
بگڙي تقدير منهنجي تون ئي سنواريندين .
دياوان آهين ....

(١٩٠)

آهي سڄڻ منهنجو آهي ،
آهي - آهي ...
پلا ڪيئن مان چوان منهنجو ناهي .

١- گهر نه مليئي ، ڳول ليئي ،
ڪڙڪائڻ سان در پي کليئي ،
او ويهه آس اُميد نه لاهي . آهي سڄڻ ...

٢- اوڏو اکين ڪان ، ويجهو ونين ڪان ،
دور نه آهي دردوندين ڪان ،
او وڃ ڪين تون ڪاشيءِ ڪاهي . آهي سڄڻ ...

٣- حرفت سان همت ڪين ڪي ايندءِ ،

(۱۸۸)

وس نه هلي بابا بيوس آهيان،
تنهنجي مهر کپي، تنهنجي ٻاجهه کپي،
تنهنجي مهر کپي، ٻيو ڪجهه نٿي چاهيان.
١- جيئن رکين بابا مرضي تنهنجي،
حجت نه توسان هلندي منهنجي،
ڄاڻين تو سڀ ڪي، ڄاڻين تو سڀ ڪي،
ڄاڻين تو سڀ ڪي، ڇئي ڇا ٻڌايان، وس نه هلي.
٢- خالي ڀري، ڀريا خالي ڪرين تو،
خبر ناهي ڪنهن سان راضي رهين تو،
بي انت آهين بابا بي انت آهين،
بي انت آهين، تنهنجو انت نه پايان،
وس نه هلي...
٣- جيڪي پيا سائين تنهنجي پناري،
بگڙيل ڪارج ڇڏيئه تن جا سنواري،
توڙ نباهيان توسان توڙ نباهيان،
توڙ نباهيان، تڏهن راڻوجن سڏايان.
وس نه هلي...

(۱۸۹)

دياوان آهين، دياوان ٿيندين،
مهربان آهين، سائين مهربان ٿيندين.
١- آهيان اڻ ڄاڻ توکي ڪيئن مان رجهايان،

(۱۹۲)

جيڪي هجيئي ڪري ڇڏ سڀ سائينءَ جي حوالي،
تنهنجون مڙيئي خوشيون غم، ڀل پاڻ پيو سنڀالي.

۱- جنهن لاءِ خاص پنهنجو، ڌاريو نه ڪو دنيا ۾،
سڀني کي هڪ سريکو،
جيڪو پيار سان ٿو پالي. جيڪي هجيئي ....

۲- ڌرتي نه بار لڳندءِ، نڪي آسمان ڳؤرو،
هنجو بڻي هميشه، جڳ ۾ ڏسين جي جالي.
جيڪي هجيئي ....

۳- تنهنجيءَ ڪسيءَ پڪيءَ جو،
هر ڪو حساب جنهن وٽ،
بيزار ٿيءُ نه تنهن کان، ٽوڙي ڪڻي ڏمالي.
جيڪي هجيئي ....

۴- وهم گمان دل جا جنهن دم ويا دڪايل،
هيڻو ڪيو نه هرگز ڪنهن ڪشٽ يا ڪشالي.
جيڪي هجيئي ...

(۱۹۳)

دل جهوري نيڻن جي جهٽڪي - او جهٽڪي،
شل نينهن نه ڪنهن سان اٽڪي.

۱- عشق اڪابر عقل وڃايو، برهه ڪڻي بدنام بڻايو،
سرت ڪسي - هڪ سٽڪي - او سٽڪي. شل ...

۲- برهه نسوري ٿرڪڻ بازي،

پريم ۾ پريتم پنھنجو ڏيندءِ،
ڏنو ڏس مونکي اھو ڏاھي. آھي سچڻ ...

٤- پاڻ ئي چاڙھي، پاڻ ئي لاھي،
پاڻ ئي ڏاھي، پاڻ ئي ٻاڌي،
او منھنجو سائين ڪري جيئن چاھي. آھي سچڻ ...

(رام پنجواڻي)

(١٩١)

ستنام - ستنام - ستنام جي،
سري واھگرو - واھگرو - واھگرو جي.

١- تون جپ نام پيارا، ٻين کي جپاءِ،
تنو پرت شردا سان گر گيت ڳاءِ،
رکي پريم ستنام سان لنوَ لڳاءِ،
اچي انت ويلي جو ٿيندءِ سھاءِ. ستنام - ستنام

٢- سندس نام سمرن جو پل پل ڪري،
تنل ھردو تنھنجو ٿو سيتل ڪري،
ڪڍي مئل ٻڌ کي ٿو اُجل ڪري،
ڏيئي آتما گيان پربل ڪري. ستنام - ستنام

٣- ڀڳت پاونا سان پڪاري اچي،
ڪري دور دک درد ٽاري اچي،
ڪڍي لھر لوڏن مان تاري اچي،
دکايل ڪناري لڳائي اچي. ستنام - ستنام ...

(۱۹۵)

توکان لاڄ گهران - توکان ٻاجھ گهران، منهنجا سائين •
او شل رهجي اچي لوڙ لائين •

۱- ڳايان هردم تنهنجي مان ٻاٽي،
ڏسان هردم توکي مان ساٽي،
تنهنجو ڌيان هجي - تنهنجو گيان هجي،
منهنجا سائين - شل رهجي اچي ....

۲- سدا وڏڙن کي سيس نوايان،
ڪري شيوا مان ڀاڳ ٻڌايان،
ڏسان صورت تنهنجي، مٺي مورت تنهنجي،
منهنجا سائين - شل رهجي اچي ....

۳- ٻٽي سچ مان سڀ سان نباهيان،
کوٽا خيال نه دل ۾ آڻيان،
شل سمتي اچي نه ڪمتي اچي،
منهنجا سائين - شل رهجي اچي ....

۴- سدا ڀريل تنهنجو آ ڀنڊارو،
موٽي ويندو نه ڪو هتان ڀارو،
هٿ ڏيندو هري - تنهنجي مهر گهڙي،
منهنجا سائين - شل رهجي اچي ....

(۱۹۶)

ٻوليو نه رام ٻوليو - ٻوليو نه رام ٻوليو،
رام بنا ٻيو نه ٻوليو ڪي ٻوليو.

پاڻ جهلي ڪو جيڏي غازي،
او هاري، جيڪو ـ هڻڪي او هڻڪي ۰ شل ....
٣ـ عشق شمع تي ڦيريون پائڻ،
آهي دڪايل پاڻ پڇائڻ،
سر پيو سوريءَ ـ لڙڪي او لڙڪي. شل اينهن ...

(١٩٤)

پير پري جي ايندين ستگر دواري،
دربار وارو ڪندءِ پلو ....
١ـ سوالي بڻي اچ دانا در،
تنهنجي ستگر آس پڄائيندو،
دک دنيا جا دور ڪري توکي رهبر راهه رسائيندو،
شرڌا سان جي تون ايندين، ستگر دواري،
دربار وارو ڪندءِ پلو ....
٢ـ پريل آهن ڀنڊار گرن جا، ڪونه ويو هتڙان خالي،
جنهن تي راز ٿئي ستگر جو،
اکنڊ ڏئي تنهنکي مالي،
اهڙي دانا جي در کي، ڇڏ نه وساري،
دربار وارو ....
٣ـ پير فقير به تنهنجي در تي،
پنهنجو سيس جهڪائين ٿا،
دعا وٺڻ دانا جي در تي، روز پيا بازئين ٿا،
ڪميادا اس تون به اچجانءِ سيس جهڪائي،
دربار وارو ڪندءِ پلو ...

١- منهنجا ڪم تون سهڻو پار ڪري ،
اچي هڪ سڏ ٿي تون پير ڀري ،
منهنجو سڄڻ اهڙو رحمي آ ،
هردم تون منهنجو ڌيان ڌري ، منهنجو سڄڻ ...
٢- آهي اهڙو هو دلدار سڄڻ ،
ڏئي هردم پنهنجو پيار سڄڻ ،
حسن سندس صبحاني آ ،
آهي چنڊ ڪان به سهڻو يار سڄڻ، منهنجو سڄڻ...
٣- پنهنجي يار جو عجب شباب ڏٺم ،
نڪو تارن ۾ هڪ تاب ڏٺم ،
نوُر سندس نوراني آ ،
هن دنيا ۾ لاجواب ڏٺم ، منهنجو سڄڻ ....

(١٩٨)

در يار کوليندو مگر هڪوار ڪڙڪائي نه ڏس ،
هو سڏ ۾ سڏ ڏيندو مگر هڪوار ٻاڏائي نه ڏس .
١- ڪولي ڪر تون حال دل جو، هو ٻڌڻ وارو اٿيئي ،
تون به هنکي تنهن ڪري ،
هڪوار ليلائي نه ڏس . در يار....
٢- بار بوجا سڀ ڪٽڻ لاء هو سدا واجهائي ٿو ،
تون به هنکي تنهنڪري هڪوار واجهائي نه ڏس ،
در يار ...
٣- هو پيار جو آهي بکيو ۽ پيار وارن لاء سڪي ،

١- رام نام ۾ جيڪي چوندا، ڪانگن وانگي لنوندا،
رام نام جي چوندا رهندا، سور نه ڪڏهن سهندا،
اُٿندي ٻي رام ٻوليو، وهندي به رام ٻوليو،
رام ٻنا ٻيو نه ٻوليو ڙي ٻوليو،

٢- رام سڪن جو ڏام سدائين، تنهنکي صاف سڃاڻو،
رام نام ۾ روئندا رهندا، راڻي ٽوڙي راڻو،
ڪائيندي به رام ٻوليو، پيئندي ٻي رام ٻوليو،
رام ٻنا ....

٣- رام نام سنسار ساگر مان ترهي وانگي تاري،
رام نام ۾ ٻيڙي تنهنجي ڪوئي نه پار اُڪاري،
هلندي ٻي رام ٻوليو، چلندي ٻي رام ٻوليو،
رام ٻنا ....

٤- رام ڏرو ڀڳلاچ جيا ٻو، ٻاهر مان ٻار ٻهي ويا،
اندر ٻاهر رام نام جي رنگه ۾، خوب رچي ويا،
مرندي ٻي رام ٻوليو، سڙندي ٻي رام ٻوليو،
اٻندي ٻي رام ٻوليو، وٻندي ٻي رام ٻوليو،
رام ٻنا ٻيو نه ٻوليو- ٻوليو ته رام ٻوليو..

(١٩٧)

ڪري لڪه ٽورا ٻر هڪ نه ٻڻي،
منهنجا ٻار ٻران ٻيو ڀاڻ ڪٽي،
منهنجو سڄڻ ڇڏي ڪٽي ٻس ڪر.

١- ماءُ وٽي نا ڀيءُ وٽي نا، ڀيڻ وٽي نا ڀائي،
پٽ وٽي نـا ناري مونکي، ڪرشن تون ئي وٽسان،
مرليءَ وارا ...
٢- ديو وٽي ڪا ديوي ڪائي، ڀر وٽي نا تلسي،
بنگلا وٽن نا ماڙيون مونکي، تو در وٺي روسان،
مرليءَ وارا ....
٣- گهر سان توڙيم، پَر سان توڙيم،
توڙيم تن من ڌن سان،
سڀ سان توڙي توسان جوڙيم،
مهر ڪري تون ملسان. مرليءَ وارا ...
٤- ملڻ به توسان، جيئڻ به توسان،
مرڻ به موهن توسان،
ڪهي ڏيئون آ سڀ ڪجهه توسان،
تو بن دم نهين جيسان. مرليءَ وارا ...

(٢٠١)

طرز :- نيلي گگن ڪي تلي.
ٿلهه :- او جڏهن تو سانوڻ اچي،
من ۾ موج مچي،
ڪرشن ڪارو، مرليءَ وارو، مون گهر شام اچي.
١- ساڳي جمنا، ساڳيو گوڪل،
ساڳي راس رچي، او جڏهن تو....
٢- ساڳيون گوپيون، ساڳيو ڪرشن، ساڳي راڌا نچي،
او جڏهن تو...

آشا ويھي پيار مان ھڪوار،
پرچائي ته نس، در يار ....

(١٩٩)

مان ويني ڪانگ اڏايان، موھن منھنجو اچي اچي.
مان ويني ڦالون پايان، موھن شل اچي اچي.

١- پَٽ پنبت پوٿي ھاٽي - او - ھاٽي،
ايند و ڪرشن ڪھڙي ناٽي - او ناٽي،
او شال جواني ماٽي،
موھن شل اچي اچي. مان ويني ...

٢- دل درشن لاء آھي ماندي، او - ماندي،
ناھي راعه روئڻ ڪان واندي، او - واندي،
چني ڪانه ڪا قاصد آندي،
موھن ستل اَچي اَچي، مان ويني ...

٣- ڪيو نيڻھن نارائڻ نانگو،
مون نه لاتو سر جو سانگو،
ھاٽي ڪرشن ٿيءِ نه ٿون مھنگو،
موھن شل اَچي اَچي، مان ويني ....

(٢٠٠)

طرز :- اَچا نه انت مان نميڙي آھيان.
ٿلھ :- مرليءَ وارا مل ٿون مونسان،
ڪين وطن تا ماٺھو جگه جا،
نيڻھن لڳو مدھنجو ٿوسان.

مٺي ڪرشن وچن ٽيون آهان،
او- هاٺي ڏکيل دل تو ڏکائي،
ڦاسائي - ڇڏي ويڙا ...

٥- ڏيئي عشق ويو نہ اشارا،
سيئي سک وڃايائين سارا،
او- ويو عشرت عيش وڃائي،
ڦاسائي - ڇڏي ويڙا ...

٦- آٺي درد مڇاير دونهان،
سيئي سوُر اچي ٽيم سونهان،
او- ويو ڪاتب قلم وهائي،
ڦاسائي - ڇڏي ويڙا ...

٧- ايڏو ٻار برهہ جو آيو،
سيئي چيزل سر تي سهايو،
او- هاٺي پتنگ جيان تو پچائي،
ڦاسائي - ڇڏي ويڙا ...

(٢٠٣)

سنها سور ماکي سيئي مر سمايا، سنها سور ماکي .
عشق جا اولانبا (مَيچ) برهہ جا اولانبا،
پوَن پوُر ماکي ...

١- اصلي ازل جو اچ ناهي ڪلهہ جو،
اهي ڪم قلم جا - ڏنو نور ماکي،
سيئي مر سمايا ...

٣- سڀئي سڀئي رانيون، رس پريون لانيون،
سانول ڪيون نہ سڀ. او جڏهن تو...

٤- ماڏو موهن جون ڏسي ليلائون،
آنند تو دل کي اچي. او- او جڏهن تو...

(٢٠٢)

مارُو چڏي ويڙا- مارو چڏي ويڙا،
شل ڪو نينهڙو نہ لائي،
قاسائي چڏي ويڙا...

١- مونکي اڳہ نہ ڪنهن سمجهايو،
اهڙو درد اٽانگو آيو،
او- ڏيو جان جسم نہ جلائي،
قاسائي- چڏي ويڙا....

٢- بڌو عشق وارن جون ڳالهيون،
اٿيئي روز تون روز نراليون،
او- ڪيئي عاشق ڪيئن تو کهائي،
قاسائي- چڏي ويڙا....

٣- اهڙو عشق اصل کون آهي،
ويو لِهِمُ لڳن جو لاهي،
او- هاٽي خون جگر جو تو ڪائي،
قاسائي- چڏي ويڙا....

٤- بڌو دردوندن جون دانهان،

ويو ٿم قلم وهي - سور ڪيم وو ڪيم سهي.

١- آمڙ اوراڻو ڏنم، رات چنيءَ جي وو چٽي،
ٻڌ سورن جو سندرو، وچ ڪيچين ساڻ ڪهي،
آمر لڪٽي ...

٢- جڏن مٿي سر سختيون، ٻيو ڀاڙ ڀچون نه ٻري،
جتي ٻاهه ٻري، هند اُهوئي سڙي،
ٻين کي ڪل ڪانه ڪيٽي، آمر لڪٽي ...

٣- دست (هٿ) ڏنم دلبر جو،
ويم خوديءَ جون ڳالهيون،
ٻني ٻاري ٽيس دايو (چوڪيدار) يار لڌم نه لهي،
آمر لڪٽي ....

٤- ڪيئن هٿي قسمت آندم، دوست ٻيا در ماندي،
اکين اوجاڳا ڪيا - چا گذري - وو چا رهي.
آمر لڪٽي ...

٥- هيئن نٽڙت ۾ نوي، رهه رياضت ۾ نه رکيل،
پير نه ٽيءُ نون پوئتي، ڳالهه عجب جي وو ٿهي،
آمر لڪٽي ...

(٢٠٥)

تانگهه اندر ۾ لگم لنوار، عشق فڪر جي،
عشق فڪر جي وو ذات ذڪر جي.

١- منهنجي اندر ۾ عطر ڪٿوري،
ذات ظهور تجلو نوري،

٢- گهي (ڪڏهن) سُهما سهان ٿو،
گهي مچ ۾ پوان ٿو،
اناالحق چوان ٿو- ڪيو منظور ماڪي،
سيني ۾ سمايا ...

ڏوهيڙو:-
الله چڏيائون اوري، هو پراهين پنڌ پيا،
ٻيا ناالي سڄڻ اچا ڪي ٻيا،
واڪيندا (چوندا) ويا، صادق ٻڌي سندرا.

ڏوهيڙو:-
دل سڙي داغ ٿيا، گوڙها ڪيئن ڳاڙيان،
درد ٻيا اڪ نہ پچي، اندر جيرن کي ڪاڙهيان،
پٽر (دک) پرائو سور پنهنجا پلئہ ٿي پاڙيان،
سهٽا شاهہ رکيل، سمهڻ کي ساڙيان،
جو پوي وٿ وصال کي.

٣- اهڙي آدم ۾ - وو ڏکيءَ ويل ڪُن ۾،
عشق جي چمن ۾ - ڪيو قبول ماڪي،
سيني ۾ سمايا ...

٤- رکيل پير پائي - وو انين لنوَ ڪير لائي،
سر تي سختيون سهائي - گهائن گهور ماڪي،
سيني ۾ سمايا ....

(٢٠٤)

اُمَرَ لکئي جو ڙي اَديون، ويو ٿم قلم وهي.

٥- سڀ ڳالهه پنهنجي سر جي،
توکي سچوُ سمجهايان، پائي ڏوهه ...

(٢٠٧)

ڏنو پانڌيءَ هيءُ پيغام،
تنهنجي اڱڻ اڄ سڄڻ اچي ٿو.

١- عاشق عجيبن جو، توکي سوَ لکھ آهي سلام،
ڏنو پانڌيءَ ....

٢- سڀ قبوليو سڄڻءَ، جيڪو ڪيئہ ڪلام،
ڏنو پانڌيءَ ....

٣- ڀڪو آهي پرينءَ جو، توسان اڄ تہ انجام،
ڏنو پانڌيءَ ....

٤- روءُ نہ رت اکين مون، عاشق ڪر آرام،
ڏنو پانڌيءَ ...

٥- سچوُ گڏجن پوءِ پِيِ، آ نہ طلب تمام،
ڏنو پانڌيءَ ....

(٢٠٨)

ٽارڻ نہ ٽار تنبور جي،
سڌ نہ هجيئي جي سور جي.

١- سوَلو ناهي هي سرود وڄائڻ،
همٿ لائي آ جند اڙائڻ،
حاجت همٿ نا حضور جي. ٽارڻ نہ ....

٢- چاڙهڻ محبت مستي ناهي،

هوُ - هوُ مچايم اهڙو هڪار، عشق فڪر جي ...

٢- قلم اُمر سان لکيم اوچاڳو،
رنگ موليٰ جو ڏنم ڄاڻو،
اَلست ڏهاڙي ڪيم پچار، عشق فڪر جي ...

٣- حَوا آدم کان اڳ ته هئاسين،
روح رلائي پنهنجي پرينءَ ڏي وياسين،
بي نه ٻڌم ڪا ٻولي ٻاڪار، عشق فڪر جي ....

٤- چئه نه رکيل توکي ڪير ٿو چوائي،
سر آهي ساڳي، پاڻ ٿو سڏائي،
وٺ نه پاڻيان هڪڙو وار،
عشش فڪر جي - وو ذات ذکر جي ...

(٢٠٦)

پائي ڏوهه پنهنجي پاند ۾،
آءٌ دوست تو در آئي آ،

١- راتو ڏينهان پنهنجي روح ۾،
تنهنجا سوڻ ڳڻ ڳايان، پائي ڏوهه ...

٢- ڏوس ڏوراٻو ٻڌي،
آءٌ پلوَ توکي پائيان، پائي ڏوهه ...

٣- زاريون ضعيفيءَ مون ڪري،
پرين توکي پرچايان، پائي ڏوهه ...

٤- جا تو پٺي پيزار جي،
سا کهه لڱن کي لائيان، پائي ڏوهه ...

بيڙو منهنجو ٿيندو پار،
رک جهولڻ ني، رک لعلڻ ني!

١- آنڌي ۽ اونڌھ چوڌاري،
ڇا ٿيو جي آ رات به ڪاري،
سر ني بوندن جي بوڇاڙ، رک جهولڻ ....

٢- سمنڊ اٿاھ، پراڻي نئيا،
خالق منهنجو آهي کوئيا،
پاڻيهي لهندو منهنجي سار، رک جهولڻ ....

٣- هوُئي خلقي، هوُئي پالي،
هوُئي سک ڏک منجھ سنڀالي،
هوُئي صاحب رب ستار! رک جهولڻ ...

٤- واليءَ کي هر جيو وڻي ٿو،
هر ڪنهن جو هو بار کڻي ٿو،
منهنجو پڻ هوُ کڻندو بار! رک جهولڻ ...

٥- باجھ بيڙيءَ ۾ هلندو چاڙهي،
پال پلائي هو ان پاڙي،
سڻي سوالڻ جي نه پڪار، رک جهولڻ ني ....
توڪل سان ٿي ترندين تار، رک جهولڻ ني ....

(پارُو ذاڪر)

(٢١١)

جڳ ۾ آيو نانڪ شاھ - جڳ ۾ آيو نانڪ شاھ،
نانڪ شاھ - منهنجو شاهن شاھ.

ملهہ مهانگي سستي ناهي،
پڇر نہ ڪر هن پوُر جي. ٽارڻ نہ ....

٣- نينهن ڪرين تہ نڪر ٿي ڙانگو،
لاهہ دڪايل سر جو سانگو،
نوُبت همت ناسوُر جي. ٽارڻ نہ ....

(٢٠٩)

زمين هوندي اهاني، اهوئي آسمان هوندو،
نہ توُن هوندين نہ مان هوندس،
مگر پوءِ بہ جهان هوندو.

١- ڦٽائي ٿا وڃون جنهن شاخ تان آشيانو پنهنجو،
اسان کان پوءِ انتي ڪنهن ٻئي جو آشيان هوندو.

٢- جڏهن ڪي عشق وارا پاڻ ۾ گڏجي وري گڏبا،
اسانجي عشق جو دهرائبو پيو داستان هوندو.

٣- حياتيءَ جو سفر،
ڪنهن هڪڙي منزل تي نہ ٺهڪندو،
هميشہ جستجوُ ۾ زندگيءَ جو ڪاروان هوندو.

٤- توُن اڄ جنهن راهہ تان،
گذري رهيو آهين اي راهي ڏس،
ڪٿي ان راهہ تي منهنجي بہ،
پيرن جو نشان هوندو.

(٢١٠)

نوُڪل سان ٿي ترندين تار،
رڪہ جهولڻ تي، رکہ لعلڻ تي!

١- پريم پريت جو وني سهارو،
ڪر تون سڀ ۾ پاڻ کي پيارو،
سک جو ڳاءِ سدا سرگم!
ڪلندو ٽڙندو رهه هردم!

٢- سدا جڳت کي ڏيندو رهه تون،
ڏي ڏي خوش ٿيندو رهه تون،
وڻڻ نه ناهي تنهنجو ڪم!
ڪلندو ٽڙندو رهه هردم!

٣- سک دک جو جڳ ۾ ديرو،
ڌوپ ڇانوَ جو هت آ ڦيرو،
ڪڏهن خوشي ڪڏهن ماتم!
ڪلندو ٽڙندو رهه هردم!

٤- پرجي ويندا زخم پراڻا،
ڇو هي ڳڻتيون ۽ ڳاراٽا،
وقت دلين جو آ مرهم!
ڪلندو ٽڙندو رهه هردم!
(پارو ٺاڪر)

(٢١٣)

الله لڳ آءِ سائين لڳ آءِ،
ڏاڍي لڳ آءِ ڪريون پرچاءِ.

١- در ڪولي پيئي دري ڪوليان،
وري ڪولي پيئي وري ڪوليان،

١- ڪالوءَ جي گهر جنم لڌائين ،
تلونديءَ جو مان ڪيائين ،
ٻي واهن جو آهي وسيلو - هيڻن جو همراهه .
جڳ ۾ آيو نانڪ شاهه ....

٢- ڀڳتن تي جڏهن ڀيڙ ڏٺائين ،
نڪري تن جا ڪارج ڪيائين ،
پنجن ڪوڏين تي ٻيڙو تاريائين ،
آهي هو داناهه ، جڳ ۾ آيو ....

٣- ڪلجڳ جو اوتار هو آهي ،
اوکيءَ جو آڌار هو آهي ،
جيڪو پڪاري سڪ سان هنکي ،
ڏسي ٿو سنئين راهه ،
جڳ ۾ آيو ....

٤- سدائين بابل جو ڌيان ڌريان مان ،
در تي هنجي روز وڃان مان ،
ٻيا سڀ جڳ جا ناتا ٽوڙي ، رکان بابل سان چاهه ،
جڳ ۾ آيو ....

(ڀارو ٺاڪر)

(٢١٢)

ڇا جي چنتا ڇا جو غم ؟
کلندو ٽڙندو رهه هردم !

ياد ڪنهنکي ڪري اکڙين کي روئاري ته سهڻن •

٦- جي ملي يار جي چانئٺ ته مان اميري پانيان ،
ڪوئي در جو ڪري دربان بيهاري ته سهڻن •

٧- مان اهو آهيان جو وسارڻ سان نه وسري سگهندس،
ڪوئي هڪوار ڪري پنهنجو وساري ته سهڻن •

(ضيا)

(٢١٥)

منهنجو هاڻي پنهور ۾ چاهي !
جيڏيون آءٌ نه ڪيچين کي رسنديس ڪاهي •

١- آهي پنهل سان سر جي بازي ،
الا! منهنجو نينهن نباهي جو ناهي ،
جيڏيون آءٌ نه ڪيچين ....

٢- چا جي نصيحت چا جي هدايت ،
الا! منهنجي الڙ جواني نه آهي ،
جيڏيون آءٌ نه ....

٣- مڙنديس ڪين ڪي ، وينديس ور ڏي ،
الا! آءٌ نه بيٺي آهيان لاهي پائي ،
جيڏيون آءٌ نه ...

٤- هردم طالب مولي؛ مونکي ،
الا! شل رمز انهيءَ ۾ ئي راهي ،
جيڏيون آءٌ نه ...

ڏاڍن ڪان ڏري ڪوليان،
لهه ڪو سڄڻ سڌ سماءُ. الله لڳ ....
٢- عشق تنهنجي آ آزاريو،
ڳٽين لنهنجين آ ڳاريو،
ٻارڻ دل اندر ٻاريو،
ڪر ڪو سڄڻ اچي کهڪاءُ. الله لڳ ...
٣- هلي آ منهنجا سڄڻ دلبر،
گلي لڳايان مان سڳن رهبر،
اچڻ ۾ هاڻ دير نه ڪر،
نينهن وارن سان ڪر ڪو نياءُ. الله لڳ ...

(٢١٤)

شمع وانگر ڪو جلي راتيون گذاري ته سهين،
سوز ڪنهنجي ۾ سڙ تائين ڪو گهاري ته سهين.
١- دل فدا ٿيندي جگر ٿيندو ادا تان صدقي،
رخ تان پردي کي هٽائي ڪو نهاري ته سهين.
٢- بي خوديءَ ۾ جي ٿيا گم، سي ٻڏيا خود ساقي،
شرط هيءُ آهي ڪوئي پاڻ وساري ته سهين.
٣- پوُنء ساريءَ کي ٿئي پوءِ الذي عرش وڃي،
ضبط آهن سان ڪو طوفان اُٿاري ته سهين.
٤- مان هڪ پيرو چا، سؤ ٻار مرڻ تو چاهيان،
منهنجو نالو ڪوئي مقتل ۾ پڪاري ته سهين.
٥- پنهنجي اٽڪن کي ڪوئي،
موٽين جو ڏيڻ چاهي شرف،

١- ساريان ساريان ، هنجوُن هاريان ،
تنهنجا واعدا ڪيئن وساريان ،
ڪانگ اُڏايان ، پير پچايان ،
ويني تنهنجي واٽ نهاريان ،
ڳارن ٿا ڳاراٽا - مل راٽا ، مل راٽا ....
٢- نڪت نئي ويا ، لڙڪ ڏيئي ويا ،
روئندي روئندي رات وهاٽي ،
جاڳي جاڳي جوت اپاڳي ،
ڏي ويئي ساٽي نيٺ اُجهاٽي ،
هاء ڪمل ڪوماٽا ! مل راٽا ، مل راٽا ....
٣- آس پڪاري ، پياس پڪاري ،
روح رڙي ٿو لو لاء راٽا ،
چڙ ريڏائي ، ميٺ مدائي ،
ڪر نه مئيء سان ايڏا ماٽا ،
سوڀل يار سياٽا ، مل راٽا - مل راٽا ....

(گوورڌن ڀارتي)

(٢١٨)

آءُ اچي مل - او ميهار ،
تنهنجي وڇوڙي ماري آهيان !
١- تنهنجي تار لڳي تن من ۾ ،
سيني ۾ آ تنهنجي سار ،

(٢/٦)

مِن مارُن سان، توڙي تو وت سوکهو آهي سرير،
او ادا! منهنجو ملڪ ملير.

١- خان ڪٽي تو کوهه تان چوري،
هڪ چوري ٻي سيني زوري،
سانگي ڪنهن سان سينو ساهين؟
هو مارُو تون مير - او ادا! منهنجو...

٢- آهي ٻَڌايو قسمت ٻاندي،
محلن ۾ پئي آهيان ماندي،
سانگين جي لاءِ ساهه سڪي ٿو،
دم دم آ دلگير - او ادا! منهنجو....

٣- مير رهي پل منهنجو ميروئي،
ڪين ڪڏهن لاهيندي لوئي،
سمنڊ اندر پلجي پئي نه پيئندي سپ ساموندي نير.
او ادا! منهنجو...

٤- وطن وڃي مارن سان ملنديس،
خوب ڪٽيرن سان گڏ کلنديس،
ويڙهيچن جي وچ واهي،
پيئنديس پاڪ پير. او ادا! منهنجو....
(گوورڌن ڀارتي)

(٢/٧)

مل راڻا، مل راڻا!
ڇڏ مومل سان اهي ماڻا!
مل راڻا، مل راڻا.

پاڻ رکندو پت ڙي يار. من پارو چل ....

٤- قطب پير پنهل جا،
نيڻي نهارج نت ڙي يار. من پارو چل ...

(٢٢٠)

لڱي پنڌ ڙو ڪرايو منهنجي پيرن کي،
کهڙو ڏوهه ڏيان مان ڏيرن کي.

١- ڪونهي ڏوهه ڏيرن جو،
ننڊ ڙي ڪٺي ويئي نيڻن کي. کهڙو ڏوهه ...

٢- ويندي يس رهندي يس ڪين ڪي،
سور سليندي يس سيرن کي. کهڙو ڏوهه ...

٣- ڏيندي يس باهه پنيور کي،
جوش وئي ويو جيرن کي. کهڙو ڏوهه ....

٤- چوهه چڏ يندي يس ڪين ڪي،
وس ڪندي يس پنهنجي ويرين کي. کهڙو ڏوهه...

٥- سرليون شاهه لطيف چوي،
معاف ڪندو منهنجي ميرن کي.
کهڙو ڏوهه ڏيان ...

(٢٢١)

واريءِ منجهه چايس الا،
ڌارين وٽ آيس الا.
ايءِ مٺن مارو ڙن ماڻهو ڪونه مڪو،
سڄڻ سانگيئڙن ماڻهو چونه مڪو؟

ڏوڪان ڪيئن وساري آهيان. آءُ اچي ...

٢- ساريان ويٺي ساجن ڏوڪي،
هاريان ويٺي لڙڪ هزار،
تنهنجي ڳڻتيءَ ڳاري آهيان. آءُ اچي ....

٣- جسم جسم کان آهه جدا پر،
دل نه نه دل کان آهي ڌار،
ڌڪجي ڇو ٿي ڌاري آهيان؟ آءُ اچي ....

٤- او سائين! مهنجي ڏو ڏائين،
ڀڃي کهڙيءَ ريت پڪار؟
وچڙي ٿي ويچاري آهيان. آءُ اچي ....

٥- سهڻديس مان ڏم جا ڏوراپا،
ٻاڙي وارين جي نه پچار،
ساري لوڪ ڌڪاري آهيان. آءُ اچي مل ....

(گووردڌن ڀارتي)

(٢/٩)

جبل جهاڳيندو وڃ ڙي يار،
من ٻاروچل کي ٻاجهه ٻوي،

١- اوچا ڏونگر لڪيون،
سائين ڏيندم ستت ڙي يار، من ٻاروچل ....

٢- چرخو ڀڃي کر ڪريون،
ڪاڻڌ ٻنا نا ڪت ڙي يار، من ٻاروچل ...

٣- وندر جي وڻڪار بر،

ٽمڪڻ سندو نہ ٽاب ھو ٽارن جي ذات ۾،
آندي عجيب سانت ڪرامات رات ۾،
آڪاش مان آلاپ ٿيا جئہ جئہ هري،
اهڙي وڄائي ڪرشن ڪنهئي جا ٻنسري.

٢- جمنا ۾ سخت جوش ٿيو لهرون نچڻ لڳيون،
پاڻيءَ جي ٽار ٽار مان ٽوٽاريون وڳيون،
مڇليون مٿاڇري تي مدهوش ٿي پيون،
بيحد ٻرهہ جي ٻاهہ مان مارڻ لڳيون لڳيون،
آئن اکين ۾ پريم کان پاڻي ڀري ڀري،
اهڙي وڄائي ...

٣- وڻ امرتي رس پريم پي جهولڻ جهلڻ لڳا،
ڏارن جي گنڀج مان ٻن پن ڪلڻ لڳا،
ٽارين جي ٻُور مان گل ڦلڻ لڳا،
ميوا مناس ڪي رسي چلڪڻ چلڻ لڳا،
وڻ راء واهہ واهہ ٿي هيءَ جا هري ڀري،
اهڙي وڄائي ...

٤- گوپيون گوال گوپ ٿيا بي سرت بي خبر،
مرليءَ جي مڌر سر ۾ هو جادوءَ ڀريو اثر،
هو ڌيان بي گمان ڌني ڌيان ۾ مگر،
ٻن شيام شيام جي آيو نڪي نظر،
هر دل ۾ برهہ باهہ ٿي ڀڙڪي ٻري ٻري،
اهڙي وڄائي ....

١- اندر ۾ آهي اولڙو،
گهاري منجهہ گهايس اَلا. مٺن ....
٢- ڏوڙي ڏني ڏيهہ ڏنڙا ٿيا،
سورن سيبايس اَلا. مٺن ...
٣- ڍولڻ مارن سان مِلان،
آس اهائي بس اَلا. مٺن ماروئڙن ...

(٢٢٢)

معافي مداين جي تون ڏي سائين،
ڪري قدمن ڪريان نيزاري.
١- ڏوهہ گناهن ۾ مون پنهنجي،
عمر وڃائي ساري. ڪري قدمن ....
٢- توڪانسواءِ ڪير بيو ڏيندو،
دکيءَ کي دلداري. ڪري قدمن ...
٣- ڏيندين سزا سهندي رهنديس،
بيشڪ آهين ڏوهاري. ڪري قدمن ....
۴- ويهي ويچارج ڪين ڏڪارج،
در تان هيءَ دکياري. ڪري قدمن ...
۵- چهڙو ڪيا يون، ڪل ٿي مهنجون،
واري ڇڏج هڪواري. ڪري قدمن ڪريان ....

(٢٢٣)

١- وسمهہ جو راج ٿيو شروع ڪل ڪائنات ۾،
ڏويا ڳگن مدبل اچي ويو طلسمات ۾،

ڪي هر گهڙيءَ مرن، ڪو مري پئي اٿو مري.
٥- **حاسد** آهي ڳالهه ٿوري، فقط دل جي درد جي،
پر ڪوئي اهڙي ڳالهه پئي،
ڪنهن سان ڪيئن ڪري.

(٢٢٥)

وڃي پئه قدمين ڪري او غافل بندا! داتا جي در،
سستو ٿي سؤدو نه ٿي منتظر.
١- الاجي ڪهڙو تنهنجو پاپ ڪليو ٿي،
جانب! چولو مليو ٿي،
وشين ۾ وڃائي ويٺين ڪيئه نه قدر،
وڃي پئه ...

٢- عمر وڃايئه ڪڇن ڪمن ۾،
چورين نگينن دلبن جي ڏندن ۾،
سفر جو به ڪوئي ڪنهئه نه سمر (تمر)
وڃي پئه ....

٣- رتن رام چوندين پترط پار ٿيندين،
تڪيءَ تار مان پئي ترپ ترڪ ويندين،
ڏار حوصلو تون نه ٿيءُ ڪمبدر. وڃي پئه ....

(٢٢٦)

جهليم جهول تو در، جهولي لعل سائين،
ٻڏن جا به ٻيڙا، ٻنين تون لڳائين.
١- ٻنا توهر تنهنجي، هلي ڪونه حيلو،

٥- تي ٻرج سرڳ ڌام ويو، مؤجون مچڻ لڳيون،
ويا مرگهه مور مست تي ٻيلون نچڻ لڳيون،
ڳانئين ٽڙن ۾ ڪير جون ڌارُون اچڻ لڳيون،
سر سبز گاهه خشڪ ٿيا، ٻوڪون ٻچڻ لڳيون،
آنند لهر ٻرج ۾ ويئي وري وري،
اهڙي وڄائي ...

٦- سيتل هوا سڌير هلي هير فرحتي،
لاٿي اُڏامڪن ٻه عجب لات قدرتي،
جيتن مرن ۾ مؤج مهان موج جي متي،
ٿي ويئي ٻندراٻن سندي **بيوس** اُتم گتي،
چشمن ۾ ٻرف ٿي وِيو پاڻي ٺري ٺري،
اهڙي وڄائي ...

(٢٢٤)

دل ۾ وسن ٿا ڪي ڪي، دل ڪان پري **پري**،
ڪنهنجي سنائي ياد ٿي، دل کي ڌري **ڌري**.
١- هر ڪنهن جو پنهنجو آهه، جيئڻ جو الڳ مزاج،
پياسو رهي ٿو ڪو ڪو پيئي ٿو ڀري ڀري.
٢- ڪوئي لهي ٿو، ٽڙقي ٿو، قسمت جي ڳالهه آ،
ڪا آگ آهي ٿي، جا هردم ٻري ٻري.
٣- لڳندا سين اَجنبي ٻه وري ٿن کي جن ڪڏهن،
هر هر ڇيو ٿي ٿوکان سواءِ پل ٿئي سري.
٤- شايد جيئڻ مرڻ جو ٻه ٿيندو شعور آ،

٢- ڏيرن مٽيءَ سان ڏاڍ ڪيو، ڏار ڪيائون ڏاري،
راتِ رهي ....
٣- سرتيون شاهه لطيف چوي، گهوٽ نه وجهه گهاري،
راتِ رهي ...

گلا ڪام ڪري، لکيو ٽان نه ٽري،
پڙي! جيڏيون! منهنجو وو شهر پنهور ۾.
١- جو سينگار سرتئين، سو مون ناهه ڳري.
لکيو ٽان ...
٢- جهڙي تهڙي حال سين، وڃان پير پري.
لکيو ٽان ....
٣- قضا جا ڪريم جي، ڪنهن ٽان ڪين ٽري.
لکيو ٽان ...
٤- جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان سو پڙي.
لکيو ٽان ...
٥- اديون شاهه لطيف چوي، شل قادر ڪرم ڪري.
لکيو ٽان ...

(٢٢٨)

ڏور وڃيو ڏينهن لائي،
ڪا سوڀل ڪي سمجهائي،
جيڏيون! منهنجي راڻل کي ڪا پاڃهه پوي!
١- ميڙ مڃان ٿي، ميندرا! تو در تيلاهي،
جيڏيون! ....

اچي ٿيءُ اسانجو، او والي ! وسيلو،
اُڙين جو تون آهين، سهارو سدائين.
ٻڌن جا ٻه ٻيڙا ....

٢- اُجهو آسرو، اوت آڌار تون ئي،
مصيبت ۾ مانجهي مددگار تون ئي،
ڇيڙ ٿين ته ڇولين منجهان ئي ڇڏائين.
ٻڌن جا ٻه ٻيڙا ...

٣- تون قدرت کي قادر! ڪرين جي اشارو،
ته وچ سير ٻڏجي پوي جڙ ڪنارو،
جي چاهين ته هن پار پل ۾ پڄائين.
ٻڌن جا ٻه ٻيڙا ...

٤- دکن جوئي درياهه، سنسار آهي،
مٿو موهه مِن لاءِ جڙ جار آهي،
ڪرين مهر مالڪ، ته ممتا مٽائين.
ٻڌن جا ٻه ٻيڙا ...

(گوورڌن ڀارتي)

(٢٢٧)

پرديسين جي ڪهڙي ياري؟
رات رهي ڪن صبح تياري.
١- اُٺ ته آريءَ جام جا، ٻار ڪٽندا باري.
رات رهي ....

١- جوٽين وارا لعل اُڏايرا،
ڪيڏي ڪن ٽا ٽو در ڦيرا،
ٽنهنجي مهر اَمير فقير تي، پلئه پايان...
٢- آءٌ تنهنجي ٻانهي، تون منهنجو سائين،
ٻي واهن جو وسيلو تون آهين،
مان تہ جيئان ٿي ٽنهنجي اُڪير تي. پلئہ پايان...
٣- رانجهون چوي هيءَ آس آ منهنجي،
همت ڏي ڪريان شيوا ٽنهنجي،
چو نہ ناهي ڀروسو سرير تي. پلئہ پايان...

(٢٣١)

ٻيڙيءَ وارا اَدا ڙي مهاڻا، لال تي ٿي وڃان،
لال تي ٿي وڃان مان - آيا ڏينهن سياڳا چڱا.
١- جوت جڳائيندي يس، پلئه به پائيندي يس،
ڦيرو پلا ڪيئن ڦڃان؟ ٻيڙيءَ وارا...
٢- عرض اگهائيندو، دير نہ لائيندو،
آس اها تہ اچا. ٻيڙيءَ وارا....
٣- جهوليون ڀريندو، ڏاڻ به ڏيندو،
مهر اها ٿي مڱان. ٻيڙيءَ وارا...
٤- ديڳيون ڏمائيندي يس، سيسا ورهائيندي يس،
ڇيڄون لڳائيندي يس ڇماه ٻيڙيءَ وارا...
٥- جي هو چاهي پار پڄائي، لهرن لي هان لمان.
ٻيڙيءَ وارا...

(٢٣٢)

ٽنهنجو ناٿو راڻا - مومل لہ سمجهاڻي!

١- منت منهنجي ميندرو، مان م موٽائي،
جيڏيون! ....
٣- ڦٽيل مينهن فراق جا، وينئي وسائي،
جيڏيون! ...
٤- ٻولڻا لطيف چئي شل ٻير مٽيءِ ڏي پائي،
جيڏيون! ...

(٢٢٩)

منهنجا مارو ڪٿي ۽ ملير ڪٿي،
آندو هاء ڇڪي، تقدير ڪٿي.
١- ديسي دوست مٺي ويا، ڌاريا سيڻ ڪري،
آهي موت ڪان وڌ، پنهنجو ملڪ ڇڏڻ،
جن ڪان ديس ويو تنجو کهڙو جيئڻ،
ايندي ساهه سڙيل ڪي سڌ ٻر ڪٿي.
منهنجا مارو ڪٿي ...
٢- موٽي ماڳه وڃڻ آهي ڳالهه ڳري،
ويندين ملڪ اباڻي ڏي شال وري،
ڏسي مارُوئڙا پوندا نيڻ ٺري،
داتا ڪين ڪندو دلگير ڪٿي.
منهنجا مارو ڪٿي ....

(٢٣٠)

منهنجي ٻيڙي انهي وچ سير لي.
پلئه پايان ٿي مان زندهه پير ٿي.

٥- ڀڃي پڃريءَ جو ڪونج اُڏاڻي،
دک ۾ پاتي روح نجات! نيٺين ندب ...

(نارائڻ شيام)

(٢٣٤)

١- نٿين آهه نت ناز وارن جي ٻولي،
نگاهن ادائن، اشارن جي ٻولي!
٢- نه سمجهي سگهيو ٻيو ڪوئي حسن ڌاران،
تمنا ڀري نيڻن وارن جي ٻولي!
٣- مٺي آهه ڪوئل جي ڪُو ڪُو مٺي آهه،
مٺي آهي سچ ٻيقرارن جي ٻولي!
٤- لکيل چاهي لالا جي هرهڪ ورق تي،
پڙهي ڀي ڪوئي داغدارن جي ٻولي!
٥- مٽيءَ جي ذرن جو نه ڪجهه راز سل ٿون،
ڏکي ناهي سمجهڻ ستارن جي ٻولي!
٦- خزان حال اوري نه ڪنهن سان اوري،
سپيٽي جي سکيا بهارن جي ٻولي!
٧- الا! ائين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي.
نه هجي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

(٢٣٥)

رکي رکي نه ائين نيڻ اشڪبار ڪريو،
ڳهائي لڙڪ نه دامن کي داغدار ڪريو.
١- ڪِلن ٿا ڦول رنگين هر بهار ۾ هر سوُ،

١- کير پريا جي هٿڙا - اڄ سي هنجن هاڻا،
مومل لئه سمجهائي !
٢- پؤنر پنيوليا جن ٿي - سي نه ڪنوَر ڪوماڻا،
مومل لئه سمجهائي !
٣- سانگه ڏسي سؤمل جو - ڳريا نيڻ نماڻا،
مومل لئه سمجهائي !
٤- ماڻن جي ماڳن ٿي - ورهه وسايا پاڻا،
مومل لئه سمجهائي !
٥- ڪالهه پڇايو جن ٿي - اڄ ٿن لاءِ پڇاڻا،
مومل لئه سمجهائي !
(نارائڻ شيام)

(٢٣٣)

لڇندي گهاريم ساري رات -
نيڻين ننڊ نه جهالي پاتي .
١- سهڻي پونم رات سرءُ جي،
جاڳي جيءُ اندر جذبات! نيڻين ننڊ ...
٢- چانڊوڪيءَ کي چاليءَ لائي،
جاڳيس پئي مان ساري رات! نيڻين ننڊ...
٣- دل ۾ اڻ ٽڻ لائي وئي،
ان ڪوڙڻ جي سهڻي هات! نيڻين ننڊ ...
٤- گهوري پيڙ اسيم سهائي،
جيءُ ۾ جهوري تن ۾ تات! نيڻين ننڊ ....

(٢٣٧)

کھڙو ٿيو گناهہ پرين ٿٿين پري پري ،
اکڙين کي انتظار ستائي ذري ذري .

١- ککرن جي کارونڀار ۾ غائب ٿي روشني ،
ڪيئن چنڊ بن چڪور جو پل پي سري سري .

٢- صدقي وڃان سڄڻ سؤ وار تنهنجي نانوَ تان ،
هڪ وار مونکي جي اچين پيرا پري پري .

٣- دل جو لٽي قرار ڪري بي قرار وئين ،
دل ۾ دکي تو درد جو دونهون هري هري .

٤- نبهي اَچم نينهن جو ناتو ڌٽي ڪري ،
اچ اوچتو ئي اوچتو اک ٿي ڦري ڦري .

(رام پنجواڻي)

(٢٣٨)

نماڻن سان نہ رُس سهڻا ،
رسي وهندين نہ چا ٿيندو!
ڪڍي ڪاوڙ ڏيئي معافي ،
اگر ايندين نہ چا ٿيندو!

١- نہ ڪر ڪاوڙ ، نہ ڪر ماڻو ،
نہ ڏي دڙڪا ، نہ رس مونسان ،
گھٽين ۾ خون عاشق جو ،
وهائيندين نہ چا ٿيندو! نماڻن ....

٢- خطا مون کئي مهڙ مونڏي ،

چمن ۾ پاڻي خزان گل جو انتظار ڪريو.
٢- جيئو ٻين لاءِ جيئو ۽ ڏيو ته جان ڏيو،
هِتي هُتي ۽ هِن هُن تي دل نثار ڪريو.
٣- دلين ۾ پيڙ، بدن ۾ پيڙ، فضا ۾ گُهٽ،
ڏيو ڪي ٺهڪ، هوائن جو هلڪو بار ڪريو.
٤- هزارين پياس ڪٺي پيار جي پڪارين ٿا،
نگهه نگهه تي ڇوي پيار ڪريو پيار ڪريو.
٥- جلائي شوق جون شمعون وڏو ته رات ڪٽي،
قدم قدم تي اُسر جو نه انتظار ڪريو.

(موتي پرڪاش)

(٢٣٦)

آهي پرين اندر ۾، باقي حجاب ڪهڙو!
پردو پيو پڌر ۾، باقي نقاب ڪهڙو!
١- پيدا ٿيو آ آدم، صورت مهجهان الاهي،
سمايو آ سڀ ۾، باقي خراب ڪهڙو!
آهي پرين ....
٢- دلبر جا داب ڏڙڪا، جيتر آهي جدائي،
وسي تو نور نظر ۾، باقي ثواب ڪهڙو!
آهي پرين ....
٣- شاهي وو شاهه ولايت واري وجائي وحدت،
بالا پرين بشر ۾ باقي نواب ڪهڙو!
آهي پرين ...

٢- ساهه پنهنجي جو ناهي سانگو،
ٽوڙي هجي پل رستو اڙانگو،
ٽار هجي يا پاڻي ٽانگهو،
هجي ڪٽي درياهه ڌڌڪار. هل ڙي گهڙا ...
٣- منڙا گهڙا ڇڏ بي پرواهي،
محب ملڻ جي ڪر ڪا وائي،
ايڏي نه ڪر تون دير اجائي،
جيڏو ملاڻ شل مان مختار. هل ڙي گهڙا ....

(٢٤٠)

طرز :- پيري پوند پساڻ چوند پساڻ.
ٻولهه :- دکه ملڻو آ، سکه ملڻو آ،
ڪرمن جي انوسار ري ....
١- پاپ جي موجب ڪيس پر،
ڦل ڦرڻو آ، گل ڪرڻو آ.
٢- ڪرمن اڳيان ڪنهن سندو،
زور نه هلڻو آ، چارو نه چلڻو آ.
٣- هڪ جي بدلي ٻئي ڪنهين،
ٻول نه ٻدلڻو آ، پول نه پلڻو آ.
٤- ڪو ڪجهه لکيل ڪرم پر،
ٽيڏون نه ٽلڻو آ، جهوليءَ جهلڻو آ.
ڪرمن جي انوسار ري.

تون بي عيب، تون بي ڏوهي،
پلئه پائي ڪريان زاري،
جي بخشيندين نه ڇا ٿيندو! نماڻن ....
٣- لوڌارين جي سوين پيرا،
نه در ڇڏيو آ مون تنهنجو،
وٺي هيءَ ٻانهن ٻانهيءَ،
سنڀاليندين نه ڇا ٿيندو! نماڻن ...
٤- جي تون بيدل نه مان بيڪس،
جي تون سائين نه مان ٻانهون،
سڪايل کي سڏي سهڻا،
وهاريندين نه ڇا ٿيندو! نماڻن سان ...

(٢٣٩)

هل هل ڙي گهوڙا، ٻڌ ٻڌ ڙي گهوڙا،
گهوڙا پيارا، جيءَ جيارا، منهنجو تون آڌار،
مونسان هلندين، ڪين ڇڏيندين،
ڪين ڪندين انڪار،
ڦيري ڪُنن مان تار- هل ڙي گهوڙا جتي محب ميهار،
هل هل ڙي ...
١- ميهر ڏي مونکي وڃڻو آهي،
محب پنهنجي سان ملڻو آهي،
هتڙي هاڻي رهڻو ناهي،
پار پڄائي پرينءَ پار، هل ڙي گهوڙا ....

ڪانءُ وٺي چٺي - هاءِ ڪُٺي ڙي ....

١- گهڻو من کي چيم - من ڪين مڃيم،
او ڏيان ڏوهه ڪنهن کي - مون نه پاڻ سان ڪئي.
ڪُٺي ڙي ...

٢- ڏسي اکين ۾ پيار - چڙهي ويو جو خمار،
دل وڃي ڪنهن جي - ڪل ڪانه ڪا پئي.
ڪُٺي ڙي ....

٣- وٺي حيلا هلايان - وٺي ڪانگ اُڏايان،
پرين ويو پرديس - پر ڪين ويو چٺي.
ڪُٺي ڙي ...

٤- پنهنجو پيار لڪائي - ويو سڪ ۾ سڪائي،
هڪ ٻئي جي جدائيءَ ۾ تڙپن ٿا ٻئي،
هاءِ - ڪُٺي ڙي ....

(ارجن شاد)

(٢٤٣)

جيئي منهنجي سنڌ، مان نه گهوريان پنهنجي جند،
پنهنجي اباڻي وطن تان،
اباڻي وطن تان، سنڌ جي چمن تان ....

١- ڪيئن وساريان سنڌ جا نظارا،
ساڌ ٻيلي مهوڙي وارا،
چنب جون راتيون ۽ بهارا،
لعل جا پنجڙا ڳائيندڙ مهاڻا. جيئي منهنجي ....

(٢٤١)

ڦِپالي گهوٽ جو خط ڏيکار،
دل گهري لوڪي خرچي ڏيندس وٺ ريئو ڪلدار.

١- روز چوين خط لنهنجو ناهي،
سست نه منهنجو ساجن آهي،
دل ۾ آلائي لنهنجي ڇاهي؟
قياس ڪو دل ۾ ڌار. ڦِپالي...

٢- يل نه ڦِپالي ڪين ڪرين ٿو،
سرنامو سمجهي ڪين سگهين ٿو،
منهنجا خط ڇا بين کي ڏين ٿو؟
آهي ڪهڙو اسرار! ڦِپالي...

٣- سنگدل ايڏو ڇو ٿيو آهين،
شايد پيار کان واقف ناهين،
درد وارن جا خط ٿو رُلائين،
ڏاڍي انيئي سرڪار، ڦِپالي...

٤- مون وانگر ضيا ڪنهن سان لڳيئي،
لڳي هوويئي نه ڪل پويئي،
درد وارن لاء درد ٿئيئي،
وسري ويئي گهر بار. ڦِپالي...

(٢٤٢)

وِئي ڙي وَئي - دل ڪاڏي وَئي،
دل دل ڏي ويئي، دل ايندي وري يا نه وري،

جيئن تون ڪارائين، اُتي پيو پڇائين.
شڪر مُنهنجا ...

٤- مرضي نا گهرڻ ئي - چندو نا چرڻ ئي،
ڪيئن پيو گهمائين - سڀ سمجهان ٿو سائين.
شڪر مُنهنجا ....

(٢٤٥)

جيڪي ڏئي ڪري ٿو تنهن ۾ آهي چڱائي،
تنهن ۾ آ چڱائي، تنهن ۾ تنهنجي ڀلائي.

١- ساري جهان جو آ هڪڙو ئي هو ته مالڪ،
سڀني جي سڌ لهي ٿو دنيا جو پرتپالڪ،
پيءُ ٿي ڪري ٻچن جي ڪيئن چاهيندو برائي.
جيڪي ڏئي ...

٢- توکان وڏيڪ تنهنجو هن کي خيال آهي،
تنهنجو مگر اُنهيءَ ۾ پورو يقين ناهي،
توڪل جو پڌ تون ترهو سائين ڪندو سٺائي،
جيڪي ڏئي ....

٣- ڪنجهه ڪُرڪ ڪين آڻا ره صبر ۾ سدائين،
احسان مڃ الله جا سؤ سڪ توکي ڏنائين،
رب جي رضا ۾ راضي ره تون بندا سدائين.
جيڪي ڏئي ...

٢- صوفين سنتن جي آهي سنڌڙي،
مست فقيرن جي آهي سنڌڙي،
شاهہ سچل ساميءَ جو جت ڏيرو،
شال وڃان اُتہ آنءُ هڪ ڀيرو. جيئي منهنجي...

٣- مونکي جو ڏڙو جنهنجي نشاني،
جيڪو نہ سمجهي ڪري ٿو ناداني،
جيڪو سنڌ وسارڻ چاهي،
سچو سپوُت سو سنڌ جو ناهي. جيئي منهنجي...

٤- مارئيءَ وانگر ڀيو ٻاڏايان،
اَجها اَباڻا شال وسايان،
جهولڻ آشا ڪندو هيءَ پوري،
جهمريون پائيندس عمر سموري. جيئي منهنجي...

(٢٤٤)

شڪر منهنجا سائين، جيئن توڻ هلائين،
جيئن توڻ هلائين، وڏو وس وارو آهين.

١- تنهنجي هٿ ۾ ڏوري، ڪهڙي هلندي زوري،
جيڏانهن توڻ ڦيرائين، ڏاڍو زوراور آهين.
شڪر منهنجا...

٢- ڪٿ ٿي وهارين يا پٽ ٿي وهارين،
ماڻ ڪي وڌائين يا شان ڪي گهٽائين،
شڪر منهنجا...

٣- جتي اڪيل داڻو، ڪهڙو ڪريان ماڻو،

او واس رچائين هيٺن،
ته ڪنهن مهل ڪيٺن. ڪٿ آهين ...
٤- درياهه جي لهرن ۾ ڏسان مان،
گانئين سان گڏ ٻن ۾ ڏسان مان،
پر مان رانجهن پنهنجي من ۾ ڏسان مان،
او- او- منهنجا پيولٽا،
حاضر هر هنڌ هيٺن،
ته ڪنهن مهل ڪيٺن. ڪٿ آهين تون ...

(٢٤٧)

منهنجو ڪرشن آيو آ،
منهنجو موهن آيو آ،
جيل ۾ جنم وٺي مٿرا ۾ جايو آ.
١- مند ساونڻ جي آئي، هٿي اشٽمي اونداهي،
آيو ديهه ڌاري منهنجو سانولڙو سرداري،
منهنجو ڪرشن آيو آ ....
٢- واسديو ڪنڌي ڪاري، آيو گوڪل گرڌاري،
چرن ڇهي سکيون سير ڪهي ياري،
منهنجو ڪرشن ...
٣- اڏي ڪرشن ڏوليءَ ۾، يشودا جي جهوليءَ ۾،
ڪري لالڻ تو ليلا گوپين جي ٽوليءَ ۾،
منهنجو موهن آيو آ ....
٤- منهنجو ڪرشن شال جيئي، سنسار کي سکڙا ڏئي،

(٢٤٦)

طرز :- ڪنهن کي سور نہ ڪنهنکي پور.
ڪٿ آهين تون نندڙو بار،
ڪٿ ڪٽي جڳت جو بار، من موهن
تنهنجا کيل عجب آهن هيئن نہ ڪنهن مهل ڪيئن.
١- ماتا يشودا جو آهين پيارو،
نند بابا جو آهين دلارو،
پر آهين ڪجھ ڪارو ڪارو،
او منهنجا ٻولڙا،
مکڻ چورائين هيئن، نہ ڪنهن
مهل ڪيئن نہ ڪنهن مهل ڪيئن.
ڪٿ آهين ...
٢- ميران کي مستانو ڪيو تو،
دروپديءَ جي لاج رکي تو،
نامي ڀڳت کي ڀي تاري ڇڏيو تو،
او- او- منهنجا ٻولڙا،
اڙي گيت ٻڌائين هيئن،
نہ ڪنهن مهل ڪيئن. ڪٿ آهين ....
٣- پاپين جي تون پاڙ پٽين تو،
ڪنس جهڙن کي ناس ڪرين تو،
ڀڳتن جي تون رکشا ڪرين تو،
او- او- منهنجا ٻولڙا،

وڃي هوت سان هم راز ٿيان ،
انهيءَ دم هليو پنهنجي يار ڏي ؛
ٿي پکي ....
٣- قسمت ڪميڻيءَ جاڙ ڪئي ،
جنهن دل وڇوڙي ڌار ڪئي ،
نڪا هوت مٽيءَ جي سار ڪئي ،
پيو پنڌ پرينءَ جي پار ڏي. ٿي پکي ...
٣- جان محمد راتيان ڏينهان ،
جنهن کيا ڪئين خطرا نوان ،
ناقص نصيبن کي چوان ،
ڪنهنکي منجان منٺار ڏي ؛
ٿي پکي اڏري ....

(٢٥٠)

او راڻو ماڻا جو!

ڻار ماڻا ڻار ، پنهنجي ٻچن کي ڻار ،
اَما ڏاڻ ڏيندينءَ ، ديلاوان ٿيندينءَ ،
ڏ نڙا ڏوهه منهنجا معاف ڪندينءَ ،
او جيجل تو شرن تو شام ،
هيءَ لڪ لنگهي ٻچا پوندم پار ؛
١- اَما! هيٺ نه ماڙي ، مٿي نه ماڙي ،
وچ ماڙيءَ م چڪو ،
اورل جا آيم ، جيجل جا آيم ،

ڀولاڄ ڀريمين سان ڪلي، ڪٿ ٿي ڪير پيئي،
منهنجو ڪرشن آيو آ ...

(٢٤٨)

لولي لعل لولي، ڏيانءِ لعل لولي،
وڏي عمر ماڻيندين، تون ماڻي آلولي.

١- هندورن ۾ جهولين تون سدا سهج ماڻين،
راجا هٿي شل پٽ راڻي آڻين،
هلي تنهنجي چنچ سان، او پرين جي ڪا ٻولي.
لولي لعل لولي ...

٢- تنهنجي بخت جو شال چمڪي ستارو،
جهڪي تنهنجي قدمن ۾ هر شان وارو،
تنهنجي در تي قسمت اچي پاڻ گولي.
لولي لعل لولي ...

٣- ڪندين ديش شيوا وڏو وير ٿيندين،
ڪٽب ملڪ پنهنجي ڪي اوڪيءَ ۾ ايندين،
اڳهائي ڏٺي شال هيءَ منهنجي ٻولي.
لولي لعل لولي ...
(پرسرام 'ضيا')

(٢٤٩)

اچي پکي اُڏري وڃان،
هڪدم هليو پنهنجي يار ڏي.

١- دل ٿي چوي جيڪر باز ٿيان،
ڪي پر ٻڌي پرواز ڪيان،

٨- اَما! نديءَ ڪناري ننڊ پيسانءِ،
ٻيڙا ڏوئي مان ونڊ پيسانءِ،
سنڌور جا تلڪ ڏيارينڊ پيسانءِ،
تنهن کان پوءِ ڇڏينڊ پيسانءِ. او جيجل ...
٩- اَما! سينڌ پرائي گهر ۾ او جيجل،
سوڀل ڪر سعيو،
نوين لکين جو ڏاج ڏنائين،
ڏيهه ڏسڻ آيو. او جيجل ...
١٠- اَما! جوڙو جوڙو ڪري جڳ کي ڏنائين،
پورهيت گهري ٻڙو،
اَما! پورهيت ڇوي مان ٻڙو نه ونڊيس،
گرياٽي گهري جوڙو. او جيجل ...
١١- اَما! آئي ٿم گهر ۾ ڙي جيجل،
کهڙي ڪريان مزماني،
پاس پٿرا ٿڌڙا لولا جند ڪريان قربان. جيجل ...
١٢- اَما! گانيون ٻه ڏنڙيئم،
مينهون ٻه ڏنڙيئم،
چاڏيءَ ولوڙيان ڏڌ،
مديي ته تنهنجي موتين مڙهيل،
ڪيان گلابي پٽُ. او جيجل ....
١٣- اَما! نڪا ٿون جائينءَ، نڪا ٿون نپنينءَ،
کهڙي ماءُ ٿوکي جڻيو،

ڏنائين سنڌور جو ٽڪو. او جيجل ....

٢- شڪارپور جون ڇوڪريون ،
توکي مائي مائي ڪن ،
اما! ڪير ڪنوارا هٿن ۾ ،
ماتا ٻڪنديون تو در اچن. او جيجل ....

٣- اما! ڪوٽ پريان جو ڪونڙي ،
جيجل تنهن پريان ڪاهي ،
هنگلاج ۾ تنهنجو درشن ٿيڙو ،
سيوهڻ ۾ تنهنجي ساک. او جيجل ....

۴- ڇٻوترو ڇوڳان ۾، اما! ٿلي ٿلي تنهنجو ٿانءُ ،
اما اکا ٻه وجهنديس پيري ۾ پونديس ،
اول درشن پوء دان . او جيجل....

٥- اما! سينڌر جي ڏاڙهي ، سوڍل جون ميان ،
آنءُ وڃي ديويءَ کان واٽون پڇان . او جيجل ...

٦- اما! نينگر نهائينءَ وچ ۾ ڙي جيجل ،
ٻلي رکيا تم ٻار ،
اما! تاءُ نه ڏينديءَ تن کي ڙي جيجل ،
سباجهڙي نه ستار ، ڙي جيجل تو شرن ...

٧- اما! ترشول تنهنجي هٿ ۾ ،
اما! شينهن تي تنهنجي سواري ،
مٿڪ مٿي تي، ڪنڊل ڪن ۾ ،
شويا تنهنجي نياري. او جيجل تو شرن ....

گهمي جو ايندو جيڏن سان،
مائي! تنهنجو ملير. او جيجل ....
٢٠- ماسڙ مڇاور، پٽس سخي،
ڏاڏهنس ورهائيندو ڏن جي ڏکي،
ڏن جي ڏکيءَ مان لوڪ ورهائي،
لوڪن ڏني چندي چلي جي واڌائي. او جيجل ...
٢١- باس ڏي باسيان تنهنجي در ڏي،
ڏيئي رئي کي ڳنڍ. ڙي جيجل ....

ڏوهيڙو:-
(٢٥١)

١- " اُئين م هوءِ، جيئن آءُ مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
کهڙي وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا."
٢- " پرهه قتندي قال، وتم ويڙهيچن جا،
وُنا ميٺهن ملير ڏي، مارن چاڙهيا مال،
حيف منهنجي حال، مند ساريو نه مران."

ڪلام:-

منهنجي لاءِ آباڻا رنا ڪيئن نه هوندا،
پلوَ پاند تن جا پنا ڪيئن نه هوندا،
دامن تنين جا، پنا ڪيئن نه هوندا.
١- منهنجا ڪيت مارو، ناهن معياري،
تنهنجي ڊاوَ ڊپ ڪان ڊنا ڪيئن نه هوندا،
منهنجي لاءِ آباڻا ...

پرميشور مونکي پيدا ڪيڙو ،
موهن مکه منجهان . او جيجل ....
١٤- خانچند واري کوهه تي ڙي جيجل،
ڏيوي ڏندڻ ڪري ،
سونو لوٽو هٿ ۾ ڙي جيجل ،
خئر جا چنبڙا هٿي . او جيجل ....
١٥- اما ! بچڙو وڏو ٿم تنهنجي لڏي ،
ڏائين ڏوئين وتنديسانء جڳه ڪان اڳي. او جيجل...
١٦- شڪارپور جون چوڪريون ،
مائي گڏ تنهنجا ڳائين ،
کنب پتاشا ماکيون مصريون ، ڪائين ڪارائين ،
او جيجل ...
١٧- پوچو پائي پٽ تي سرهيون ،
اگر بتيون باريان ،
جيء تون آئين نچ لون آئين ،
گهر ٿي سينگاريان . او جيجل ....
١٨- ڪيمل واري کوهه تان ڙي جيجل ،
ڪٽي اچان ٿي جل ،
چندا هٿان ٿي چوڪر ڪي مان ،
ڏيندي ينء تنهن ڪي بل . او جيجل ...
١٩- نندڙو آهي وڏڙو جو ليندو ،
مائي تنهنجو چيلو،

٢- اُٿي اَسر ويل جو،
او پرهه ڦٽي پرڀات ٿي اَديون،
جت نه زوراور ....

٣- اَديون شاهه لطيف چوي،
او ڏاڍو ڏينهن ڏات ٿي اَديون،
جت نه زوراور ...

(٢٥٣)

ڏوهيڙو :-

" سڄڻ! تنهنجي سڪ ۾، سڪان سارو ڏينهن،
محبت وارو ميٺهن، ويٺو روز وسايان "

سڪندي سال ٿيا، ٿيندس نيٺ چري،
ويندس مفت مري .

١- ڏاڙي ڦري وري ويئين وساري،
تارا ٽڪي پيا، ٽوڏي نهاري،
ڳڻتين منجهه ڳري - ويندس مفت مري .

٢- قرب جا ڪوڙين ڪانگ اُڏايم،
آب اکين مان ويهي وهايم،
ڌاڙي درد ڀري - ويندس مفت مري .

٣- طالب مولا! ڪان نه پري ٿي،
منهنجي ته تو ريءَ ڪانه سري ٿي،
تنهنجي ڪيئن سري - ويندس مفت مري .

ڏوهيڙو :-

” آڻين ۽ چاڙهين، ڏٽ ڏيهاڻي سومرا،
سَٽا ڪيو، سيد چئي، سائون سڪائين،
منجهان لنب لطيف چئي، چانر ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نه پاڙين، عمر! آراڙيءَ سين. “

٢- ڪيم ڏوهه ڪهڙو، پلئه ڪوٽ پيڙو،
ڪارا ويس تن وو ڪيا ڪيئن نه هوندا،
منهنجي لاءِ آباڻا ...

ڏوهيڙو :-

” ماڙين ماريس ڪين ڪي، مِيس مارن لاءِ،
ڪر لهندا ڪڏهن منهنجي هاءِ،
سانگيئڙن سداءِ، وينو واجهه وجهي هنيون. “

٣- اها آس اٿم، ملان شال مارن،
نياپا مون ڏي ڪيا ڪيئن نه هوندا،
منهنجي لاءِ آباڻا ....

(٢٥٢)

جت نه زوراور ذات اَديون،
منهنجو پنهل وٺي ويا راهه اَديون.

١- ڏيندي پس ماس مرن ڪي،
اوڪٽي نه ڏيو مونکي ڪاهه ڙي اَديون،
جت نه زوراور ...

٢- پَتُ نہ پھريندِيس ، وڳا نہ وٽن شال جيوين ،
لوئي اباڻي ٿم ليڙ • جيڏيون ...
٣- اَڏيون شاهہ لطيف چوي ،
حامي ٿيندء پير • جيڏيون ....

ڏوهيڙو :-

” محبت جي ميدان ۾ ، سر جو سانگہ م ڪر ،
لاهي سر لطيف چوي ، دوستن اڳيان ڌر ،
عشق نانگہ اَبِر ، خبر ڪاڌن ڪي پوي • “

(٢٥٦)

يار سڄڻ جي فراقئون ماري •
١- در دوستن جي ڪي جي هوندا ،
مون جيها مشتاق ميان • يار سڄڻ ...
٢- جاڻي ڪاڻي محبوبن جي ،
آهي حسن جي هاڪ • يار سڄڻ ....
٣- شاهہ لطيف چوي پرين اسانجو ،
هميشهہ حسناڪ • يار سڄڻ ...

(٢٥٤)

دل ڪيئن دوست وساريئه ،
وڇڙي ڪونج ولر ڪان ،
پيئي ٿي روز پڪاري. دل ڪيئن دوست ...
١- پايان پلوَ نه پرچي ،
ڪنهن ڪان ڪين ڪي سرچي ،
ويئي راڄ روئاري ـ دل ڪيئن دوست ...
٢- ڏاڍو روئي رڙي ٿي ، مونسان ڪين ٿهي ٿي ،
پيئي ٿي زهر پيئان، دل ڪيئن دوست وساريئه ،
ڏوهيڙو :-
” جهڙا هئا رات ، اڄ نه اهڙا سهرين ،
مونکان منهن مٽي ويا پره ڦٽي پرڀات ،
حمل هجن حيات ، مان نه مون ملن . “
٣- نيل گهري ٿي - جڙ ڪا پاهه پري ٿي ،
پاهڻ پٽي ٿي پگهاري - دل ڪيئن دوست....
٤- بيوس ڳالهه ڳري آ ، دل ڪٽي چاهه چري آ ،
ماري نينهن نظاري - دل ڪيئن دوست وساريئه .

(٢٥٥)

منهنجو ملڪ ملير ،
او جيڏيون مان ڪيئن وساريان .
١- مکڙ ماکيون ، ڪاڄ ڪنين جو ڦل جيون ،
او ڪائن ڪنڊون ڪير . جيڏيون ....

(٢٥٨)

ڏنو راءِ ڏياچ ميان،
هيءُ سر صاحب تان صدقو.

١- ڇڏي هليو هٿين، راڻيون پنهنجا راڄ وو ميان،
ڏنو راءِ ڏياچ ....

٢- مڱڻ ورتو مڱڻي، ڪهي سان ڪُماچ وو ميان،
ڏنو راءِ ڏياچ ....

٣- اَڏيون شاهه لطيف چوي،
ٿيس ڪم سُڪاج ميان،
ڏنو راءِ ڏياچ ...

(٢٥٩)

سنڌي سدائين آباد رهو،
جٿي هجو شال شاد رهو.

١- پيار سان سڀ ڪي پنهنجو بڻايو،
قوم پنهنجيءَ جو شان وڌايو،
وسيون ۽ ميلا ملهائيندا رهو. سنڌي سدائين...

٢- سهڻا آهيو قرب ڪمايو،
مهل تي ملڪ جي عزت بچايو،
ديش سان دلڙي لڳائيندا رهو. سنڌي سدائين...

(٢٥٧)

كات قريبن جي اڳيان ،
ڪنهن ڪين ڪي چا ٻڌايان ؟
١- اَڪَ نه ڏنگيري ، ڪَرَ نه گهٽيدرا ميان ،
سرتين جهڙي مان ناهيان. ڪنهن ڪين ڪي ...

ڏوهيڙو :-

" سُتُ اُنهيءَ جو سڦرو ، جي ڀر ڀر ڀڃائين ،
آواز اَرٽ جو ، ساهه نه سٽائين ،
لڪايو لطيف چوي ، ڪنبيو ڪتائين ،
جي ماڪ موٽائين ، ڀوه ملهه مهانگو اُن جو. "
٢- چرخو چندن جو ، عاج جو ڀلو ميان ،
چرخي سان چت نه لايان. ڪنهن ڪين ....
٣- سرتيون شاهه لطيف چوي ميان ،
پاند ڳچيءَ ڳل پايان. ڪنهن ڪين ...

ڏوهيڙو :-

" جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾ ، ڪو عطائي آيو ،
تنهن ڪامل ڪيڏي ڪيترو ويهي وڄايو ،
شهر سڄو ئي سُر سڻن ، لعل ن لڀايو ،
دايون در مانديون ٿيون ، ٻاڻ ٻاڏايو ،
ٻيجل ٻولايو ، نه آهيان سوالي سر جو. "

(٢٦١)

آنديءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي !
مٽيءَ مان سون بڻائڻ وارا سنڌي !

١- شاهه ، سچل، ساميءَ جي ورثي وارا،
نس نس ۾ جن جي وهي ٿي سنڌو ڌارا،
ٿا رهن ملير ۾ ماروئڙا،
جهر ۽ جهنگل ۾ جهانگيئڙا،
ٻرپٽ کي باغ بڻائڻ وارا سنڌي ! آنديءَ ۾ ...

٢- پريم ڀاوَ، ايڪي سان رهندا جڳ ۾،
محنت جو ڀاوُ ڀريل جن جي رڳ رڳ ۾،
سڀني سان پريم وڌائيندا،
ڪجهه ڏيندا ۽ ڪجهه پائيندا،
سنسار ۾ پريم وڌائڻ وارا سنڌي !
آنديءَ ۾ جوت ...

٣- بينگال ۾ رهندا ۽ سکندا بينگالي ،
ڪيرل ۾ رهندا ۽ سکندا مليالي ،
گجرات ۾ سکندا گجراتي ،
نه ته اَمر سدا سنڌي جاتي ،
سنڌيءَ سان نينهن نڀائڻ وارا سنڌي !
آنديءَ ۾ جوت ...

٤- موهن جي دڙي جيان دٻجي اوچا رهندا،
طوفان، زلزلا، سور ۽ سختيون سهندا،

٣- ذات پاڪ جو پيد مٺايو،
فخر سان سيئي سنڌي سڏايو،
رتن کي پرچائيندا رهو. سنڌي سدائين ....
٤- رانجهن جو هيءُ عرض اگهايو،
مٺان پنهنجي ٻوليءَ کي پلايو،
سنڌيت جي جوت جڳائيندا رهو.
سنڌي سدائين آباد رهو...

(٢٦٠)

اسان جا ڪارج ڪرڻ جهولي لعل آيو آ،
امر لعل آيو آ- اُڏيرو لعل آيو آ.
١- لڪشمي نارائڻ نارد مني آيا،
ساڌن سنتن پيرا گهمايا،
دکڙا لاهڻ داتار آيو آ. اسانجا ڪارج ...
٢- راڻيون نه آيون، ٻانهيون به آيون،
هٿڙا جوڙي جهوليون ڦهلايون،
مهر جا مينهڙا وسائڻ آيو آ. اسانجا ڪارج ....
٣- پير فقير ۽ فرشتا پڻ آيا،
رانجهن لعل اچي پال پلايا،
آسون سڀ جون پڄائڻ آيو آ،
امر لعل آيو آ. جهولي لعل آيو آ.
اسان جا ڪارج ڪرڻ جهولي لعل آيو آ.

پنهنجي پرينءَ جو پيار ملي،
دل گھريو دلدار ملي،
گلن سندو گلزار ملي،
ٻار سان گڏجي يار ملي،
سنڌين جا ميلا ...

او منهنجا يار سنڌي، گلي گلزار سنڌي.
من جا ٺار سنڌي، دل جا دلدار سنڌي.
دنيا جي گليءَ گليءَ ۾، ڪن ٿا واپار سنڌي.
سهڻن ۾ سهڻي سنڌ، سهڻا ميهار سنڌي.
او دلدار- او وفادار سنڌي.

(٢٦٣)

شيام هٿ پچڪاري، ٻوڙي پسايم ساري!
١- ڏينهن سس سؤ ڏوراپا،
ٻوڙيءَ لي ٿيا ڪيئن هيءُ چاپا؟
کهڙي منهن سان ڪيس سٽايان،
تنهنجي شرارت پياري. شيام هٿي ...
٢- رنگ ۾ تنهنجا گھاٽا آهن،
جلد لهڻ جا هرگز ناهن،
ٻولي پنهنجي ڌوئندي،
ڪنهن جندڙي ساري! شيام هٿي ....
٣- گوپيءَ گوپيءَ جي چوليءَ تي،
رنگ هٿين، ٿون هر هوليءَ تي،

هيمون ۽ جيان ڦاسي کائيندا
هي ڪڏندي ڪنڌ ڪپائڻ وارا سنڌي !
آنڌي ۽ ٻر جوش جڳائڻ وارا سنڌي .

موتي - پرڪاش

(٢٦٢)

ٿوهيڙو :-
"سنڌ هجي يا هند هجي، ڪٿي ٻہ کھڙي مند هجي،
منهن هجي يا مندر هجي، ڪليل هجي يا بند هجي."
سنڌين جا ميلا - او ميلا لڳندا ئي رهندا
سکر سڪندرآباد هجي، بمبئي حيدرآباد هجي،
گانڌيڌام جي ياد هجي ۽ سهڻي هيراباد هجي.
سنڌين جا ميلا - ميلا ....

ٿوهيڙو :-
"ميلي جي مستي ڏسي، اڄ سنڌ اچي ٿي ياد،
پيار سنڌين جو ڏسي، دل ٿو نہ ٿئي آباد."
ا- دور نہ ڪا منزل هجي، موج هجي ڪل ڪل هجي،
مٿل ٻہ ڪا محفل هجي،
هر دل سان ملبل هر دل هجي.
سنڌين جا ميلا...

ٿوهيڙو :-
"جهولي لعل جي در تي، آهي سڀني جي هيءَ آس،
جڳ ۾ سڀ جو ڀلو ٿئي، ٿئي ڪوئي ڪين نراس."

(٢٦٦)

شال نہ وسارين، مارُو مونکي شال نہ وسارين،
درد جنين جو آهي دل کي.

١- اُنئي ڀير اوڙهون، نيڻ ٿا نهارين،
٢- ڦوهن ڦنوهر پانهنجا، ويجها وهارين،
٣- جوڙ اسانجا جهوپڙا، ماڙيون ٽيون مارين،
٤- سنگهارن جون ساهہ کي، ڳالهيون ٽيون ڳارين،
٥- سچُو سارين جنکي، سي ئي تو سارين.

(٢٦٧)

دادلا! دامن سندم کي، تون نہ ڇا ميرو کندين؟
حاسدن ڀيڙو کري ڇا ٻند تون ڀيرو کندين؟

١- تون ئي مالڪ آن دلين جو،
ڄاڻ سڀ ڄاڻين تہ تو،
ڪين ڏيئي ڪا گواهي، پوءِ تون پيرو کندين؟
٢- حڪم تنهنجي تي هلي،
سڀ جي ڪئي مون چاڪري،
احسان - فراموش مٿان ڇا،
تون نہ ڪو گهيرو کندين؟
٣- حال تنهنجو هي رهيو، پو ڀيروي ڇا ڪو کندو،
تون نہ پيارن جي مٿان جي فضل جو ڦيرو کندين.
٤- تنهنجون شيطانن مٿان ئي رحمتون رہ ٿيون ٿهن،
ڇا سڦل؟ دل جو جيسين دور انڌيرو کندين.

چنڪري هر چولي ٻٽائي ،
ڇڏين ٿو شيام مراري ! شيام هٽي ...
واسديو "نرمل"

(٢٦٤)

مونکي نه وسار، وو ٻه وليا ،
آءٌ تا تنهنجڙي آهيان .
١- نانوَ سائينءَ جي اسان نماڻن ڏي ،
ڪٽي تون نيڻ نهار ،
آءٌ نه تنهنجڙي ....
٢- پرين وڙئون پانهنجي، گڏ غريب گذار ،
٣- ڪيوَ اسان سان سچ پيار، پنهنجا واعدا پاڙ ،
٤- اگر اسانجي سگهو ڪي ايندين ،
والي سو کهڙيءَ وار ،
٥- در پنهنجي جو دلبر سائين ،
سچو سو سک سنيار .

(٢٦٥)

پٽي پيش پرين کي پاڻ ،
آءٌ چوندي هلي حال هي .
١- تو ڏٺون آهي مينڌرا، ڪاڪ ساري قرباڻ ،
٢- دل کي ديوانو ڪيو، هيڪر تنهنجي پاڻ ،
٣- ناميا ! ڏس زنگ ڏي، آءٌ تا تيس اُجاڻ ،
٤- آندم هيت عتاب (مهڻي) جي، سچو پنهنجيءَ جاڻ .

جي عمر هزارين سال هجي ،
نه ته توڙو نه هڪڙو لاهيندس .
٢- منهنجي اکڙين ۾ تي ويهه متا ،
جيئن توکي ڏسي نه ڏيهه متا
مان واري ڏکيان تو ڏولڻ کي ،
۽ لوڪ کان پيئي لڪائيندس .
٣- تو لئه دل ۾ جاء بڻائي اٿم ،
تنهن ۾ سرهي سيج وڇائي اٿم ،
اُنهيءَ سيج مٿي او سانوَلڙا ،
هي وار وڏي نه وڇائيندس .
٤- ڪو دردمنديءَ جو داد اَلا !
سڄڻ ميرل جو فرياد اَلا !
مان ڪين ڇڏيندس در تنهنجو ،
پئي در تي دلبر دانهيندس .

(٢٧٠)

جڳ جڳ جيوين منهنجا جهولڻ سائين،
ميلا تنهنجا لڳن سدائين ،
ويڙها تنهنجا وسن سدائين ،
جوتيون تنهنجون جڳن سدائين ،
مندر تنهنجا وسن سدائين،
هيڻن جو تون حامي آهين ،
۽ سخاوت جو سائين. جڳ جڳ جيوين ...
١- تنهنجي در تي آيو جو سوالي ،
ڪين وڃي سو هرگز خالي ،

٥- تون سڄا ڏي پل سڄا ڏي،
پر ساٿ سا ساڃاهه ڏي،
مان سڄا ٻه ٻئي مڙا ماڱيان، جي تون ڏيرو ڪندين.
(گوبند ڀاٽيه)

(٢٦٨)

صدقي توتان هزار ڀار ڪريان،
تون رهو ڇو نه ڇا نثار ڪريان.
١- اُف غم زندگي ڪڏهن نه ڇڏي!
زندگيءَ کي ڪڏهن نه پيار ڪريان.
٢- رات ٻي ڪافي گذري ويئي آ،
ڪيستائين مان انتظار ڪريان؟
٣- هن سان ٻولڻ جا پهه پچائي ٻي،
عين موقعي تي ڇو تو عار ڪريان؟
٤- ڪجهه نه ڇوڙڻ ڪان اڳيم سوچين ها،
تير ڪيئن تو جگر ڪسان پار ڪريان.
٥- جنهن نه پاڙيو ڪڏهن وچن نرمل،
مان ٻه ان تي تو اعتبار ڪريان!

(٢٦٩)

تنهنجا ڳڻ نه هزارين ڳائيندس؛
پاند ڳچيءَ ڳل ۾ پائيندس.
١- هي تورا سڄڻ کي تورا آهن،
هي تورا ڪڍڻ کان ڀورا آهن،

پوڄي دنيا ٿي ساري، وڃان تنهن تان ٻلهاري،
او نياري صورت جنهنجي، مورت جنهنجي
شڪل آ شاهاڻي
عرض اگهائي ...

٢- دل سان جو ڏيائي، گيت جهولڻ جا ڳائي،
جيڪو جوليون جڳائي سوئي لعلڻ کي ڀائي،
مٽائي مرض مصيبت، ڪري جا رحمت،
حالت سڃاڻي - عرض اگهائي ...

٣- جيڪو اچي سوالي، وڃي ڪين ڪڏهن خالي،
آهي دنيا جو والي، ڏسو جهولڻ جي لالي،
او نرالي مهما جنهنجي،
موتي تنهنجي لڪان ڇا ڪهاڻي،
عرض اگهائي ...

(٢٧٣)

سڄ سڄ چؤ تون قاصد ڪانگا،
ڏس تون مونکي حال پريانداء.

١- ڏيهه ڪهڙي منهنجو يار وسي ٿو،
مونکان جدا ڪنهن پار وسي ٿو،
درد ڦٽيا دل هاڻي اسانداء سڄ سڄ ...

٢- پيار پکيڙا جي تون جاڻين،
منهنجي دل جو درد پڇاڻين،
محب ٻڌا ٽيڙا من مانداء سڄ سڄ ...

ملڪ سڄي جو مالڪ سائين ،
بگڙي سڀ جي ٻيو تو بڻائين ،
اهڙو سهڻو دلاور آهين ،
هڪ لحظي ۾ تو دڪڙا لاهين • جڳ جڳ جيوين ...

٢- تو بن ناهي وسيلو سائين ،
تون ئي منهنجو حيلو آهين ،
ڪين ڇڏ ينديس ستگر سائين ،
آهي سهارو مون کي تنهنجو سدائين،
ڪونه ڀانيان ٿي تنهنجو ثاني ،
ڪر سڄڻ مشڪل آساني• جڳ جڳ ...

٣- صورت تنهنجي آهي صبحاني ،
نور تنهنجو آهي نوراني ،
سنگت جي ٻابا آس پڄائين ،
قائم هجين شل قيامت تائين ،
جيسين آهن سج چنڊ تارا ،
هڪ رهي تنهنجو نالو سدائين، جڳ جڳ جيوين ...

(٢٧١)

عرض اگهائي، دک درد مٽائي ،
ٻيڙا پار لڳائي سو ڪير ؟
منهنجو جهولڻ سائين - او منهنجو لعل سائين،
اڏيرو لعل رتناڻي - اڏيرو لعل رتناڻي.

١- پلي تي آهي سواري، جنهن جي صورت آهي نياري،

سنڌڙيءَ جا سردار جهولڻ،
دما دم مست قلندر، سخي شهباز قلندر.

١- لال اُڏيرو تنهنجو نالو،
سڪ وارن کي تنهنجو سهارو،
اڙين جا آڌار لعل سائين. صدقي صدقي ...

٢- جڳ جي آس پڄائڻ وارا،
بگڙيل بات بڻائڻ وارا،
ٻيڙو منهنجو تار لعل سائين. صدقي صدقي ...

٣- جهولي خالي آهيان سوالي،
ڀر تون دوله جڳ جا والي،
عالم جا آڌار لعل سائين. صدقي صدقي ...

(٢٧٥)

او لعل منهنجي پت رکجانءِ ڀلا جهولي لعلڻ،
سنڌڙيءَ جا، سيوهڻ جا، شهباز قلندر ...
دما دم ديگين وارا، ڇما ڇم ڇيڇين وارا.

١- چار چراغ تنهنجا ٻرن هميشهه،
پنجون مان ٻارڻ آئي آهيان.

٢- جنهن ۾ جهولڻ جي جوت جڳائي،
تن جا ڀرين ڀنڊار ڀلا.

٣- ٻيڙن جا ٻيڙو اچ تون وچ سير ۾،
نالي الک جي ٻيڙو تار.

٣- وڃ اُڏري جلدي ڪانگل،
پهچ اُنيءَ هارڻ هن پل،
جت وسندا هُجَن يار اسان‌دا. سچ سچ ...
(ڪومل)

(٢٧٣)

عاشق نام سڏاوڻ سؤکو،
اوکو نينهن نڀاوڻ آ.
راليان جاڳي ڳاوڻ سوکو، اوکو ڪنڌ ڪپاوڻ آ.
١- وڃ ميڙن مڇ مچاوڻ سوکو،
اوکو لال لياوڻ آ، عاشق نام ...
٢- ڏمبورو ڏال وڄائڻ سؤکو،
اوکو روح ريجهاوڻ آ، عاشق نام ...
٣- منطق منڙو منجهاوڻ سؤکو،
اوکو دلڙي ڏڏارڻ آ، عاشق نام ...
٤- فقيران شبد سڻاوڻ سؤکو،
اوکو اسم اُچارڻ آ، عاشق نام ...
٥- عالم نوري جيتڻ سؤکو،
اوکو وجود وڃاوڻ آ، عاشق نام ...

(٢٧٤)

صدقي صدقي لال جهولڻ،
جهولي جهولي لال جهولڻ،
سيوهڻ جا مهباز لال سائين،

٤- ماتائن جا جهولڻ جهول پرين تو،
نياڻين جا ڪرڻ پاڳه پلا. او لعل منهنجي ...

(٢٧٦)

سمرن ڪر ڏينهن رات منهنجا من،
سمرن ڪر ڏينهن رات.
سمرن سائينءَ جو ڪر تون سک سان،
ٻي نه ڪر ڪا ڳالهه منهنجا من،
سمرن ڪر ڏينهن رات منهنجا من.

١- سمرن سائينءَ جو سڀ سک ڏيندءِ،
دل جا ڪل سڀ ڪشٽ ڪٽيندءِ،
وري نه وڇهو ڪو سنڪٽ ايندءِ،
سدا رهين خوش حال منهنجا من، سمرن ...

٢- نيل ڌار جيون سمرن ڪر تون،
ڌيان ڪڇئون جيان دل ۾ ڌر تون،
هر هر ويهي نام اُچر تون،
وائي نه ٻي ڪا وات منهنجا من. سمرن ...

٣- ڪهي نِيئون سمرن جي راتي،
ستگر ڪان سک رکي پريتي،
نرمل نام جپڻ جي راتي،
ڏاتر جي آهي ڏات منهنجا من،
سمرن ڪر ڏينهن رات.

رڪ جهولڻ تي

گيت، غزل، پيهن ۽ ڪلام

چونڊ ڪندڙ: پارو چاولا

